انقلابي راهه

سلسليوار   شمارو نمبر ۴   سيپٽمبر ۸۸ع

سنڌ دوست انقلابي تنظيم

فهرست

صفحو نمبر

◊ اداريو:- ٢

◊ سنڌ قومي اتحاد
ء سنڌي-مهاجر فساد ٨

◊ پڌرنامو:-
÷ سنڌ جي قومي مسئلي جو تنقيدي جائزو ٢٢
÷ سنڌ اندر قومي تضاد جي ماهيت
(i) بنيادي تضاد
(ii) قومي تضاد ۽ اولين بنيادي تضاد ٣٤

◊ مارڪس ازم ۽ لينن ازم ۾ واڌارو "فدرمائوازم" يا مارڪس ازم لينن ازم مخالف نظريو ٣٥
÷ ايشيائي شڪل جو نظريو ٣٩

◊ اڻٿمي جنگ جو نظريو ٤٥

◊ ضياءَ جو موت ٥٧

ملهه: ست رپيا
(R.S:-7-00)

"اداريو"

"سنڌ قومي اتحاد" کان پوءِ جوڻيجو حڪومت جو خاتمو - "سنڌي مهاجر فساد" ۽ ٻيون تبديليون هڪ ئي سلسلي جون ڪڙيون آهن. ڇاڪاڻ ته موجوده پاڪستان جو سياسي ۽ سماجي بحران اصل ۾ سنڌ جي قومي انقلابي جدوجهد جو سياسي اظهار آهي. پاڪستان جي موجوده سياسي صورتحال ۾ جيڪي به هيريون ڦيريون اچي رهيون آهن يا حڪمت عمليون ۽ پاليسيون جڙي رهيون آهن، انهن سڀني جو پيٽرولڻ ۽ بنيادي محور سنڌ بڻجي پيئي آهي. سنڌ جو قومي غلاميءَ جي خاتمي سان اڄ پاڪستان تضاد پاڪستان جي جبري الحاق جي زندگيءَ ۽ موت جو سوال بڻجي چڪو آهي. جيئن جيئن سنڌ قومي اتحاد جون سرگرميون اڳتي وڌڻ لاءِ تيز ساهي رهيون آهن، تيئن تيئن سامراج جي ڇاڙتي پنجاب جي سنڌ ۽ سنڌي عوام جي خلاف سازش جو دائرو به وسيع ۽ ديڪروشيد ٿيندو آهي. جنهن لاءِ سنڌ ۽ سنڌي عوام جي خلاف تمام ڪٽر ۽ اڀراڪي سخت قدم کڻڻ وارو به آهي، نه رڳو جوڻيجو حڪومت جو خاتمو، تنهن سرچينون وارو ڊرامو ۽ سنڌي - مهاجر فساد ان سلسلي جون ڪڙيون آهن پر سنڌ ۽ سنڌي عوام جي خلاف هڪ تمام وڏي ۽ پيماني آپريشن لاءِ مڪمل طور تي راهون به هموار ٿي رهيون آهن، اتحاد کان لڙ آڪ پاڪاري ۽ جتوئي وارا اسلام آباد جا نعرا لڳرائي ٻي نظير جي واشنگٽن واري پانزان سلسلي جون ملايل ڪڙيون آهن.

جڏهن ته هڪ پاسي پنجاب سنڌي عوام جي قومي، انقلابي ۽ آزادي پسند جدوجهد مان اچي ڦاٿل آهي ته ٻئي پاسي وري پنجابي حڪمران طبقي کي پنهنجي اقتدار جي ڪرسي کي مضبوط ڪرڻ جي ڳڻتي ورائي ورتو آهي. انڪري جيڪڏهن سنڌي عوام جي قومي، انقلابي ۽ آزادي پسند جدوجهد کي سنڌ ۾ ريت دهشت ۽ بربريت جي ذريعي چيپاڻ جي ڪوشش ڪرڻ چاهي ٿو. ته ان لاءِ کيس گهٽ ۾ گهٽ پاڪستان پرست حڪمران طبقي کي پنهنجي اقتدار لاءِ سنڌ دشمن عمل جي لاءِ حمايت حاصل ڪرڻي پوندي، جنهن لاءِ اقتدار کان ٻاهر ويٺل حڪمران طبقي کي اعتماد ۾ وٺڻ لاءِ اقتدار ۾ حصو پتي ڏيڻو پوندو - ڇاڪاڻ ته رڳو پنهنجي اڪيلي اقتدار کي طول ڏيڻ لاءِ باقي پاڪستان پرست حڪمران طبقي کي اقتدار ۾ حصيدار نه ڪيو وڃي ته پوءِ لازمي طور اهو سنڌ دشمن عمل جي ميٽنڊ جو تنهن حمايت ڪرڻ لاءِ تيار نه ٿي سگهندو - جنهن جي ڪري اقتدار تي قابض حڪمران طبقي کي حقيقي حمايت حاصل ٿي نه سگهندي، جيڪڏهن حقيقي حمايت حاصل ٿي نٿي سگهي ته پوءِ ظاهر آهي ته سنڌ جي قومي، انقلابي ۽ آزادي پسند جي خلاف رڳو اڪيلو پنهنجي مرضيءَ موجب وڏي پيماني تي، ايڏو وڏو آپريشن نٿو ڪري سگهي، ڇاڪاڻ ته اهڙي طرح سنڌي عوام جي خلاف ايڏي وڏي پيماني تي آپريشن جي حمايت نه رڳو پاڪستان پرست سياسي ڌرين جي طرفان ملڻ ممڪن ڪونهي پر اندروني ملڪ لوڏي بيروني ملڪ راءِ عامه جي طرفان اهڙي حمايت ملڻ به ممڪن ڪونهي، اندروني ملڪ نه رڳو بلوچ، پٺاڻ، سرائڪي ۽ وڏيءَ مهاجرن جو وڏو حصو ان جي مخالفت ڪندو پر بيروني طور سوويت يونين - افغانستان، هندستان ۽ ايران پڻ اهڙي عمل جي مخالفت ڪندو، جيڪا ڳالهه سامراج ۽ انهي جي ڇاڙتي پنجاب لوڏي پنجابي حڪمران طبقي، پنجابي فوج ۽ سامراج نواز رجعت پرست قوتن لاءِ نهايت ڳڻتي جوڳي آهي. اهوئي سبب آهي، جو اقتدار تي ويٺل لوڏي اقتدار کان ٻاهر حڪمران طبقن جي پارٽي ۾ تضاد ڏئي جي ڪري پنجاب سنڌي عوام جي خلاف ڪو اهڙو سخت حاصل ڪار قدم اڃان تائين کڻي نه سگهيو آهي. پر جڏهن کان سنڌ جون ترقي پسند، قوم پرست، انقلابي ۽ آزادي پسند قوتون هڪ هنڌ گڏ ٿيون آهن، تڏهن کان سامراج پرست، پاڪستان پرست ۽ اقتدار پرست بورزوا قوتون هڪ ٻئي جي ويجهو ۽ ويجهو ٿيڻ لڳيون آهن، اينٽي قدر جو پ - پ، جماعت اسلامي ۽ ضياءَ اسٽوڊنٽ هڪ ٻئي جي قريب اچي ويا آهن جو اينٽي ۽ رجعت پرست مسلم ليگ حڪومت به قريب آڻڻ کان هٽي نه اچي اقتدار مسئلي ۽

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

جيتوڻيڪ معاهدي بابت جونيجو حڪومت، ضياءَ ۽ جماعت اسلامي جي موقف ۾ ٿورا گهڻا اختلاف هئا، سي بي نظير، ضياءَ ۽ جماعت اسلامي جي وچ ۾ بلڪل ڪونه رهيا آهن. بي نظير جو افغان مسئلي بابت موقف بلڪل اهڙو آهي، جهڙو ضياءَ ۽ جماعت اسلامي جو آهي. بي نظير جو خيال آهي ته جهڙيءَ طرح سندس والد پنجابي شاونزم کي هٿي ڏيڻ لاءِ هندستان سان هڪ هزار سال جنگ ڪرڻ واري اعلان جي ذريعي پنجاب جي مرڪز مان ووٽ حاصل ڪري اقتدار جي ڪرسيءَ تي ويٺو هو، تهڙيءَ طرح شايد هوءَ به ڪابل شيخيءَ ۽ افغان مسئلي بابت پنجابي شاونزم کي اڀاري اقتدار تي رسي سگهي ٿي، پر ڪيس ياد رکڻ گهرجي ته ١٩٦٨ع ۽ ١٩٨٨ع ۾ زمين آسمان جو فرق آهي، ڇاڪاڻ ته پنجابي شاونزم جو مکيه رخ هاڻي هندستان ۽ افغانستان سان جنگ ڪرڻ ڪونهي پر مظلوم ۽ محڪوم قومن جي عوامي انقلاب ۽ آزادي پسند جدوجهد کي ڪچلڻ ڏانهن آهي، تنهنڪري بي نظير کي پنجابين جي هٿان اقتدار حاصل ڪرڻ لاءِ هندستان يا افغانستان جي خلاف جارحيت پسند موقف نه پر مظلوم ۽ محڪوم قومن جي جمهوري حقن جي جدوجهد جي خلاف جارحيت پسند پاڪستاني موقف اختيار ڪرڻو پوندو. نه ڪو اهو پر ٻيا به اهڙا ڪيترائي هٿ پير هڻڻا پوندا جن مان هڪڙو جيئن بي نظير کي ڪمزوري² به رهي اقتدار حاصل ڪرڻو آهي، ان ڪري ڪيس هراهو طريقو اختيار ڪرڻو پوندو، جيڪو جلد کان جلد اقتدار جي ڪرسيءَ تي ويهارڻ ۾ مدد ڏيندو هجي، جنهن لاءِ هن آمريڪا، جماعت اسلامي، جنرل ضياءَ ۽ پنجابي فوج کي پنهنجي والد جو خون معاف ڪري ڇڏيو آهي، ڇاڪاڻ ته ڪيس پڪ ٿي چڪي آهي ته پاڪستان جي موجوده جوڙجڪ اندر فوج جي شرڪت ۽ آمريڪا جي سرپرستيءَ کان سواءِ اقتدار تي ويهي نٿو سگهجي. ٻي صورت ۾ عوام کي جدوجهد ۾ آڻي اقتدار حاصل ڪري سگهجي ها، پر جيڪا ڳالهه پاڪستان جي موجوده سياسي صورتحال ۾ بي نظير لاءِ پڻ سموري بورزوا طبقي کي ڪنهن به ريت قبول ڪونه آهي، ڇاڪاڻ ته عوامي جدوجهد جي نتيجي ۾ پاڪستان جو رهڻ ناممڪن ٿي پوندو. ۽ جيڪڏهن پاڪستان جو رهڻ ناممڪن ٿي پوندو ته پوءِ ”اهڙو سونو لڳو گهورو، جيڪو ڪن ڇني“ ڇاڪاڻ ته اهڙو انقلاب ”عوامي راڄ“ جي بحالي² جي صورت ۾ نڪرندو جيڪو نه ڪو بي نظير پر سموري ڦورو طبقي جي طبقاتي مفادن جي به خلاف هوندو ته پاڪستان جي وجود جي به خلاف هوندو. پاڪستان جو وجود ڦورو فوجي ڏنڊي جي زور تي بيٺل آهي، ان ڪري جيئن ئي فوجي ڏنڊو هٽيو ته نه پاڪستان رهندو نه ڦورو طبقن جا مفاد رهندا ۽ نه پنجاب ۽ سامراج جا گڏيل مفاد رهندا.

۽ جڏهن به عوام ڪنهن اقتدار اعليٰ جو انڪار ڪندو آهي، تڏهن لازمي طور ڪنهن ٻئي اقتدار اعليٰ جو اقرار ڪري چڪو هوندو آهي. اهو ئي سبب آهي، جو جڏهن سنڌ جو مظلوم عوام پاڪستان ۽ ان جي اقتدار اعليٰ جو انڪار ڪري چڪو آهي ته ان جي بي معنيٰ آهي ته اهو خالص پنهنجي يعني ”سنڌ جي قومي آزاديءَ جي عوامي راڄ“ جو اقرار ڪري چڪو آهي ۽ جڏهن به عوام پنهنجي عوامي راڄ جي مفادن تان اهڙو اقرار ڪري متحد ٿيندو آهي، تڏهن اقتدار تي ويٺل ڦورو اقتدار کان ڏڪي ويل ڦورو طبقو عوام ۽ ان جي عوامي راڄ جي خلاف پاڻ ۾ متحد ٿي ويندو آهي، ڇاڪاڻ ته حڪمران طبقي جا پاڻ وارا تضاد عارضي هوندا آهن، جڏهن ته عوام سان اصل ۾ بنيادي تضاد هوندا آهن. حڪمران طبقو هڪ ٻئي جو طبقاتي دشمن نه هوندو آهي پر سندن اصل طبقاتي دشمن عوام هوندو آهي، اهو ئي سبب آهي جو جڏهن به سندن گڏيل دشمن يعني عوام متحد ٿيندو آهي، تڏهن ڦورو طبقو غير مشروط پاڻ ۾ متحد ٿي ويندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو جيئن ئي سنڌ جو عوام قومي تضاد جي بنياد تي سنڌ قومي اتحاد

هيئن مستحڪم ٿيو آهي، تيئن پنجابي برتري مفادن ۽ سامراجي مفادن جو محافظ اقتدار ڪري ويٺل ٽولي ۽
اقتدار تان هٿ ڌوئي ويٺل حڪمران طبقو سنڌي عوام جي اتحاد جي خلاف نه رڳو پاڻ ۾ متحد ٿي ويو آهي پر مسلسل
هڪ تمام ڳجهي سازشي سلسلي وارو جارحاڻي رٿائون لڳو آهي جنهن لاءِ هڪ پاسي سامراج جي ڇاڙتي پنجاب ۽
پنجابي حڪمران طبقي سنڌ ۾ مهاجر فساد ڪرائڻ تان پوءِ جي. ايم. سيد کي محمود هارون ۽ الاهي بخش سومرو
جي معرفت آڇ موڪلي آهي ته اتحاد جا ڪجهه مطالبا (ڪالاباغ ڊيم جو خاتمو- سياسي قيدين جي آزادي ۽ پنهنجي عمل
جا نسواءِ باقي فوجي ڇاونين جو خاتمو وغيره) مڃڻ لاءِ تيار آهن ته ٻئي طرف مهاجرن کي سنڌي عوام جي
خلاف ڪرڻ لاءِ مختلف قسمن جي رعايت ڏيڻ جو سلسلو جاري ڪيو ويو آهي، جنهن لاءِ ڪوٽن ڪرڙي
طور ٻهارين کي ڪرائڻ جو بندوبست ڪيو ويو آهي، ميرٽ جي بنياد تي ڪوٽه سسٽم تي وار ڪيو ويو آهي ۽
ان تا سواءِ وسيم مظهر ندوي کي وزارت سان گڏ وڏو مهاجر پنجابي گڏيل مفادن جي نمائندا يو. پي. جي
مهاجر جنرل رحيم کي گورنر مقرر ڪيو ويو آهي، جاڪاڻ ته پنجاب، مهاجرن کي پاڻ تان پري رکي پيو آهي.
انڪري پنجاب مهاجرن جي پراڻي اتحادي حيثيت بحال ڪرڻ لاءِ سوچي ان تي عمل ڪرڻ لاءِ مجبور ٿيو آهي.
جنهن لاءِ نه رڳو سنڌين تان بوجهه تورڻ پنائڻ تان ب رعايتون ڏئي مهاجرن کي ڏيڻ لاءِ سوچي رهيو آهي، جاڪاڻ
افغانستان مان سوويت فوجن جي واپسي کان پوءِ پنجاب کي پنهنجي اتحادي حيثيت جي اهميت نه
رهندي جيڪا هن تان اڳ هئي، جڏهن ته سنڌي عوام تي وار ڪرڻ لاءِ هن کانپوءِ پنجاب کي مهاجرن جي
اتحادي قوت جي ضرورت آهي، هونئن ب استحصالي قوتون پنهنجن ڪمرندڙ مفادن
مطابق پنهنجا اتحادي ب تبديل ڪنديون رهنديون آهن ۽ تضادن جي نوعيت کي ب تبديل ڪنديون رهنديون آهن -
اهوئي سبب آهي جو پنجاب افغان انقلاب کانپوءِ جيڪو پينترو ڏانهن هٿ وڌايو هو، اهو قبولائي ساڳي مهاجرن
ڏانهن ڪيو ويو جي، ته جيئن مهاجرن جي اتحادي قوت جي بحالي کانپوءِ نه رڳو وڏي پيماني تي سنڌي
مهاجر فسادن جو سلسلو جاري ڪرايو وڃي پر انهن فسادن جو بهانو بنائي وڏي پيماني تي سنڌي عوام
جو قتل عام ب ڪرايو وڃي -

جاڪاڻ ته 18 - جون واري سنڌي - مهاجر فساد کان هڪدم پوءِ 18 - 19 واري رات هڪ ٻيا ڪ آپريشن
جي ذريعي سنڌي عوام جي وسيع تر قتل عام جو پروگرام طئي ٿي چڪو هو - جنهن جي سٽ، "سنڌ قومي اتحاد"
جي آڳوڻن کي پوءِ کانپوءِ وزير دفاع محمود هارون جي مداخلت سبب انهيءَ پروگرام کي في الفور
جيئن ٽيڪ معطل ڪيو ويو آهي پر ان منصوبي کي پنجاب ۽ پنجابي فوج جي طرفان مڪمل طور رد نه ڪيو ويو آهي.
جاڪاڻ ته سنڌي عوام جي انقلاب ۽ آزادي پسند جدوجهد کي چيڀاٽڻ لاءِ هڪ وڏي آپريشن جي ذريعي
سنڌي عوام جو وسيع تر قتل عام پنجاب ۽ پنجابي حڪمرانن جي وسيع تر پلاننگ جو حصو آهي جنهن تي ڪنهن
کي آئيي پوءِ ضرور عمل ڪيو ويو آهي. اهوئي سبب آهي جو "سنڌ قومي اتحاد" ۾ شامل ڪجهه موقعي پرست ڌريون پنجاب
جي انهيءَ منشا کان بچڻ لاءِ پنجابي برتري مفادن جي وڪالت ڪندي اتحاد کي ٽوڙ ڪرڻ واريون ڪارروائين ۾
مشغول آهن، ته جيئن وقت اچڻ تي پنجاب جي ڪاوڙ کان پاڻ بچائي سگهجي، پر اهو ناممڪن آهي، اهوئي
سبب آهي جو اهي ڌريون پنجابي برتريت جي خلاف ته الڳ اتحاد لاءِ تيار ڪونه آهن پر ان جي ابتڙ سنڌ
۾ هڪ پاسي سنڌي مهاجر فرقيواريت کي وڌائڻ لاءِ لڪ ڇپ جو نئين جوڙجڪ لاءِ رهيون آهن. ٻئي پاسي اتحادي پنجاب
دشمن جدوجهد جي خلاف تعاد ڪمزور ڪري رهيون آهن، ۽ ڏينهون ڏينهن اتحاد جي خلاف اخباري بيان بازي جي
ذريعي باهه ٻاري لاءِ بيٺيون آهن - اصل ۾ ته وڃي ته اهي ڌريون اهو سڀ ڪم ڪري رهيون آهن، جيڪو ڪم سامراج
۽ ان جي ڇاڙتو پنجاب ۽ پنجابي حڪمران طبقو پاڻ رهندي پرست سامراج نواز ۽ پنجابي برتري مفادن جي

رڪاوٽ ٿيڻ ۾ هن کان اڳ اتحاد جي خلاف ڪنديون رهيون آهن ۽ ڪري رهيون آهن. جنهن لاءِ سنڌ دشمن قوتن طرفان سنڌ ۾ گورنر راڄ مقرر ڪري ان کي عملي شڪل ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي، جنهن تحت پنجاب، پنجابي فوج ۽ پنجابي حڪمران طبقي سنڌ جي قومي آزادي جي تحريڪ کي ڪچلڻ لاءِ هڪ خطرناڪ رٿا بندي جوڙي ورتي آهي. جنهن لاءِ ڌاريو مهاجرن ذريعي حڪومت جي حڪمت عملي تبديل ٿي آهي، پر سنڌي عوام جي قومي جدوجهد جي خلاف مهاجرن کي استعمال ڪرڻ لاءِ هڪ تمام خطرناڪ منصوبابندي به ڪئي وئي آهي. هن منصوبابندي جي سلسلي ۾ هينئر کان اڳ سنڌ جي شهري علائقن ۾ پوليس کي الڳ الڳ ڪيو ويو آهي ۽ جيئن شهري پوليس ۾ وڏي پيماني تي ايم-ڪيو-ايم ۽ ٻين رجعت پرست ٽولن، سامراج نواز ۽ پنجاب دوست غير سنڌي تنظيمن جي ماڻهن کي تربيت ڏياري مهاجر لشڪر جي اڳواٽ تياري ڪرائي وڃي ٿي، جيڪا ته سنڌي عوام جي آزادي پسند، انقلابي جدوجهد کي چيڀاٽڻ لاءِ رجعت پرست مهاجرن جي هڪ هٿياربند لشڪري قوت جي ضرورت آهي. ته جيئن سنڌ کي ورهائڻ ۾ مدد ڪري. ان نموني مهاجرن کي لشڪري لحاظ کان مضبوط ۽ هٿياربند ڪيو وڃي ٿو، جنهن لاءِ اڳواٽ منصوبابندي تحت شهري پوليس کي ٻهراڙي جي پوليس کان الڳ ڪرڻ اصل ۾ سنڌ جي مستقل ورهاست جي هڪ تمام وڏي شرمناڪ سازش آهي. جنهن لاءِ حڪومت وقت ملڪ کي ٻارهن يا ويهن ۽ سنڌ کي ٽن صوبن ۾ ورهائڻ جي تجويز آهي.

سنڌي- مهاجر فساد ۽ سنڌ ۾ گورنر راڄ هن سلسلي جي ڪڙي هڪ پيش رفت آهي. جنهن ۾ پنجاب جو اقتدار تي ويٺل حڪمران طبقو، ٽوڙي اقتدار کان ٻاهر حڪمران طبقو ۽ جرنل به وڏي پيماني تي شريڪ آهن، جيڪا ته جيڪڏهن اسان جنرل ضياءَ (مرحوم) ۽ ٻين پنجابي سياستدانن ۽ جرنلن جي سنڌ ۾ مهاجرن متعلق بيانن کي ملائي جائزو وٺنداسين ته اها ڳالهه اسان جي آڏو بلڪل واضح ٿي ايندي ته ان سازش ۾ ڌاريو حڪومت ڪندڙ پنجابي حڪمران طبقو، حڪومت کان ٻاهر ويٺل ٽولا ۽ اصغر خان جهڙا ٽولا ليڊر شامل نظر ايندا- جيڪا ته جيڪو پنجابي حڪمران طبقو هميشه پاڪستاني قوم کانسواءِ ٻي ڪنهن به حقيقي قوم جي وجود کي به تسليم ڪرڻ لاءِ تيار ڪونه هو. اهو مهاجرن کي پاڪستان جي پنجين قوميت کي تسليم ڪرڻ لاءِ هٿيڪ ڪري پيو آهي، جنهن لاءِ اسان کي مرحوم جنرل ضياءَ جي بيان کي، اصغرخان جي بيان سان ۽ اصغرخان جي بيان کي جنرل ٽڪاخان جي بيان سان ۽ جنرل ٽڪاخان جي بيان کي الطاف ۽ بينظير جي ملاقات سان ملائي جائزو وٺڻو آهي، جيڪا ته جنرل ضياءَ، اخبار جهان کي انٽرويو ڏيندي چيو ته ”مهاجر پنجين قوميت جي شڪل اختيار ڪري چڪا آهن.“ ان سان گڏ سندس پنجون صوبو ٺهڻ ۽ اصغرخان چيو ته ”مهاجر شناخت ٿي چڪي آهي؟“ ۽ ٽڪاخان جو مهاجرن جي مطالبن جي حمايت ۾ ۽ سنڌ ۾ لڳاتار جي اچڻ لاءِ اسرار سنڌ ۽ سنڌي عوام جي خلاف پنجاب، پنجابي فوج ۽ پنجابي حڪمران طبقي جي سازش واري سلسلي جي هڪ پيداوار ڪڙي آهي. جنهن کي عملي شڪل ڏيڻ لاءِ پنجاب جو ٻيو ڪانئو ”سنڌ قومي اتحاد“ ۽ ان جي سرگرمين جي ٽوڙ پيدا ڪرڻ لاءِ پ-پ ۽ ايم-ڪيو-ايم جو انتخابي اتحاد ٿيو هو. جنهن مطابق پ-پ، ايم-ڪيو-ايم جي صوبائي سيٽن تي ۽ ايم-ڪيو-ايم پ-پ جي قومي سيٽن جي حمايت ڪندي. جنهن جو مطلب ته سنڌ جي اندر صوبائي حڪومت کي مهاجرن ۽ وات تو سنڌ ۾ وسندڙ پنجابين جي قبضي ۾ ڏيڻ آهي. جنهن لاءِ شعوري طور تي جنرل ضياءَ ۽ هاڻوڪي موجوده حڪمران ڌرين سواءِ، اصغرخان، ٽڪاخان، پنجابي فوج سان گڏوگڏ پ-پ جي مرڪزي قيادت به سرگرم عمل رهندڙ آهن، جيڪا ته هن جيئن ته پ-پ جي سينٽرل ڪاميٽي تي پنجابي قابض آهن ان ڪري سينٽرل ڪاميٽي جيڪي به سنڌ دشمن پاليسيون ٺاهيندي آهي، ان تي اقتدار پرست

سنڌي ليڊرشپ کي عمر ڪرڻ پٺيان ويندو آهي. اهو اقتدار پرست سنڌي ليڊرشپ جو پراڻو ۽ مجبور شيوو رهيو آهي. سنڌي عوام سان غداري ڪرڻ ۽ انهن کي پنجابي بورزوازي جي پيرن ۾ وڪرو ڪرڻ اقتدار پرست سنڌي ليڊرشپ جو پراڻو طريقو ۽ اصول رهيو آهي. اهوئي سبب آهي جو پنجاب پ پ پ جي اقتدار پرست ليڊرشپ کي اقتدار جي لالچ آڇي ۽ ان جي عيوض ۾ اهڙا چونڊن ڪانيو ۽ سنڌ جي صوبائي حڪومت سنڌي عوام کان کسڻ ٿو چاهي. اهڙي حڪمت عملي نه رڳو پنجاب آهي پر آمريڪي سامراج جي به آهي. ڇاڪاڻ ته آمريڪا کي ڏاکڻين علائقائي تبديلين تحت ڪراچي پورٽ جي علائقائي مفادن جي حفاظت لاءِ سخت ضرورت محسوس ٿي رهي آهي جنهن لاءِ نه رڳو پنجابي فوج، پنجابي حڪمران طبقي ۽ ايم. ڪيو. ايم پر سنڌ جي رجعت پرست ۽ سامراج نواز ۽ ڪابي ۽ رجعي موقعي پرست ۽ ساجي ٽي درجي قوم پرست قوتن کي به استعمال ڪيو پيو وڃي. پر جيئن ته انهن سڀني سازشن جي سڀ کان وڏي مزاحمت رڳو سنڌ قومي اتحاد جي پليٽ فارم تان ٿي پئي سگهي ٿي. ان ڪري سنڌ قومي اتحاد کي سنڌي مهاجر فساد ۾ پئي اهڙين سنڌ دشمن سرگرمين ۾ ملوث ڪرڻ لاءِ ان تي پنهنجو زور لڳايو پيو وڃي. اهوئي سبب آهي جو ڪجهه سنڌي - مهاجر فساد ڪانيو ٿي سگهي وري پنهنجي راولپنڊي جي تياري ڪرائي وڃي ۽ حڪومت ۽ انهن جي چاڙهيل قوتن جي طرفان سيٺ آفتاب تي حملي جو بهانو بنائي سنڌي ماڻهن ۽ انهن جي ملڪيتن تي سرڪاري غنڊن جي طرفان حملا ڪرايا ويا. ان جي ابتڙ وري گرفتاريون جيئين سنڌ وارن جون ڪرايون. تاثر اهو اپاريو ويو آهي ته ميٺو تي حملو نوڙي فساد جيئين سنڌ وارن ڪرايو آهي. جنهن لاءِ ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي کان پوءِ جيئين سنڌ جي اگواڻ بشير قريشي ۽ ٻين شاگردن کي گرفتار ڪري مٿن وحشيانه نموني تشدد ڪيو ويو آهي. هڪ پاسي حڪومت ۽ پنجاب سنڌ ۽ سنڌي عوام جي خلاف اهي سازشون ڪري رهيو آهي ته ٻئي پاسي اي. اين. پي جو اتحاد تان نڪرڻ غلط ۽ منفي رويو حڪومت جي انهن سموري عمل کي هٿي ڏئي رهيو آهي. اي. اين. پي جو اتحاد لاءِ اهو موقف نه سنڌ دوست آهي ۽ نه ئي سنڌ جو عوام سنڌ دوست موقف سمجهي ٿو. ڇاڪاڻ ته اي. اين. پي اهڙي طرح سنڌ قومي اتحاد جي خلاف بيان بازي ڪري نه رڳو اتحاد کي نقصان ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي پر خود پنهنجي پير تي ڪهاڙو به هڻي رهي آهي. اهڙي طرح سنڌي عوام اي. اين. پي کان بنهه پري ٿي ويندي رهندو. جيڪا ڳالهه خود اي. اين. پي جي مفادن وٽان به ڪانه آهي. ڇاڪاڻ ته سنڌي عوام جنهن تاريخي شعور سان سلهاڙيل جيئڙو آهي. اي. اين. پي ان جي بلڪل تضاد واري سياست ڪري رهي آهي. جنهن ڪري اي اين پي جو سياسي موقف سنڌ ۽ سنڌي عوام جي قومي جدوجهد جي ٽڪراءُ واري صورت اختيار ڪري چڪو آهي. اهوئي سبب آهي. جو سنڌي عوام اهڙي سياسي موقف کي بنهه نفرت جي نگاهه سان ڏسي رهيو آهي. ڇاڪاڻ ته اهو سياسي موقف سنڌ ۽ سنڌي عوام جي تاريخي ضرورت نه آهي. بلڪ سامراج ۽ ان جي چاڙهيل پنجاب جي مفادن جي ضرورت آهي. ان ڪري اسان جي دوستن کي نيڪ صلاح آهي ته کين پنهنجي منفي سياسي موقف تان هٽي سنڌ ۽ سنڌي عوام جي وسيع تر مفادن مطابق موقف اختيار ڪرڻ گهرجي نه ته سنڌي عوام کين سنڌ جي قومي ۽ انقلابي تحريڪ جي ڌارا مان ڌڪي ڌار ڪري ڇڏيندو. ڇاڪاڻ ته پنجابي بورزوازي مفادن واري سياست سنڌي سنڌ جي قومي تحريڪ جي مفادن جي ٽڪراءُ ۾ بيٺل آهي. ان ڪري جيڪو به ماڻهو پنجابي بورزوازي مفادن جو تحفظ به لحاظ کي سياست ڪندو اهو سنڌ جي مفادن سان غداري ڪندو.

سنڌ قومي اتحاد پنهنجي ۱۵ آگسٽ واري رهبر ڪاميٽي جي گڏجاڻي ۾ فيصلو ڪيو آهي ته سنڌ قومي اتحاد جي سرگرمين کي ۷ سيپٽمبر کان جاري ڪيو ويندو. اها هڪ تمام سٺي ۽ مثبت ڳالهه آهي.

ڇاڪاڻ ته اتحاد جي غير سرگرم هجڻ جو فائدو وٺندي پنجاب ۽ ان جا چاڙهيل اتحاد جي سرگرمين کي غلط

راهه تي ونڃڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪري رهيا آهن، ان ڪري سنڌ قومي اتحاد کي پنهنجن اصل مسئلن تي سرگرم ٿيڻ سامراج ۽ ان جي ڇاڙتي پنجاب ۽ پنجابي حڪمران طبقي جي وچولي سنڌ دشمن ۽ اتحاد دشمن چالن کي ناڪام بنائڻ ۾ ڪري پوءِ اڳتي مڪمل طرح سان پاڻ ۾ ٿي ڀيٽ ڪرڻ جي. جيڪا ڳالهه نه ڪي اليڪشني سياست ۽ ڪانڊ ڪرڻ ۾ رهيو اتحاد جي سرگرمين کي اليڪشن تائين معطل ۽ غير سرگرم رکڻ ڪونه ٿيو. ته جيئن ان جي ذريعي حڪمران طبقن سان سودي بازي ڪري سگهجي ۽ پنهنجا ذاتي مفاد حاصل ڪري سگهجن، تنهن ڪري اتحاد کيا ڪالاباغ ڊيم - فوجي ڇاوڻيون ۽ ٻاهرين آبادڪاريءَ جي خلاف جدوجهد کي فوري طور تي ٻيهر شروع ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته سنڌ جي مسئلن جي حل لاءِ سنڌي عوام جون سمورڀون اميدون ڳرو ڳرو سنڌ قومي اتحاد سان وابسته ٿي چڪيون آهن، ۽ سنڌي عوام سنڌ قومي اتحاد جي پليٽ فارم تان پنهنجون اميدن کي حقيقي شڪل ۾ ڏسڻ گهري ٿو.

سيد عارف حسين الحسينيءَ جو قتل:-

پنجاب ۽ پنجابي قوم ۽ پنجابي حڪمران طبقي کي اها چڪ ٿي چڪي آهي ته مظلوم قومن ۽ عوام پاڪستان جي وجود جي خلاف ٿي چڪو آهي. ان ڪري پاڪستان کي فوجي تدبيرن سان ويٺو آهي، جيڪڏهن فوجي ڏنڊو لوڙو به هٽيو ويو يا پاسيرو ٿيو ته پاڪستان نه رهندو، تنهن ڪري فوجي راڄ کي قائم رکڻ ضروري آهي ۽ وري فوجي راڄ کي قائم رکڻ لاءِ ملڪ ۾ گڙٻڙ ڪرائڻ ضروري آهي، جنهن لاءِ حڪمران طبقو لساني ۽ مذهبي فرقيوارانه ٻيڪرتي ۽ گڙٻڙ فساد جي راهه هموار ڪري رهيو آهي، اهوئي سبب آهي جو هڪ پاسي سنڌ ۾ سنڌي - مهاجر ٻائر کي ويڙهايو ويو ٿو ته ٻئي پاسي سڄي ملڪ ۾ شيعه، سني فساد ڪرائڻ لاءِ شيعن جي مذهبي پيشوا سيد عارف حسين الحسينيءَ کي قتل ڪرائي گڙٻڙ ڪرائڻ جو ماحول تيار ڪيو ويو ٿو. ڇاڪاڻ ته عارف حسين الحسيني جو سبب ڪاڻ وڏيڪ افغانستان سان لڳو سرحد ۾ پناهه ٿي آهي، جنهن جي وڏيڪ سگهاري ثبوت جي صورت ۾ افغان پناهگيرن کي ۽ افغان انقلاب جي خلاف انقلاب دشمن سرگرمين کي جاري رکڻ ۾ دشواري درپيش اچي رهي هئي - سامراج جي ڇاڙتي حڪمران طبقي عارف الحسين الحسينيءَ کي قتل ڪرائي پنهنجا متعدد مفاد حاصل ڪرڻ گهريا آهن، جنهن ۾ محرم جي مهيني ۾ شيعه، سني فساد ڪرائڻ ۽ اهي جي بهاني لڙڪي پسند ۽ آزادي پسند قوتن کي ڪچلڻ ۽ افغان مجاهدن جي افغان انقلاب جي خلاف سرگرمين جي راهه مان رڪاوٽ هٽائڻ آهي، ڇاڪاڻ ته سامراج ايران، عراق جنگ جي خاتمي کانپوءِ اتي جنگ جو منتقل پاڪستان ۾ ترقي پسند، انقلابي، قوم پرست، آزادي پسند ۽ سامراج دشمن قوتن کي ڪچلڻ لاءِ موزون گهري ٿو. اهوئي سبب آهي جو پاڪستان جي موجوده جاگيرداري پيهه جيئن ته سامراج ۽ ان جي علائقائي مفادن جي حفاظت لاءِ هڪ اتحادي قوت جي منصب اختيار ڪري چڪي آهي، ان ڪري سمورين پاڪستان دشمن ۽ سامراج دشمن سرگرمين کي ڪچلڻ ضروري چاهي ٿو ڏسي ٿو، اسان عارف حسين الحسينيءَ جي وحشيانه قتل جي پرزور لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا، ڇاڪاڻ ته عارف حسين الحسيني جو قتل ترقي پسند، آزادي پسند، انقلاب پسند ۽ سامراج دشمن قوتن جي خلاف سامراج جي جنگ جي سلسلي جي ڪڙي آهي.

سنڌ قومي اتحاد ۽ سنڌي - مهاجر فساد

(١)

سياسي صورتحال جو جائزو

"سنڌ قومي اتحاد" سنڌي عوام جي تاريخي ضرورت آهي، ڇاڪاڻ ته سنڌ قومي اتحاد سنڌ جي قومي آزاديءَ جي اهم ۽ ڏکي تاريخي جدوجهد جي پيداوار آهي، جيڪا سنڌي سماج جي فطرت ۾ موجود اهم تضادن مان ڦٽي نڪتي آهي. جيڪي سنڌ جي تاريخي قوتن جي تاريخي عمل جي بحاليءَ، سنڌي عوام جي تاريخي شعور جي جدوجهد ۽ وڌندڙ مقداري تبديلين کي ڪيفيتي طور سنڌ جي هڪ وسيع تر اتحاد جي تاريخي ضرورت کي ڀربل آهي. اهو ئي سبب آهي جو "سنڌ قومي اتحاد" نه رڳو سنڌ جي قومي تضاد جي اڀار جي مقداري تبديلين کان پوءِ اعليٰ ترين ڪيفيتي روپ آهي. سنڌي عوام جي تاريخي عمل جي بحاليءَ جي تاريخي ضرورت ۾ آهي. اسان پنهنجي اڳ واري موقف "سنڌين جو اتحاد، تاريخ جي ضرورت" ۾ واضح ڪيو هو ته:

"سنڌ ۾ هن وقت تائين ٿيندڙ اتحاد لاءِ ڪوششون، اشتراڪ عمل، هڪ ٻئي تائين سهڪاري رويا ۽ اتحاد لاءِ ٿيندڙ ڳالهيون سڀ وسيع تر اتحاد جي تشڪيل (ڪيفيت) تائين مقداري واڌ آهي، جنهن اتحاد لاءِ هڪ ماحول جوڙي ڇڏيو آهي. (ڪيفيتي حل تائين پهچڻ (لاءِ) ۽ هڪ وسيع تر ۽ پائيدار اتحاد تائين پهچڻ لاءِ اهڙن واقعن جي ضرورت آهي - جيڪو آهستي آهستي ڪٺو ٿيندو پيو وڃي. هن وقت سنڌ ۾ مختلف سطحن تي مختلف تنظيمن جي وچ ۾ سنڌ اندر اتحاد لاءِ ڳالهيون هلي رهيون آهن. اهي وقتي طور ڪامياب به ٿي سگهن ٿيون ۽ ناڪام به [illegible] ممڪن آهي ته اهو اتحاد ڪجهه وقت لاءِ ٽٽي ۽ ورهائجي وڃي، جو ته اها سموري مقداري واڌ آهي. ڪيفيتي [illegible] ۽ مقداري واڌ ۾ عارضي ناڪامي جا امڪان [illegible] رهندا آهن - ڪاني جهول ۽ اوٽا ڀون به موجود رهندا آهن ۽ ڪجهه قوتن جي طرفان شعوري ۽ لاشعوري طرح رڪاوٽون به پونديون آهن، جيڪي تجربي ۽ عمل [illegible] دور ٿي وينديون آهن (سنڌين جو اتحاد، تاريخ جي ضرورت صفحو ٤) هن مٿئين اقتباس ۾ [illegible] تاريخي ضرورت جي اڳڪٿي ڪيل آهي. "سنڌ قومي اتحاد" اهڙي اتحاد جي عملي شڪل آهي، ڇاڪاڻ ته "سنڌ قومي اتحاد" سنڌي عوام جي تقريباً سمورين تقاضائن پوريون ڪندڙ آهي، جيڪي سنڌي عوام جي تاريخي شعور [illegible] ڪندڙ ترقي پسند ۽ انقلابي جدوجهد لاءِ ڀربل آهن. جڏهن ته انهن جي ابتڙ هتان اڳ جڙيل "سنڌي جو قومي اتحاد" سنڌي عوام جي هڪ "وسيع تر اتحاد" جي تاريخي ضرورت جون اهي سموريون تقاضائون پوريون ڪندڙ ڪو نه هو، ڇاڪاڻ ته اهو اتحاد سنڌ جي قومي تضاد جي اڀار واري ڪيفيتي تبديليءَ کي اڃان نه ڇهيو هو. تنهنڪري اهو اتحاد نامڪمل ۽ اڌورو رهجي ويو - اهو ئي ڪارڻ آهي جو ايم - ايل - پي، ان جي ذيلي فرنٽن ۽ ٻين ڪن هم خيال ٻين ترقي پسند تنظيمن کانسواءِ باقي سموريون ترقي پسند، انقلابي ۽ قوم پرست قوتون ۽ تنظيمون ان اتحاد کان ٻاهر رهيون - تنهنڪري اهو اتحاد سنڌي [illegible] عوام جي محروميءَ کي ختم ڪرڻ جو پروگرام نه ڏئي سگهيو، ڇاڪاڻ ته "سنڌ قومي اتحاد" جي پروگرام جي بنيادي [illegible] سامراج دشمن نقطي نظر جي باوجود اهو سامراج دشمن آهي. اها ئي ڳالهه [illegible] "سنڌ قومي اتحاد" جي جدوجهد جو بنيادي رخ پاڪستان ۾ سامراج جي حقيقي دلال قوتن جي خلاف آهي. [illegible] سنڌي عوام جي قومي اتحاد جي پروگرام ۾ سامراج دشمن نقطي نظر جي باوجود اهو سامراج دشمن عنصر اهو ئي [illegible] "سنڌ قومي اتحاد" جي جدوجهد جو بنيادي رخ سامراج جي حقيقي دلال قوتن جي خلاف نه هو. اهو ئي سبب [illegible] حڪومت ان اتحاد کي ناڪام ڪرڻ ۽ توڙڻ لاءِ [illegible] "سنڌ قومي اتحاد" جي پيدا ٿيڻ تي هٿ وٺي رهي آهي ۽ [illegible] سامراج [illegible] (قوتن ۽ پنجابي تنظيم وغيره) قوتن اهڙي واويلا مچائي ڇڏي آهي.

جھڙي "سنڌ قومي اتحاد" جي خلاف ھاءِ گھوڙا مچايا ويا آھن، جيڪا ته سامراج نواز رجعت پرست ۽ سنڌ دشمن پنجابي وڏيرن قوتن کي "سنڌي عوام جي قومي اتحاد" مان ڪو خاص خطرو نظر ڪونه ٿي آيو. بلڪه ڪن ڳالھين ۾ ته اھڙي محدود قسم جو اتحاد- سنڌي عوام جي ھڪ وسيع تر اتحاد جي نسبت وڌيڪ قابل قبول ھو، جيڪا ته سنڌي عوام جي آزادي ۽ انقلاب جي تاريخي ضرورت جي پورائي ڪرڻ لاءِ ھڪ اھڙي وسيع تر اتحاد جي ضرورت آھي جنھن ۾ سنڌ جي سمورين ترقي پسند، انقلابي، جمھوريت پسند ۽ قوم پرست قوتن جي اتحاد تي مشتمل ھجي. ٻيا جيڪا ڳالھ ڏاڍي وڌي آھي ساھڙي ته پليجي صاحب جي راھوڪي واري اتحاد بابت ڏنل سنڌ جي صورت ۾ سنڌ سنڌي عوامي قوتن وٽان "ھا" صورت ملي نه سگھي ھئي جيڪا "سنڌ قومي اتحاد" کي ملي آھي. بلڪ پليجي صاحب وارو اتحاد سنڌ جي تاريخي ضرورت مطابق پنھنجي فطري اتحادين کي ھڪ ھنڌ گڏ ڪرڻ ۾ناڪام ويو آھي. جنھن لاءِ سڀ کان اول جيئي سنڌ ان ۾ شامل ٿيڻ کان انڪار ڪيو. "سنڌ دوست انقلابي تنظيم"، سنڌ انقلابي تحريڪ، سنڌ نيشنل ڪانگريس، سنڌ ساٿي پارٽي، عوامي تحريڪ اھڙي ٻاھر رھجي ويون ته اتحاد جي بنيادي نقطن ۽ بنيادي دشمن جو ڪو تعين ڪونه ٿيل آھي. ان کان سواءِ وطن دوست انقلابي پارٽي پنھنجي سمورن فرنٽن سميت، ھاري ڪميٽي وارو جام ساقي گروپ ۽ ٻيون ڪي ان اتحاد مان نڪري ويون، جيئن ته راھوڪي وارو اتحاد جو ڏنل سنڌ ۽ سنڌ جي تاريخي قوتن کي ھڪ ھنڌ گڏ ڪرڻ جون حقيقي تاريخي گھرجون پوريون ڪري نٿو سگھي، ۽ نه وري سنڌ جي وسيع تر اتحاد جي تاريخي ضرورت وارين حيثيتي ضرورتن کي پورو ڪري. [جيڪا ته پليجي جي اتحاد وارين سنڌ ھڪ وسيع تر اتحاد جي حقيقي وقت جو پورائو ٿي نه ڪيو ۽ اتحاد ۾ حقيقي قوتن کي ھڪ ھنڌ گڏ ڪرڻ جي ڪيفيتي مواد جو پورائو ٿي ڪيو] ان ڪري اھو سنڌي عوام جي ھڪ حقيقي وسيع تر اتحاد جي راھ ۾ جڏھن ھڪ وڏي رڪاوٽ جو ڪارڻ ٿي پيو ۽ جنھن جو وڌيڪ وڌڻ ڪارڻ اھو ھو ته اتحاد لاءِ مقداري گھرجون، ڪيفيتي گھرجن جي ڏاڪي تي ڪونه پھتيون ھيون پر سنڌ جي ھڪ وسيع تر اتحاد جي تاريخي ضرورت وارو ڪم ... ته سماج جي فطرت ۾ موجود ترقي پسند تضادن جي رھنمائي ھيٺ ٿيندي وڌي رھيو ھو- ان ڪري جيئن سماج جي ۾ موجود قومي تضاد جو اپار مقدار مان ڪيفيتي ڏاڪي ڏانھن وڌڻ لڳو- تيئن تيئن سنڌي عوام جي طرفان ھڪ وسيع تر اتحاد لاءِ تمام گھڻو دٻاءُ وڌڻ لڳو- اھوئي سبب آھي جو اتحاد لاءِ جي- ايم- سيد جي ڏنل سنڌ ڏانھن ھڪ وسيع تر اتحاد جي تاريخي گھرجن کي پورو ڪيو آھي پر جي- ايم- سيد جي ناھپ ۽ سنڌ دوستي جو به ثبوت ڏئي ڇڏيو آھي جيڪا ته جي- ايم سيد جي طرفان اتحاد جو سڏ ھڪ اھڙي وقت تي ڏنو ويو جو ان کان ڪجھ ڏينھن اڳ لنوائڻ لاءِ به سنڌ جي ڪنھن پارٽي وٽ ڪو جواز موجود ڪونه رھيو. شايد ان ڪري ئي جيئن ئي اتحاد جو سڏ ڏنو ويو- تيئن ان جي موٽ به ملڻ لڳي، نه رڳو ترقي پسند، جمھوريت پسند، قوم پرست ۽ انقلابي پر لبرل بورزوا پارٽين جي طرفان به مثبت ۽ ھڪاري موٽ ملڻ لڳي- اھوئي سبب آھي جو اتحاد کي ھڪ حقيقي وسيع تر اتحاد بنائڻ لاءِ سمورين سنڌي قوتن نه رڳو ھڪ آواز ٿي ويون پر ھڪ ھنڌ گڏ پڻ ٿيڻ لڳيون ۽ ايتري قدر جو نه رڳو پليجي صاحب پنھنجي پراڻي اتحاد کي ڇني پليان اڇلائي ھن وسيع تر اتحاد ۾ اچي شامل ٿيو پر وفاق پرست پارٽيون پڻ (جيڪي اتحاد لاءِ قطعي متفق ڪونه آھن) اتحاد جي غير مشروط حمايت ڪئي آھي- جيڪا ته نه رڳو سنڌي عوام وٽ پنھنجي پارٽي کي ميڙڻ ۽ ويڙھ لاءِ ھڪ وڏي چارو ڪونه ھو. ھن صورت ۾ سنڌي عوام وٽ سنڌ حيثيت نه رڳو ھڪ ٻئي سنڌ دشمن رھجي ويئي- اھوئي سبب آھي، جو سنڌ جي ترقي پسند، جمھوريت پسند، قوم پرست ۽ انقلابي قوتن سان گڏ جو گڏ ھڪ پاسي پليجي صاحب پنجاب جو دورو ادا ڪري چڪو ٢٧- اپريل کان اڳ جي- ايم- سيد وٽ آيو ته ٻئي پاسي ورھ وفاق جي حمايت ڪندڙ پيپلز پارٽي، اين- پي- پي به اتحاد ۾ شامل ٿيڻ لاءِ زور شور سان بيان بازي ڪرڻ لڳيون. تنھن ڪري تمام وڏي توقع

پيدا ٿي پئي ته بيان بازي ڪرڻ وارين پارٽين کي ڪنهن به صورت ۾ اتحاد ۾ اچي شامل ٿيڻ نه ڏيون، پر جيئن ته پاسي
سنڌ جي وسيع تر اتحاد بيحد تاريخي ضرورت جي پورائي لاءِ آڻيتي ڳالهه ونڊائي رهيو هو. تنهن ٻئي پاسي سنڌ
دشمن قوتون به چوڌري اچي ويون ۽ اتحاد کي ٽوڙڻ ۽ ناڪام ڪرڻ لاءِ هر ممڪن ڪوششون ڪرڻ لڳيون ۽ ايتري
قدر جو اتحاد کي ڪمزور ڪرڻ ۽ ٽوڙڻ لاءِ عالمي سامراج جي پٺڀرائي سان سامراج جي پيچ لٽڪا ٿو پنجابي
حڪمران طبقي کي ملڪ جي اندر بغاوتون حڪمت عمليون اختيار ڪرڻيون پيئي ويون آهن. جيڪا ته پاڪستان
اندر سياسي سماجي ۽ سرواڻي جيئن ته سنڌ ڪري رهي آهي. ان ڪري ملڪ اندر ٿيندڙ تبديلين ۽ پاليسي
وڏي حڪمت عملين جو تعلق ۽ بنيادي طور سنڌ تي پئي ٿو. اهوئي سبب آهي جو جونيجو حڪومت جو
خاتمو ڪري ٿي سر چڙهندڙ جو ڊرامو رچايو ويو آهي ۽ اتحاد ۾ شامل ٿيڻ وارين بورزوا ڌرين کي اهڙا اشارا
اتحاد ۾ اچڻ کان اڳ ملي چڪا هئا ته چونڊون ٿيڻ واريون آهن. ان ڪري ڪٿي ڪمپني ۾ واضح ٿيڻ جي
ضرورت ڪانهي آهي. "سنڌ قومي اتحاد" جو ٽوڙڻ ٻه طريقن سان ٿي سگهيو ٿي. هڪ پاسي اتحاد تي
پابندي وجهي ان جي خلاف ڪاروائي ۽ دهشت جو ڪتاب آندو وڃي ۽ ٻيو اهو ته ان جي خلاف هڪ لاڳيتو پر
ڳجهي سازش جو جار وڇايو وڃي. پر جيئن ته پهريون رستو اختيار ڪرڻ جي ڪري سنڌ اندر ڏاڍو پنجاب
پسند قوتون وڏيڪ واڪلهيون ٿي پون ها. سنڌي عوام جون مڪمل طور تي همدرديون وڃائڻ وڃڻ پر پنجاب لاءِ
وڏيڪ تشويشناڪ ۽ خراب ٿي پوي ها. ان ڪري پوئين رستو وڏيڪ ڪارائتو سمجهيو. ان تي عمل ڪرڻ وڏيڪ مناسب
چاتو ويو آهي. جنهن لاءِ پارلياماني سياست ڪندڙ بورزوا قوتن ملي اتحاد کان اڳ هڪ پاسي بي نظير کي
واشنگٽن ۾ گهرائي ٻڌايو ويو ته پاڪستان ۾ حڪومت جي تبديلي آندي پئي وڃي ۽ چونڊون ٿيڻ واريون
آهن. جنهن ۾ پيپلز پارٽي کي ٻه صوبا ڏنا ويندا ۽ ٻئي پاسي ٥٢ - مئي کان اڳ جتوئي ۽ پاڳاري کي اسلام آباد
گهرائي ٽين اشارو ڏنو ويو ته حڪومت جي تبديلي کانپوءِ چونڊون ٿيڻ واريون آهن ۽ چونڊن کان اڳ نگران حڪومت
۾ ممڪن آهي ته پاڳاري ۽ جتوئي جي ماڻهن کي آندو وڃي. اهڙي طرح سامراج ۽ سامراج جي دلال پنجاب کي
خاص ڪري سنڌ جي بورزوا پارٽين کي اتحاد ۾ شامل ٿيڻ کان روڪڻ لاءِ پنهنجي هٿ جي جوڙيل اسيمبلين
هٿ لٺ ٿو ٿي ويو آهي. پ پ پ مان قائم علي شاهه سميت ٻي سنڌي قيادت ٽوڙي اين. پي. پي
مان آفتاب علي شاهه جيلاني ۽ جتوئي سميت ٻي سنڌي قيادت پڄاڙي تائين سر ڪانفرنس جي نه
ڳڻو حمايت ڪري رهي هئي پر ان ۾ شامل ٿيڻ لاءِ تمام وڏي سرگرمي به ڏيکاري رهي هئي، جيڪا
ته سنڌي عوام جو مسلسل دٻاءُ ليٽ ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ مجبور ۽ لاچار ڪري رهيو هو. ٻئي پاسي
جيئن ئي بي نظير کي آمريڪا جي طرفان (جو ته بي نظير کي سياستدانن تي اعتماد نه پيو بيٺي) ۽ جتوئي
کي اسلام آباد جي طرفان حڪومت جي تبديلي ۽ چونڊن جو اشارو مليو تنهن الحق نه ڪئي اتحاد ۾ شامل ٿيڻ کان انڪار
ڪري ڇڏيو پر هن رجعت پرست سامراج نوازي پنجابي پرماريت جي حامي پارٽين وانگر شديد مخالفت ڪرڻ به
شروع ڪري ڇڏي. جنهن لاءِ بي نظير آمريڪا مان ريگن کان آشيرواد وٺڻ کانپوءِ پاڪستان پهچڻ تي سنڌي
عوام جي اتحاد جي خلاف سخت بيان جاري ڪيا ٿي، جيڪا ته اتحاد ۾ شامل نه ٿيڻ ۽ ان جي مخالفت ڪرڻ لاءِ
آمريڪا ۽ اسلام آباد مان ڪين اهڙو اشارو مليل هو. جنهن جي پوئواري ڪرڻ هنن لاءِ لازمي هئي. اهوئي
سبب آهي جو اتحاد بظاهر جي ڪو ان ڏينهن کانپوءِ جنرل ضياءَ جو پيٽ جي حڪومت جي خاتمي ۽ اسيمبلين
جي ٽوڙڻ جو جيئن اعلان ڪيو، تنهن سڀ کان اڳ بي نظير ۽ جتوئي ان جو خير مقدم ڪيو. جيڪا ته مٿن

سنڌي عوام جي طوفاني اتحاد ۾ شامل ٿيڻ لاءِ جيڪو دباءُ پيدا ٿي رهيو هو. ان کان بچڻ لاءِ پاڪ هٿ ۾ هٿ اچي زور ڪٺائڻ لاءِ پوءِ به بو ضمير مقدم ڪرڻ ضروري هو. جڏهن کان وفاق پرستن کي جو ڏڻ جو آسرو مليو آهي، تڏهن کان ئي ڪالاباغ ڊيم، فوجي ڇانوڻين ۽ ٻاهرين آبادڪاريءَ وارو مسئلو وسري ويو آهي، انهي جاءِ تي اهي مسئلا جيئن جو تيئن، ضياءَ ۽ جوڻيجي بابت ننڍا ننڍا ٽيڪٽ جي وارو وار ڪرڻ لڳا آهن، اهڙيءَ طرح قومي تضاد، جيڪو ڪالاباغ ڊيم فوجي ڇانوڻين ۽ ٻاهرين آبادڪاري جي ايڊريل قومي تضاد جي شدت اختيار ڪري ويو آهي، ان کي مصنوعي طور ڇمري تضاد جي عشرار ايار جي پيان صلاح جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي، اهو سڀ ڪجهه ڏيو ان ڪري ائين ڪيو پيو وڃي جو سامراج ۽ ان جي ڇاڙتي پنجاب کي جيئن ته خبر آهي ته "سنڌ قومي اتحاد" حقيقي انقلابي قوتن کي هڪ هنڌ گڏ ڪري ورتو ۽ ان جي نتيجي ۾ حقيقي انقلابي جدوجهد ڪرڻ وارو بڻيو آهي، ان ڪري سنڌي عوام جي انهيءَ انقلابي جدوجهد کان ڌيان طور جو ڇوٽڪاري حاصل ڪرڻ لاءِ تضادن جي هٽراڙو تبديلي ڪرڻ ضروري آهي، جيڪا ته سامراج ۽ ٿوري ۽ غلام ڪندڙ قوتن وٽ تضادن ۽ مسئلن جو دائمي حل نه هوندو ڪونه آهي، ان ڪري اهي مسئلن جي ڇوٽڪاري جا ڪو عارضي حل ڳوليندا آهن، اهو ائين ته استحصالي قوتون ڪنهن مسئلي جو جيئن ئي عارضي حل ڳولي سگهنديون آهن، تئين ئي مسئلو تضاد جي ٻي شڪل ۾ اڀري سامهون ايندو آهي ۽ اهو سلسلو هلندو رهندو آهي، جيڪا ته تضادن جو جيستائين دائمي حل نه ڳوليو آهي، تيستائين اهي مادي وجود جي فطرت ۾ موجود رهندا آهن، اهوئي سبب آهي جو جو نئين حڪومت جي خاتمي ۽ نئين سر چونڊن جي اعلان کان پوءِ به سنڌ توقع مطابق اتحاد ٿيڻ نه سگهيو آهي، جيڪا ته پي پي ۽ اين-پ-پ جي اتحاد کان ٻاهر رهڻ جي ڪري اتحاد حقيقي ترقي پسند، قوم پرست ۽ انقلابي قوتن جي قبضي ۾ اچي ويو آهي، جيڪي آئيني هلي سنڌ قومي اتحاد کي وڌيڪ ترقي پسند ۽ انقلابي جدوجهد جو رخ ڏيارڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهن ٿا. جيڪا ڳالهه سامراج، سامراج جي دلال پنجاب ۽ ان ۾ رجعت پرستن کي وڌيڪ پريشان ڪندڙ آهي، اهو انهي ڪري به جو اتحاد ۾ شامل اڪثريت سامراج دشمن قوتن جي آهي. جيستائين اتحاد جي پروگرام ۾ سامراج دشمن نقطو داخل ڪونه آهي پر اتحاد پنهنجي ماهيت ۾ سامراج-پنجاب ۽ رجعت پرست قوتن جو مخالف آهي، اتحاد نه رڳو رجعت پرستن جي مليه جماعت مسلم ليگ جي کلم کلا مخالفت ڪئي آهي، پر سامراج جي پڪن، پٺتن ۽ "با اعتماد آزمايل" ڇاڙتا قوتن جي مخالفت نه ڪئي آهي. اهوئي سبب آهي جو جيئن جيئن اتحاد جدوجهد لاءِ سرگرم ٿيندو ويندو تيئن تيئن ان جي جدوجهد پنجاب مخالف- سامراج مخالف، جاگيردار مخالف ۽ رجعت پرست مخالف رخ اختيار ڪندو ويندو، جيڪا ته ڪالاباغ ڊيم جي مخالفت، فوجي ڇانوڻين جي مخالفت ۽ ڌارين آبادڪاري جي مخالفت، پنجاب جي مخالفت رجعت پرستيءَ جي مخالفت ۽ فوجي ڪامورا شاهي جي مخالفت، سامراج جي مخالفت آهي، اهوئي سبب آهي جو جيڪو نئين حڪومت جي تبديلي جي ڪري پنجابي حڪمران طبقي سامراج جي اشاري تي ڪجهه ڌرين کي اتحاد ۾ شامل ٿيڻ کان روڪيو آهي، پر آن هوندي به اتحاد پر پور نموني سنڌ مخالفن جي مخالفت ۾ وڃي رهيو آهي. جيڪا ته پ پ ۽ اين. پ پ جي اتحاد ۾ شامل ٿيڻ جي صورت ۾ پنجابي ۽ سامراجي پرماري مفادن جي تحفظ جا ڪجهه نه ڪجهه امڪان موجود ٿي سگهيا ٿي پر هاڻي اهي بند ٿيندي ويا آهن ان ڪري اتحاد جو پنجاب مخالف، سامراج مخالف ۽ انقلاب ۽ آزادي پسند جدوجهد کان سواءِ رهڻ ناممڪن آهي -

(٢)

هن سموري صورتحال کي ڏسندي سامراج ۽ ان جي دلال پنجاب وري هڪ حڪمت عملي جوڙي ورتي آهي، جنهن

مطابق پنجاب مخالف جدوجهد جي رخ کي "سنڌي مهاجر فساد" ۾ تبديل ڪرڻ جي سازش سٽي وئي آهي، جنهن لاءِ سنڌ جي قومي دشمن ۽ پنجاب جي ايجنٽ وسيم مظهر ندوي کي وزارت ۾ آندو ويو آهي. هن سنڌ ۾ ٽڪ ٽڪاڻي ۽ حڪومتي ادارن جي معرفت "سنڌي مهاجر فساد" ڪرائڻ، سنڌين ۽ مهاجرن جي وچ ۾ ٽڪراءُ ۽ نفرت جي ديوار کڙي ڪرڻ شروع ڪئي، جنهن ۾ وقتي طور اهو پنهنجي مڪار انسان ڪامياب ٿيو آهي. جنهن لاءِ 18 - جون کان اڳ ۽ اهڙي طرح پيدا ڪيل مڪار انسان جي وزارت ۾ اچڻ کان پوءِ آفتاب شيخ جي چوڪ تي حيدرآباد شهر ۾ "سنڌي مهاجر دشمني" فضا کي هوا ڏياري ڪجهه اهڙي ڪاڪي (ٽيمپو) کي ڇڏيو ويو جو ڪنهن به طوفان ڏکو ٽيلي اچلائي ها ته سنڌي - مهاجر فساد جي باهه ڀڙڪي اٿي ها. اهوئي سبب آهي جو 18 - جون واري شاگردن جي پرامن جلوس تي حيدرآباد جي ميئر آفتاب شيخ جي اڳواڻي ۾ هيٺ بلڊنگ ۽ آفيس مان فائرنگ ڪرائي وئي. ان جو مطلب آهي ته پنجاب ۽ ان جي چاڙتن جو مقصد اهو هو ته ڪنهن به ريت سنڌي مهاجر باهه کي ڀڙڪائي ان ۾ "سنڌي قومي اتحاد" کي ملوث ڪيو وڃي. سامراج ۽ ان جي چاڙتن پنجاب کي چاڻ پئجي وئي آهي ته "سنڌ قومي اتحاد" جهڙي نڪ ڪڍي ٻاهر آئي، جيڪي اتحاد کي سنڌي مهاجر فساد ۾ ڦاسائڻ ڪري نٿو، پر جيئن ته سنڌ جي عوام جو تاريخي شعور انقلابي شعور آهي، انڪري سنڌي سماج ۾ رجعت پرست - سامراج نواز پنجاب دوست قوتون هڪ ته ڪمزور آهن ۽ ٻيو ته اڪيلو ٿي ويون آهن پر ان جي ابتڙ مهاجرن ۾ اهڙيون سنڌ دشمن، رجعت پرست، سامراج نواز ۽ پنجاب پسند قوتون تمام گهڻيون موجود آهن. ته ڏکوا هو پر مهاجر قوم جا جان وڏي تعداد ۾ رجعت پرستي جي صف وڏي ۽ اوچي آڏا هم ڪري آهي، انڪري سامراجي قوتن جي اچلايل جاري ۾ ڦڪڙ ۾ ڦاسي سنڌ دشمن ڪاروائي ۾ ملوث ٿي وڃن ٿيون. اهو ئي ڪارڻ آهي، جو سنڌي مخلصن سنڌي مهاجر فساد جي باهه کي ڀڙڪائڻ جي اهڙي گهڻي ڪوشش ڪئي آهي، جيتري گهڻي مهاجرن ڪئي آهي. جنهن ڪري جاني ۽ مالي نقصان به سنڌين جو گهڻو ٿيو آهي. ڇاڪاڻ ته سنڌين اهو دفاعي پوزيشن ۾ رهندي جوابي ڪاروائي ڪئي ٿي. پر فساد ۾ سنڌي آڏائي ڪندڙ ڪو نه هئا. ان جي ابتڙ وسيم مظهر ندوي ۽ آفتاب شيخ جي تيار ڪيل نقاب پوش ڪرائي ڪيندار غنڊن سوزوڪي، ڪارن ۾ هٿيار بند ٿي حيدرآباد ۾ بس هلائن تي سنڌي ماڻهن جي مٿان گوليون تي هلايون ۽ گهرن تي حملا ڪيا.

سنڌي مهاجر فساد ڏکو حيدرآباد تائين محدود رهيو پر ڪراچي تائين ڪو نه ڦهليو. جيڪا ڳالهه ثابت ڪري ٿي ته فساد ۾ ايم ـ ڪيو ـ ايم جي مرڪزي قيادت ته پر مڪمل طور حيدرآباد واري ڏکو ملوث ٿي آهي - جنهن ڏڙي تي سنڌ دشمن وسيم مظهر ندوي - آفتاب شيخ، عظيم طارق ۽ ٻيون پنجاب نواز مهاجر قوتون قابض آهن - اهو ئي سبب آهي جو فساد ۾ ڏکو مهاجر نقاب پوش ملوث هئا پر پنجابي نقاب پوش به ملوث هئا، جيڪي مهاجرن ۽ سنڌين ٻنهي کي قتل ڪري رهيا هئا. جيڪا ڳالهه اهان وڏيڪ ثابت ٿي ڪري ته فساد ۾ سنڌ دشمن پنجاب جو هٿ آهي، ٿهن هوندي به فسادن جي دوران الطاف حسين جو حملت پسند ۾ موقعي پرست رويو ننڍو ٿيو آهي، ڇاڪاڻ ته مهاجر پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کان وٺي سنڌ واري ڏهاڪي تائين پنجابين جي اعتماد واري اتحادي قوت رهيا آهن، انڪري مظلوم قومن جي استحصال ۽ ڦرلٽ ۾ پنجابين سان ڀائيوار رهيا آهن پر ان کان پوءِ خاص ڪري افغان انقلاب ۽ سوويت يونين جي فوجن جي افغانستان ۾ اچڻ کان پوءِ پنجابين مهاجرن جي جاءِ تي پٺاڻن کي پنهنجي اصل اتحادي قوت ۾ شامل ڪيو آهي ۽ مهاجر وارو اتحادي شهر پنهنجي پٺاڻن کي ڏنو آهي ۽ انهن سان گڏوگڏ مهاجر سرمائيدار جي جاءِ پنجابي سرمائيدار ۽ اڳتي ڳلو آهي. تنهنڪري مهاجرن جو ٽڪراءُ پٺاڻن ۽ پنجابين سان ٿي پيو آهي ۽ سنڌين سان ويڇڙو ٿي پيدا ٿي آهي، پر جيئن

ته قورو قوتون پيدا ٿيون ۽ ٿرمار ۾ حصيدار ڪرڻ جي بدران هڪ ته رڳا رعايتون ڪسي ٻئي ڌر کي ڏنيون ويون آهن. انهي ڪري افغان انقلاب کانپوءِ مهاجرن وارين رعايتن پٺاڻن کي ڏنيون ويون ۽ نتيجي ۾ مهاجر پٺاڻن ۽ پنجابين جي خلاف ٿي ويا آهن ۽ سنڌين جي ويجهو ٿيڻ لڳا آهن. جنهن ڪري ٻنهي پنجاب کي وڌيڪ پريشان ڪري ڇڏيو آهي. جيتوڻيڪ ته مهاجرن جي سنڌين جي ويجهو اچڻ جي ڪري پنجاب جي طرفان سنڌين کي اقليت ۾ ڪري مڪمل طور غلام ڪرڻ واري پاليسي تي مڪمل طور پاڻي ڦري ويو آهي. جنهن ڪري ته سنڌي پنجاب کي پنهنجي حڪمت عملي تي نظرثاني ڪرڻي پئجي وئي آهي. اهو ئي سبب آهي جو پنجاب مهاجرن کي راضي ڪرڻ ۽ پنهنجي اتحادي قوت واري اڳوڻي حيثيت جي ڪجهه نه ڪجهه بحال ڪرڻ لاءِ سندن مطالبن مڃڻ تي غور ويچار ڪري رهيو آهي. جيتوڻيڪ ته سندس خيال ۾ به پهريان سنڌين کي مڪمل طور تي غلام ڪرڻ کانپوءِ مهاجرن تي وار ڪرڻ گهرجي، اهڙي طرح جيئن ته افغانستان مان سوويت فوجون واپس وڃي رهيون آهن. انڪري ڪجهه پٺاڻن کي ڏنل رعايتن مان ۽ ڪجهه 1983ع ۽ 1986ع کانپوءِ سنڌين کي ڏنل رعايتن مان مهاجرن جي مطالبن جو پورائو ڪيو ويو آهي. نه رڳو اهو پر هڪ پاسي مهاجرن جون تنظيمون جيئن ته نيب رجعت پرست ڊيموڪريٽڪ پرست تنظيمون آهن، انڪري اهي پنجاب سان سودي بازي لاءِ وات ڦاڙيو ويٺيون آهن ۽ ٻئي پاسي پنجاب کي مهاجرن جي اتحادي قوت ۾ ڦاٽ واري غلطي جو به احساس ٿيو آهي. انڪري پنجاب مهاجرن کان ڪن وري اتحاد جو صحت وڌائڻ شروع ڪيو آهي ۽ مهاجرن جي رعايتن ڏيڻ واري سلسلي کي جاري ڪري رهيو آهي. جنهن لاءِ شروعاتي طور نه رڳو وسيم ظفر نقوي کي وزارت ۾ آندو ويو آهي ۽ پنجابي - پناهگير مفادن کي جوڙيندڙ ۽ سلها ڏيندڙ مهاجر (ايڇ-پي- سي-پي) جنرل رحيم کي سنڌ جو گورنر ڪيو ويو آهي. پر ميرٽ جي بنياد تي ڪوٽه سسٽم کي معلوم به ڪيو ويو آهي ته ڳالهين کي ڳڻڻ واري منصوبي تي تڪڙو عمل به شروع ٿي ويو آهي. جنهن جي عيوض ۾ پنجاب مهاجرن کان سنڌ دشمني ۽ "سنڌي - مهاجر فساد ڪرائڻ جي قيمت وصول ڪري رهيو آهي. جيتوڻيڪ جو مهاجرن جي سموري سياست سابق سامراج نواز اجاريدار سرمائيدارن جي رجعت پرست مفادن جي دائري کان ٻاهر نڪري ڪانه سگهي آهي. جنهن ڪري مهاجر سياست ۾ سنڌ دشمن سياسي لاڙا شڪاري نموني موجود آهن. جنهن ۾ ثقافتي شائونزم پنهنجي پوري پورشعل ۾ موجود آهي ۽ ان کان سواءِ مهاجر قوميت ۽ مهاجر سپر پاور جهڙا بنهه رجعت پرست ۽ جارحيت پسند لاڙا به تمام گهڻي تعداد ۾ موجود آهن. انڪري سنڌي ماڻهن کي مهاجرن ڏانهن پنهنجن رويي کي نهايت خبرداري سان استعمال ڪرڻو آهي. جيتوڻيڪ ته مهاجرن جو جيتوڻيڪ هڪ پاسي پنجابي ڀرمار ٿيڻ سان ٽڪراءُ پيدا ٿيو آهي پر ٻئي پاسي سندن سياست سنڌ دوست به ڪانه ٿي آهي. مهاجرن ۾ جيڪا ٿوري گهڻي تبديلي اچي رهي آهي، سا رڳو مقداري تبديلي آهي، پر حقيقي تبديلي ڪانه آهي. انڪري مهاجر عمومي سنڌي ٿيڻ واري مقداري تبديليون جيئن ته ٿيندڙ ۽ ٿينديون نٿيون هڪ حقيقي تبديلي کي جنم ڏينديون. اسان جو ڪم آهي ته مهاجرن جي سنڌي قوم ۾ ضم ٿيڻ واري مقداري تبديلين جو غور سان جائزو وٺون ۽ انهي کي صحيح رخ ڏيڻ لاءِ رهنمائي ڪريون پر ٻئي پاسي مهاجرن کي به سمجهڻ گهرجي ته جيڪڏهن اهي سنڌي قوم ۾ "ضم" ٿيڻ منظور ڪن ٿا - سنڌي ٻولي قومي ٻولي منظور ڪن ٿا، سنڌي ثقافت جي واڌ ويجهه ۽ ترقي منظور ڪن ٿا، ڪوٽا سسٽم جي بحالي منظور ڪن ٿا، ڪالاباغ ڊيم جي خلاف جدوجهد منظور ڪن ٿا، سنڌ ۾ فوجي ڇاوڻين جي خلاف جدوجهد منظور ڪن ٿا ۽ سنڌي قوم کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ واري سازش جي خلاف تعليم ڏيندڙ جدوجهد منظور ڪن ٿا ته پوءِ مهاجر به سنڌ ۽ سنڌي عوام کي منظور ڪن ٿا. جيتوڻيڪ ته سنڌي ماڻهو انهن کي ۾ حق بجانب

آهن ته سنڌ ۾ صرف اهي ماڻهو رهي سگهن ٿا، جيڪي سنڌي ٿي رهندا، جيڪي ڪرنا سنتم جي مخالفت ڪندا جيڪي ٻهارين جي سنڌ ۾ آمد جي کُلي طرح مخالفت ڪندا، جيڪي ڪالاباغ ڊيم جي مخالفت ڪندا، جيڪي سنڌ ۾ فوجي ڇاوڻين جي مخالفت ڪندا، جيڪي سنڌ ۾ ٻاهرين آبادڪاريءَ جي ڀرپور نموني مخالفت ڪندا ۽ جيڪي سنڌ ۾ پنجابن ۽ پناهگيرن ۽ ٻهارين جي آمد جي جنهن مخالفت ڪندا. ٻيو اهي ئي ماڻهو سنڌ ۾ سنڌي ٿي رهي سگهن ٿا. ڇاڪاڻ ته سنڌي عوام جي اها وڏي ۾ وڏي فراخدلي آهي، جو اهي اهڙن ماڻهن کي سنڌي بڻجي سنڌ ۾ رهڻ جي اجازت ڏين ٿا، نه ته اهو ڪو ضروري ڪونهي ته هر ڪو ٻاهريون ايندڙ ماڻهو سنڌ ۾ سنڌي بڻجي جي دعوا ڪندو رهي، پر سنڌي ٿيڻ لاءِ سنڌي ماڻهن جي قبوليت ضروري آهي، اهو ئي سبب آهي جو جيڪڏهن سنڌي ماڻهو ڪنهن کي به سنڌي ٿي رهڻ جي اجازت نٿا ڏين ته انهن ۾ اهي حق بجانب آهن. سنڌي ٿيڻ لاءِ سنڌي ضمير جو ثبوت ڏيڻ ضروري آهي، جيڪو ٻيو ڪو سنڌ جي خلاف ٿيندڙ سڀني سازشن جي خلاف ڀرپور جدوجهد ڪرڻ واري صورت ۾ ئي ڏئي سگهجي ٿو. ڇاڪاڻ ته تاريخ جو سنئون مهاجرن کي سنڌي ٿيڻ لاءِ سڏي رهيو آهي. انڪري جيڪڏهن مهاجر تاريخ جي سڏ ۾ سڏ ڏيندا ته سنڌ ۾ رهي سگهندا، نه ته بنگلا ديش جي ٻهارين ٿا به بري حشر جا حقدار ٿيندا. تاريخ جي سڏ ۾ سڏ ڏيڻ لاءِ مهاجرن کي سنڌ جي جمهوري حقن ۽ آزاديءَ لاءِ سنڌي ماڻهن سان ڪلهي ۾ ڪلهو ملائي وڙهڻو پوندو. پر جيڪڏهن مهاجر سنڌ جي جمهوري حقن ۽ آزاديءَ لاءِ سنڌي ماڻهن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي نٿا وڙهن ته پوءِ اهو انهن جو خود پنهنجي وجود تي وار آهي، ڇاڪاڻ ته سنڌ مان ڌڪجي نڪرڻ کان پوءِ انهن لاءِ دنيا جي ڪنهن به ڪنڊ ۾ ڪا به جاءِ ڪانه آهي، پر ڇاليهه سال مهاجرن کي پنجابي استعماريت استعمال ڪندي رهي آهي. ۽ هاڻ جيڪڏهن مهاجر پنجابي استعماريت جي استعمال جي شئي ٿيڻ چاهين ٿا ته پوءِ استعمالي شئي جو انت به ايندڙ ڪهي ۾ لکو انت مهاجرن جي وجود جي خاتمي جي صورت ۾ نڪرڻو آهي.

سنڌ جي ڌرتي هن وقت تاريخ جي اهڙي موڙ تي اچي بيٺي آهي، جنهن اُها مهاجرن کي سنڌي ٿيڻ لاءِ غير مشروط سڏي رهي آهي، جيڪڏهن مهاجر تاريخ جي سڏ ۾ سڏ نه ڏيندا ته پوءِ تاريخ به ڪنهن جو انتظار نه ڪندي آهي ۽ تاريخ پنهنجو رستو پاڻ ڳولي ڪڍندي آهي. ۽ تاريخ جي وهڪري کي دنيا جي ڪا به "سپر طاقت" روڪي نٿي سگهي، ڇاڪاڻ ته سنڌ ۾ مهاجرن جو اصل وطن ڪڏهن به ڪونه رهيو آهي، انڪري مهاجرن کي مهاجرن جي صورت ۾ قبول ڪرڻ لاءِ تاريخ وٽ ڪو به جواز ڪونه آهي ۽ نه ڪڏهن قبول ڪندي. آن ڪري مهاجر سمنڊ ۾ ته ڌڪجي سگهجن ٿا، پر مهاجرن ٿي سنڌ ۾ رهي نٿا سگهن. ڇاڪاڻ ته مثل دراصل فرقيواريت جي بنياد تي زنده رهڻ ناممڪن آهي، جيڪڏهن مهاجر تاريخ جي سڏ کي پٺي ڏيئي فرقيواريت جي بنياد تي رهڻ گهرندا ته پوءِ کين يقين ڪرڻ گهرجي، ته فرقيواريت جو ٺڪاڻو ٿي ويندا، پر سنڌ جي ڌرتي تي پير ڪوڙي ڪري سگهندا سنڌ جي ڌرتي پير ٻيو سنڌي ٿي ڪوڙي سگهجن ٿا، ٻي ڪا به صورت ڪانه آهي ۽ نه ڪڏهن ٿي سگهي ٿي. مهاجرن کي گهرجي ته سنڌ جي تاريخي ضرورت تحت سنڌي مهاجر فساد ڪرائڻ وارين فرقي پرست قوتن جي سوڙ سنڌ دشمن سازشن کي مٽي ۾ ملائي سنڌ جي ڌرتي ۾ "جزب" ٿي وڃن ۽ سنڌي ماڻهن جي هلندڙ جدوجهد ۾ شريڪ ٿي سڀني سنڌ دشمن منصوبن کي سنڌ دوست تحريڪ ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌي اچن انڪانسواءِ مهاجرن لاءِ ڪا به واهه ڪانه آهي، جنهن ذريعي انهن اهي واجهائيندا رهيا آهن مهاجرن کي تاريخ جي ناڪاري رخ کي هيٺ ڏيئي تاريخ جي ناڪاري … انهن … گهرجي جنهن سنڌ ۾ زنده رهڻ وارين سيرن کي ڪڍي ڇڏيو ڪهن.

(٣)

* هن سموري سنڌ دشمن منصوبي کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ سامراج ۽ سامراج نواز قوتون، پنجاب ۽ ان جو پيچ لنتڪا ۽ قوتون لوڙي پنجابي جنرل وڏي پيماني تي شامل آهن، جيڪا ڳالهه بلڪل پڪ ٿي وئي آهي ته "سنڌ قومي اتحاد" سنڌ جي قومي آزاديءَ تاريخي ضرورت جو پوراڻو ڪندڙ آهي، ان ڪري اتحاد کي سنڌ دشمن سرگرمين ۾ ملوث ڪرڻ لاءِ اتحاد جي جدوجهد جي رخ کي تبديل ڪرڻ ضروري چاتو ويو آهي، جنهن لاءِ پنجاب ۽ ان جي چاڙتن هڪ وسيع ۽ ويڪري ۽ پلاننگ ناهي ورتي آهي جنهن تحت سنڌي مهاجر فساد جو بهانو بنائي سنڌ ۾ وڏي پيماني تي آبرپيشن ڪرڻ جي رٿا بندي ڪئي وئي آهي. گورنر رحيم خان جي مقرري ان سلسلي جي هڪ پيانڪ ڪڙي آهي، هن موت مار رٿا بندي ۾ پنجاب ۽ آمرڪي سامراج جو ڪٺ پتلي هٿ آهي، ان ڪانسواءِ پنجاب ۽ ان جي چاڙتن سنڌي مهاجر فساد ان ڪري به ڪرايو آهي ته جيئن چوندن جي سنڌ ۾ ڪالاباغ ڊيم، فوجي چاوڻيون ۽ ٻاهرين آبادڪاري الیڪشن جو موضوع نه بڻجي سگهي، جيڪا ته ڪالاباغ ڊيم فوجي چاوڻيون ۽ ٻاهرين آبادڪاري جيڪر ته هن اليڪشن جو موضوع بڻجي ويون ته قومي تضاد اڳ کان به وڌيڪ شدت سان ابري ايندو، اهوئي سبب آهي جو پنجاب ۽ ان جا چاڙتا ڌڪ پاسي "سنڌ قومي اتحاد" کي سنڌي - مهاجر فساد ۾ ڦاسائڻ گهرن ٿا ۽ ٻئي پاسي سنڌ ۾ پي پي کي ابارڻ "سنڌ قومي اتحاد" جي جاءِ والارائڻ گهرن ٿا. سنڌ ۾ قومي تضاد ايتري ته شدت اختيار ڪري چڪو آهي جو ان جو زور گهٽائڻ لاءِ پنجابي حڪمران طبقي کي پي پي سان رسوڪڊ ڳولهڻي ويو آهي ته جيئن سنڌ جي قوم پرست، ترقي پسند ۽ انقلابي جدوجهد جي جاءِ تي بورزوا وفاق پرست سياست کي آندو وڃي، جيڪا ته موجود "اپريل قومي تضاد کي ڪمزور ڪرڻ يا ڪچلڻ لاءِ پي پي کانسواءِ ٻي ڪابه اهڙي قوت موجود ڪونه آهي.

هن سموري صورتحال کي سامهون رکندي سنڌ جي قوم پرست، ترقي پسند ۽ انقلابي قوتن کي سامراج نواز پنجاب جي سنڌ دشمن سازش کي منهن ڏيڻ لاءِ نه رڳو خبردار رهڻو آهي پر انقلاب ۽ آزادي پسند جدوجهد جي رهنمائي به ...

... ۽ سنڌي - مهاجر فساد مان پيدا ٿيل سنڌي عوام جي جذبات کي صحيح ۽ حقيقي انقلابي جدوجهد ۾ تبديل ... ڪرڻو آهي ته جيئن فوجي چاوڻيون، ڪالاباغ ڊيم ۽ ڌارين آبادڪاريءَ جي خلاف صحيح ۽ حقيقي جدوجهد ڪري سگهجي، پنجاب ۽ ان جي دلال رجعت پرست قوتن جي پوري ڪوشش آهي ته اتحاد جنهن مقصد لاءِ ٺهيو آهي، ان مقصد لاءِ ڪا به پورجدوجهد نه ڪري سگهي، ته جيئن سنڌي عوام اتحاد کان مايوس ٿي وفاق پرست پارٽين جي پٺيان لڳي. "سنڌ قومي اتحاد" جيئن ته فوجي چاوڻين، ڪالاباغ ڊيم ۽ ڌارين جي آبادڪاري جي خلاف جوڙيو ويو آهي ۽ ان کي ان لاءِ لازمي طور جدوجهد به ڪرڻي آهي - ان ڪري لازمي طور اها آهي پوءِ سنڌ جي قومي آزادي ۾ تبديل ٿيڻي آهي، جيڪا ته پنجاب ۽ پنجابي حڪمران طبقو ڪڏهن به نه ٿو چاهي ته سنڌ قومي اتحاد ... لاءِ تيار ڪيو آهي، پر جيڪڏهن اتحاد جي جدوجهد وسيع ۽ ويڪري ٿي وڃي ٿي ۽ پنجاب ۽ پنجابي حڪمران طبقو مجبور ۽ لاچار ٿيندو ته ڪڏهن به وڏي ۾ وڏو ڪالاباغ جي منصوبي کي ختم ڪيو ويندو، باقي فوجي چاوڻيون ۽ ٻاهرين آبادڪاريءَ تان ڪڏهن به هٿ کڻڻ لاءِ تيار ڪونه آهن، بلڪ ان صورت ۾ اتحاد کي ڪچلڻ لاءِ ضرورت پوڻ ته تشدد به استعمال ڪيو ويندو، ان ڪري حالت ۾ به لازمي طور تشدد وجود ۾ ايندو - جيئن سنڌ جي قومي آزاديءَ جي جدوجهد ۾ تبديل ٿي سگهي ٿو، پر ان جي ابتڙ جيڪڏهن اتحاد کي سنڌي مهاجر خانه جنگي ۾ ملوث ڪيو وڃي ٿو ۽ ان تي چاڙهه وارو اهو سلسلو هلندو رهي ٿو ته اهو پنجابي پرماري مفادن لاءِ سڀ کان وڌيڪ فائدي واري آهي، جيڪا ته سنڌي - مهاجر فساد جيترو وڌيڪ وقت جاري رهندا، اوترو وڌيڪ پنجابي شاونزم پنهنجن ناپاڪ مقصدن ۾ ڪامياب ويندي. يعني جيئن سنڌي مهاجر فساد هلندا رهندا، تيئن اتحاد وارن سرگرمين ان لاءِ وقف رهندي ۽ ايتري ۾ فوجي چاوڻين جو سلسلو هلندو رهندو ته ڪالاباغ ڊيم پورو ٿي ...

پڻ ديمڻ جي نالي ۾ عمل ۾ جاري رهندو ته ٻاهرين آبادڪاريءَ کي سنڌ ۾ منتقل ڪرڻ وارو سلسلو به ڪيل هوندو ۽ اتحاد جي مسئلن کي روڪڻ لاءِ ٺهيو آهي، انهن لاءِ ڪاب موثر جدوجهد ڪري نه سگهندو، نتيجي ۾ سنڌي عوام جو اعتماد اتحادمان کڄندو ويندو، اها آهي سامراج - پنجاب ۽ پنجابي حڪمران طبقي لوڙي ان جي ڀاڙتن جي سنڌ ۽ سنڌي عوام جي خلاف هڪ وڏي ۽ گهري سازش - جنهن کي منهن ڏيڻ لاءِ بلڪو پڻ ضروري ۽ وقت جو سڏ به آهي. ۽ سنڌ ۾ سنڌ ڏيڻ ترقي پسند، انقلابي ۽ قوم پرست قوتن جو تاريخي فرض آهي.

پنجاب ۽ ان جا ڀاڙتا فسادن ڪرائي هڪ ٻيو به مقصد حاصل ڪرڻ گهرن ٿا، اهو هي ته سنڌي قوم کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ مهاجر- پنجابي- پٺاڻ ۽ ٻئي سموري ٻاهرين آباديءَ کي جوڙڻ جي دوران سنڌي عوام جي خلاف رکو انهن متحد ڪرڻ گهرجي پر جيئن ته سنڌي عوام جي خلاف رکو انهن متحد ٿي سگهي ٿي، جنهن ان جو سنڌي عوام سان خونريز تضاد ۽ ٽڪراءُ ڪرايو وڃي، جيڪا ته ٻاهرين آبادي سامراج نواز رجعت پرست قوتن جي ويجهو رکو سنڌي عوام سان پرلوڙ نفرت جي بنياد تي ئي اچي سگهي ٿي، انڪري جيئن جيئن سنڌي- مهاجر فساد شديد ٿيندو ويندو، تيئن تيئن سنڌين لوڙي مهاجرن ۾ رجعت پرست قوتون وڌيڪ مضبوط ۽ سگهاريون ٿينديون وينديون. اهو ئي سبب آهي، جو پنجاب ۽ ان جا ڀاڙتا چاهين ٿا ته اهڙي طرح نه رکو ٻاهرين آبادي جي رجعت پرست ۽ سامراج نواز قوتن جي ويجهو آڻي سگهجي لوڙ پر ان سان گڏ سنڌ جي غدار وڏيرا شاهي جي معرفت ان جو سنڌي ماڻهن جي ڪجهه حصي کي اهڙين پارٽين جي ويجهو آڻي سگهجي ٿو، جيڪي مڪمل طور تي سنڌ دشمن پارٽي پروگرام رکندڙ آهن ۽ اهڙيءَ طرح عالمي راءِعامه لئي واضح ڪري سگهجي ٿو ته سنڌ ۾ اصل سنڌي آبادي لوڙائي ۾ تبديل ٿي چڪي آهي، جنهن لاءِ وڏي ڪوشش ٿي رهي آهي، ته ايندڙ چونڊن ۾ سنڌ اندر اهڙين پارٽين جي اميدوارن کي اڪثريت سان کٽرايو وڃي، جيڪي سنڌ ۽ سنڌي قوم جي تاريخي وجود جا منڪر آهن. هن کان اڳ جيئن ته سنڌ جون ترقي پسند ۽ انقلابي قوتون هڪ ٻئي جي "جنڊاپڻ" ۾ گليون پيون هيون. انڪري دشمن کين ڏاڍي ڪو حامي ڏيان ڪونه ٿي ڏنو، جيڪا ته اهڙي "ڳالهين" جا لوڙي نه جيستائين اهي هڪ ٻئي جي ڏاڙهي پٽ ۾ مشغول آهن، تيستائين خود سنڌي ماڻهن ۾ خانه جنگي ۽ پاڻ ۾ وڙهي مرڻ جا موقعا موجود آهن پر جڏهن کان سمورين سنڌ دوست قوتن هڪ محاذ گڏ ٿيون آهن، تڏهن کان دشمن به سجاڳ ٿيو آهي ۽ کيس ڦڙڦوٽ وارا ڪي ورلڙ آهي، انڪري اهو نه رکو پنجابي اصل سنڌ دشمن روپ ۾ سامهون آيو آهي پر سنڌ مان غدارن ۽ ايجنٽن کي ڳولي ۽ استعمال به ڪري رهيو آهي ته ان سان گڏوگڏ مهاجرن جي سنڌ دشمن ۽ پنجاب دوست رجعت پرست جي وڏي پئماني تي پٺي به ٺپري رهيو آهي، هن طرح پنجاب ۽ پنجابي حڪمران طبقو سنڌ دشمن ڪاروائين کي لاڳيتو جاري رکڻ لاءِ نه رکو مختلف منصوبا ٺاهي ۽ حڪومت عملين کان ڪم وٺي رهيو آهي پر ننگي جارحيت کان ڪم وٺڻ لاءِ وڏي حد تائين تياريون به ڪري رهيو آهي. جنهن لاءِ في الحال ته ٽي مظهر ڏئي - آفتاب شيخ ۽ عظيم طارق، جي پنجاب دوست ۽ سنڌ دشمن حيدرآباد واري ايم-ڪيو-ايم جي ڏاڙهي کي ڪهري طور ڪتب آندو ويو آهي، جنهن هڪ ذليل منصوبي تحت حيدرآباد جي انتظاميه سان ملي ڀڳت ڪري امتحانن جو بهانو بنائي مختلف شاگردن کي گرفتار ڪرايو ۽ قمر پيٽيءَ کي پاڻ گهرائي انکي به گرفتار ڪرايو ۽ اهڙيءَ ريت جيڪي سنڌ جي شاگردن کي اشتعال ۾ آندو ۽ ٻئي پاسي آفتاب شيخ جي گهر ۾ جرڳو به ڪرايو ۽ مهاجرن کي اشتعال ۾ آندو ته جي ۽ جيڪي سنڌ جي شاگردن بس ۾ چڙهي حيدرآباد جي ميونسپل ڪارپوريشن

جي ڀاڱن ۾ پرامن مظاهرو ڪيو، جن تي اڳوات هٿيار ڪيل نقاب پوش ۽ هٿياربند غنڊن جي هٿان انڌاڌند فائرنگ ڪرائي ڪيترن معصوم شاگردن جو بي گناهه خون وهرايو ويو، جنهن ڪانپوءِ سنڌي - مهاجر فساد جي باهه ڀڙڪي اٿي، پر جڳهه جڳهه اهاڻي ته اها باهه حيدرآباد کان ڪراچيءَ تائين پکڙجي نه سگهي.

حڪمران طبقو تضادن کي حل نه ڪندو آهي، جو ته اهي تضاد انهيءَ نظام جي پيداوار هوندا آهن جيڪو نظام حڪمران طبقن جي مفادن جو غير مشروط تحفظ ڪندو آهي، انهيءَ ڪري اهي تضاد حڪمران طبقن جي مفادن جي محافظ طبقاتي سماج جي فطرت ۾ موجود هوندا آهن، جيڪي انهيءَ سماج جي طبقاتي ڦرلٽ ۾ استحصال ماڻهن ونڊا آهن جيڪا ڦرلٽ ۽ استحصال حڪمران طبقو محڪوم يا رعيت عوام جي ڪندو آهي. حڪمران طبقو سماج ۾ موجود تضادن کي حل نه ڪندو آهي پر انهن تضادن مان ماڻهن جند ڇڏائڻ لاءِ رڳو ايترو سو ڪندو آهي ته جيئن تضاد ايترو سنڌس ٻئي مان اچي جهلبندو آهي، انهيءَ جي موضوعي ۽ جزوي تبديلي ڪندو آهي ۽ هڪ جي جاءِ تي ٻئي تضاد کي ڪوڙي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. جيڪو وري اڳتي هلي وڌيڪ شديد ۽ خطرناڪ صورت وٺي اڀرندو آهي. اٺن سالن جي مارشلا ڪانپوءِ جڏهن فوج جي خلاف عوام ۾ ڪيتي نفرت اڀرجي آئي ۽ قومي تضاد جمهوري تضاد ۾ ايري آيو. تڏهن حڪمران طبقي ان کان جند آڇي ڪرائڻ لاءِ عارضي طور سماج ۾ موجود سيني تضادن کي جيڪي جڏهن تڏهن ۽ پاڻ سان گڏ ٻاهر وٺي حڪمران طبقي جي هٿ ڪنهن کي اقتدار ۾ شريڪ ڪيو، ته جيئن فوجي حڪمران طبقي جي خلاف نفرت جي جاءِ تي ٻيا تضاد وارا رڳن ۽ عوامي راڄ جي بحاليءَ جو تضاد ڇنڊجي وڃي، جنهن جو وري ٻيو نتيجو اهو نڪتو جو سنڌ ۾ ٻين سيني تضادن جي جاءِ "قومي تضاد" اچي والاري آهي ۽ جنهن پنهنجي ماهيت جو سياسي اظهار "سنڌ قومي اتحاد" جي شڪل ۾ ڪيو آهي. جيڪو نه رڳو پنجاب ۽ پنجابي حڪمران طبقي جي اقتدار لاءِ پر پاڪستان جي وجود لاءِ به خطري گهنٽي ٻڌي وڃڻ لڳو آهي. ننڍڪري انهيءَ مان نه رڳو پاڪستان پنجابي پرماري مفادن کي پر ڏکڻ ايشيا ۾ سامراجي مفادن کي هٿ وٺي ڪا ڀاري ڏک ڏک جو به خطرو پيدا ٿي پيو آهي، اهو ئي سبب آهي، جو سامراج ۽ اهو دلال پنجاب ۽ پنجابي حڪمران طبقو ۽ ان جا چارتا مسلسل هڪ ٻئي جي پويان سنڌ قومي اتحاد جي خلاف هٿ ڌوئي پيا آهن ۽ مختلف سازشون ڪري ان کي ناڪام ڪرڻ جون ڪوششون ڪري رهيا آهن، ڇاڪاڻ ته سنڌ قومي اتحاد سنڌ جي قومي آزادي جو قانوني سياسي اظهار آهي ۽ سنڌ جي قومي آزادي ڏکڻ ايشيا ۾ سامراجي مفادن جي رکوال ۽ "آزمايل باعتماد اتحادي" پنجابي قوم کي مڪمل شڪست جي صورت ۾ هوندي جنهن سمجهي سگهجي ٿي، ننڍڪري سنڌ قومي اتحاد پنجاب کي نه سامراج جي "آزمايل باعتماد اتحادي پنجابي قوم کي نه پنجابي حڪمران طبقي کي ۽ نه عالمي سامراج کي قابل قبول آهي." ڇاڪاڻ ته سامراج کي پاڪستان جي ننڍڙي ڪانپوءِ ڏکڻ ايشيا ۾ "آزمايل باعتماد اتحادي" اڪيلو پنجابي قوم واري پوري پروسو بڻجي ڪنهن به سامراج لوازم رجعت پرست قوت ۾ ٿي نه سگهي، ڇو ته پاڪستان جي خاتمي ڪانپوءِ سامراج کي ڪهڙين ڪا پڪ ڪونه آهي ته پاڪستان جبري الحاق کان آزاد ٿيندڙ قومون سامراج جي غلامي ۽ والارهيت رهي ۽ سگهنديون يا نه - پر ته جيڪڏهن سامراجي مخالفت جي نتيجي ۾ سامراجي غلامي ۽ والارهيت رهن به ٿيون ته اهو ضروري ناهي ته سامراجي مفادن لاءِ "آزمايل باعتماد اتحادي" جيئن پنجابي قوم واڳڙ وفادار رهي به سگهنديون ۽ ڏکڻ ايشيا ۾ سامراجي مفادن جي حفاظت لاءِ اهڙي رعيت ڪري سگهنديون جهڙي رعيت پنجابي قوم ڪري رهي آهي. ان ڪانسواءِ آمريڪي سامراج جو پاڪستان ۾ "پنجم سوار ب" سرمايو لڳل آهي

انهوءَ سبب آهي، جو آمريڪا کي پنهنجي سامراجي سرمائي جي حفاظت لاءِ به پاڪستان ۽ پنجابي فوج جي مضبوطي کپي، جنهن لاءِ آمريڪا کي نه رڳو پاڪستان کي قائم رکڻ لاءِ ڪنهن جو به زور لائڻو آهي، پر فوجي لحاظ کان مضبوط ۽ سگهارو به ڪرڻو آهي، ڇاڪاڻ ته پنجاب جا مفاد، پنجابي فوج سان سلهاڙيل ۽ پنجابي فوج جا مفاد پاڪستان سان سلهاڙيل آهن ۽ پاڪستان جا مفاد آمريڪي سامراج سان سلهاڙيل آهن، جهڙيءَ طرح پنجاب، پنجابي فوج ۽ پاڪستان هڪ ٻئي جو لازمي ملزوم آهن ۽ هڪ ٻئي کان سواءِ زنده رهي نٿا سگهن، تهڙيءَ طرح پنجاب، پنجابي فوج ۽ پاڪستان آمريڪي سامراج جي سرپرستيءَ کانسواءِ زنده رهي نٿا سگهن، انهوءَ سبب آهي جو آمريڪي سامراج لاءِ انهيءَ جي اڳڙتي پنجاب ۽ پنجابي فوجي حڪمران طبقي سنڌ جي انقلاب ۽ آزادي پسند جدوجهد کان جو ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ لاءِ انهيءَ انقلاب ۽ آزادي پسند جدوجهد کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ لاءِ مختلف حڪمت عمليون ڪي وجود ۾ آنديون رهيو آهي، جنهن لاءِ مختلف وقتن تي مختلف حڪمت عملين کي آزمائڻو ۽ عمل ۾ آڻڻو آهي، پر جنهن ۾ پنجابي پرماري مفادن ۽ سامراجي مفادن کي سڀ کان آڳ ۽ سڀ کان وڏيڪ خطرو سنڌي عوام جي انقلابي جدوجهد ۽ تاريخي شعور مان پيدا ٿيو آهي، ان ڪري انهن جي انقلابي جدوجهد ۽ تاريخي شعور کي مختلف حصن ۾ ورهائڻ لاءِ ۽ غير انقلابي ۽ غير تاريخي رجعت پرست شعور ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ مختلف منصوبن مطابق مختلف حڪمت عمليون جوڙيون ويون آهن، انهن منصوبن مان سڀ کان خطرناڪ منصوبو سنڌي عوام جي تاريخي ترقي پسند شعور کي مهاجر دشمن رجعت پرست قوم پرست شعور ۾ تبديل ڪرڻ جو آهي، ڇاڪاڻ ته سنڌي عوام جو مهاجر دشمن تاريخي شعور ترقي پسند شعور آهي، جنهن کي مهاجر دشمن، رجعت پرست قوم پرست شعور ۾ تبديل ڪرڻو آهي، جيئن جيئن سنڌي مهاجر فساد شدت اختيار ڪندو ويندو، تيئن تيئن مهاجرن لاءِ سنڌين ۾ رجعت پرست، پنجاب دوست ۽ سامراج نواز قيادت وڏيڪ سگهاري ٿيندي ويندي.

(٤)

انهيءَ طرح ڏٺو ويو آهي ته نه رڳو مڪمل طور تي سنڌ دشمن پارٽيون، تنظيمون ۽ ماڻهو سنڌي مهاجر فساد کي هٿي ڏيندڙ آهن، پر ڪي اهڙا ماڻهو ۽ تنظيمون به آهن، جي هٿي ڏيندڙ آهن جيڪي ظاهر ۾ ته سنڌي ماڻهن جون خيرخواهه سڏائيندڙ آهن پر سنڌي قوم جي تشڪيل جي رخ ۾ انهيءَ طرح "منتخين" ڪري ۽ جوڙي رهيون آهن، جو جيڪڏهن ان تي واقعي عمل ڪيو وڃي ته سنڌي قوم اڄ ئي اقليت ۾ تبديل ٿي ويندي.

اهڙا ماڻهو حقيقت ۾ خالص ۽ مجرد قوم پرستيءَ جي بنياد تي سنڌي قوم کي محدود ۽ سوڙهو ڪري رهيا آهن، جيڪو خيال سنڌ دوستيءَ نه پر سنڌ دشمنيءَ تي ٻڌل آهي، ڇاڪاڻ ته سندن نقطه نظر ۾ سنڌي رڳو اهو ئي سڏجي ٿو، جنهن جي مادري ٻولي سنڌي آهي، جيڪڏهن ته ڪنهن قوم جي تشڪيل يا اڏاوت لاءِ اهڙو نقطه نظر بلڪل غلط ۽ غير سائنسي آهي، مادري ٻولي ۽ قومي زبان ۾ تمام گهڻو فرق آهي، قومي زبان ڪنهن هڪ مادري ٻوليءَ نه پر ڪيترين ئي مادري ٻولين جو مجموعو هوندي آهي، سنڌي قومي زبان ۾ انهي سمورين ٻولين جا عنصر موجود آهن، جيڪي هڪ قومي زبان لاءِ ضروري ۽ هوندا آهن، ڇاڪاڻ ته سنڌي زبان ڳالهائڻ وارا ماڻهو ڪيترين ئي مادري ٻولين وارا آهن، جيئن سرائڪي، بلوچي، براهوئي، ڪڇي، ڍاٽڪي، ميمڻي، مارواڙي، راجستاني، گجراتي ۽ ٻين ڪيترين ئي مادري ٻولين وارا ماڻهو آهن، جيڪي سمورين مادري ٻولين ملي سنڌي زبان کي قومي زبان بڻايو آهي. قومي زبان کي هڪ کان وڌيڪ مادري ٻولين وارا ماڻهو ڳالهائيندا آهن، جڏهن ته مادري ٻوليءَ کي رڳو مادري ٻولي وارا ماڻهو ڳالهائيندا آهن، سنڌ ۾ رهندڙ ڪيترائي اهڙا ماڻهو آهن، جيڪي پنهنجي

ڳوٺ يا وڏي ٿي تان پاڻ پنهنجي مادري ٻولي نه پر سنڌي ڳالهائڻ لڳا آهن، جيئن ماڻهو پنهنجو ڳوٺ يا وڏي يا قبيلي تان پاڻ سنڌي زبان ڳالهائڻ لڳا. اهي سنڌي قوم جا فرد آهن، جيڪڏهن سنڌي قوم کي مادري ٻولي تائين محدود ڪري سوڙهو ڪبو ته پوءِ سرائڪي، بلوچي، براهوڪي، ڍاٽڪي، سينگواڻي، راجستاني، گجراتي ۽ ٻين انيڪ ٻولين جي ماڻهن کي سنڌي قوم جي دائري مان خارج ڪري ڇڏبو جيڪا سنڌي قوم سان گهڻ گهرائي سان پاڻ ڏاڍائي آهي، جنهن کي شاونزم ۾ نه شمار ڪري سگهجي ٿو پر وطن دوستي ۾ وطن شمار ڪري نٿو سگهجي، ڇاڪاڻ ته اها منفرد وطن مجرد دوستي آهي، جيئن هنن جو وطن ۽ وطن قوم پرستي سان ڪو به واسطو ڪونه آهي. پر انسان جا ڪيترائي مثال موجود آهن [illegible] آهن جيڪي ٿا ته سنڌي ٻولي ڳالهائين، جنهن کي ماءُ سنڌي ٻولي ڏني آهي، ڪنهن قوم جي تشڪيل ۾ اڪثريت [illegible] نقطه نظر نه رڳو غير حقيقي ۽ ناممڪن آهي پر بيوقوفي ۾ [illegible] ڇو ته [illegible] بدل به آهي، ڇاڪاڻ ته اهو نقطه نظر قوم سان نه پر نسل پرستي سان ٺهڪندڙ آهي ۽ سنڌي ڪنهن هڪ نسل تي ٻڌل قوم [illegible] آهي پر ڪيترن ئي نسلن تي ٻڌل قوم آهي ۽ قوم لاءِ اهو عالمي اصول ۽ سائنسي نقطه نظر آهي پر ڏسجي اهو ته پنجاب ۽ ان جا ڇاڙتا سنڌي قوم کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ نه رڳو سنڌ ۾ ٻاهرين آبادڪاري کي منتقل ڪري رهيا آهن، پر ڪيترن ئي ٻين نقطن تي غير فطري [illegible] منصوبن تي عمل به ڪري رهيا آهن، جنهن لاءِ سڀ کان پهريون منصوبو آهي ته [illegible] ٻاهرين آبادي جي ڪنهن به حصي يا گروهه کي سنڌي قوم جو حصو [illegible] قوم جي اصل حصن کي به منتشر ڪري ڇڏيو [illegible] ڪوشش ڪئي وڃي ته جيئن سنڌي پنهنجي تاريخي [illegible] ڌار ٿي گروهن، قبيلن ۽ ذاتين ۾ ورهائجي پنهنجو قومي تشخص ۽ تاريخي وجود [illegible] پنهنجي اصل قوم جي حيثيت ۾ پنهنجي وجود کي برقرار رکڻ واري تاريخي حق تان هٿ کڻي [illegible] طبقن سان واسطو رکندڙ ماڻهو ته اهو چوندا رهندا آهن پر نام نهاد ترقي پسند مرڪزي [illegible] جيئن چيو آهن ته "سنڌي قوم ۾ جيڪڏهن هڪ قوم بنجڻ واري اهليت ڪانه آهي ۽ اها پنهنجي مختلف ٽولي حصن کي پاڻ ۾ "جذب" يا "ضم" ڪرڻ جي صلاحيت وڃائي ويٺي آهي ته سوشلسٽ ان کي بچائڻ جو ٺيڪو ڪونه کنيو آهي". اهڙي قسم جي بڪواس ڪوڙا ڪميونسٽ ۽ سوشلسٽ پنهنجين تقريرن ۾ اڪثر ڪندا رهندا آهن.

"سنڌ قومي اتحاد" سنڌ دشمن منصوبن ۽ چالن تي پابندي هڻڻ لاءِ وجود ۾ آيو آهي ۽ سنڌ قومي اتحاد سنڌ جي قومي آزادي جي جدوجهد جا ضروري مرحلا لتاڙڻ لاءِ وجود ۾ آيو آهي. ان ڪري سنڌ قومي اتحاد نه رڳو سنڌي قوم جي ٽڙيل پکڙيل حصن کي سنڌي قوم ۾ "جذب" ڪرڻ لاءِ وجود ۾ آيو آهي پر ٻاهرين آبادڪاري وارو جيڪو هن وقت [illegible] رکندڙ آهي، ان کي به سنڌي قوم ۾ "ضم" ڪرڻ لاءِ به وجود ۾ آيو آهي. [illegible] موجوده صورتحال ۾ ترقي پسند، قوم پرست ۽ انقلابي قوتن کي گڏ ڪري سنڌ قومي اتحاد جي مرڪز تي [illegible] آندو ويو آهي، ۽ سنڌ جي حقن لاءِ جدوجهد کي حقيقي سنڌ دوست جدوجهد ۾ تبديل ڪيو آهي ۽ ڪنهن به رنگ ۾ نفرت واري ڳالهه کي ٽاريو آهي، ٻي صورت ۾ اسان جو جذباتي رد عمل سامراج ۽ ان جي ڇاڙتي پنجاب ۽ پنجابي حڪمران طبقي جي پکڙيل سنڌ دشمن ڇاڙتي وڏيري وسيع ۽ پکيڙي سگهي ٿو، سنڌي [illegible] فرقيواريت [illegible] تاريخي طرح [illegible] آهي، پر تاريخي شعور جو ناڪاري رخ آهي، جيڪو سامراج ۽ پنجابي [illegible]

ڪوڙن پورهيت ڪندڙ آهي، سنڌي - مهاجر مزقيواريت جيترو وڌيڪ شديد رخ اختيار ڪندي، اوترو ئي وڌيڪ پنجابي بورژوازي مفادن ۽ سامراجي مفادن کي هٿي ملندي، ۽ اوترو ئي وڌيڪ سنڌ جي آزاديءَ جي جدوجهد پنهنجي حقيقي انقلابي وات تان پري ٿيندي ويندي ۽ انهيءَ ڪري اجائي ۽ فضول خانه جنگيءَ جي ورچڙهي ويندي ۽ جيڪا ڳالهه سامراج ۽ ان جي چاڙتي پنجاب ۽ پنجابي حڪمران طبقي لاءِ، سامراج نواز رجعت پرست قوتن کي گهربل آهي، ڇاڪاڻ ته سامراج ۽ ان جو چاڙتو پنجاب سنڌ کي به نڪر ڪرڻ چاهي ٿو ته جيئن سنڌ جو هڪ حصو رجعت پرست مهاجر لابيءَ جي هٿ هيٺ رهي ۽ ٻيو حصو موقعي پرست سنڌي لابيءَ جي وارڊ ۾ رهي ۽ ٻنهي کي مسلسل هڪ ٻئي جي خلاف ويڙهائيندو سامراجي ۽ پنجابي بورژوازي مفادن جو تحفظ ڪندو رهي - جيئن جيئن سنڌي - مهاجر مزقيواريت وڌندي ويندي، تيئن تيئن، مقامي ۽ غير مقاميءَ جي وڇوٽي وڌندو ويندو ۽ جيئن جيئن مقامي ۽ غير مقاميءَ جي وڇوٽي وڌندو ويندو - تيئن تيئن سنڌي قوم اڪيلي، محدود ۽ سوڙهي ٿيندي ويندي ۽ جيئن جيئن سنڌي قوم اڪيلي، محدود ۽ سوڙهي ٿيندي ويندي، تيئن تيئن انقلابي شعور جي بدران تنگ نظر ۽ تعصب پرست شعور جي وڪري ۾ وڌندي ويندي ۽ جيئن جيئن تنگ نظر ۽ تعصب پرست شعور جي وڪري ۾ وڌندي ويندي، تيئن تيئن ان ۾ مان بحيثيت هڪ اڳتي وڌندڙ قوم جي جذب پذيريءَ واري صلاحيت ۽ لچڪ ختم ٿيندي ويندي. نتيجي ۾ سنڌي قوم ۾ جيڪو سامراج-دشمن ۽ انقلابي شعور ابريو آهي، اهو مرجهائجي ويندو ۽ سنڌي قوم پنهنجي ارتقائي عالمي حق تان محروم ٿي ويندي. سنڌي قوم کي قومي آزاديءَ جو عالمي حق تڏهن حاصل ٿي سگهي ٿو، جڏهن هوءَ پنهنجي ارتقائي عالمي حق جي حفاظت ڪري سگهندي ۽ پاڻ ۾ پنهنجي قوم جي ٻين حصن کي جذب ڪرڻ جي صلاحيت رکندي. ٻي صورت ۾ سنڌي پنهنجي اهڙي صلاحيت وڃائي ويهي ٿي ته لازمي طور آزادي به ماڻي نه سگهندي - سنڌي قوم آزادي حاصل ڪرڻ جي اهل تڏهن ئي ٿي سگهي ٿي، جڏهن سنڌ ۾ رهندڙ ٻين ثقافتي ۽ لساني حصن کي پاڻ ۾ رضاڪارانه بنيادن تي جذب ڪرڻ واري عمل کي تيز ڪندي، ڇاڪاڻ ته قومن جي خود ارادي جو حق قومن جي جذب پذيريءَ واري عمل مان نڪرندو تان پوءِ عمل ۾ ايندو آهي. جيڪي ماڻهو خالص ۽ نج سنڌي قوميت جو نعرو هڻن ٿا يا جيڪي ماڻهو خالص ۽ نج مهاجر قوميت جو نعرو هڻن ٿا سي دراصل سنڌ ۾ پاڪستاني آبادڪاريءَ جي حق ۾ موجودگي لاءِ سنڌي يا اڻ سنڌيءَ فرق تسليم ڪن ٿا ۽ ان لاءِ مستقبل جو مستقل ميدان تيار ڪن ٿا، ڇاڪاڻ ته اهي ماڻهو سنڌي قوم ۾ اهڙن حصن جي جذب ٿيڻ ۾ رڪاوٽ وجهن ٿا - جيڪي تاريخي طور سنڌي قوم ۾ "جذب" ٿيڻ لاءِ تيار ٿي چڪا آهن. ان ڪري اهڙا ماڻهو مهاجرن ۾ هجن يا سنڌين ۾ هجن، حقيقت ۾ سنڌ ۽ سنڌي قوم جا دشمن آهن. ڇاڪاڻ ته اهي قوم جا نه جذب پذيريءَ جي ارتقائي حق آڏو رنڊڪ اهڙي نامعلوم آڏو ڏاڍي ڏکي رهيا آهن. جنهن ان جي وڌڻ، ويجهڻ ۽ ارتقا ڪرڻ واري سلسلي کي ختم ڪرڻ سنڌي قوم وڌڻ، ويجهڻ ۽ ارتقا ڪرڻ چاهي ٿي، ۽ اهو ان جو تاريخي حق آهي ۽ ان تاريخي حق تان سنڌي قوم کي محروم ڪرڻ سمجهيائين دراصل سنڌ دشمني آهي. سنڌي قوم تاريخ جي هڪ اهڙي موڙ تي اچي بيٺي آهي، جنهن هڪ پاسي ان لاءِ اوليت شدت ۽ برباديءَ جو مرحلو شروع ٿي سگهي ٿو ته ٻئي پاسي ان جو وڌڻ، ويجهڻ ۽ ارتقا ڪرڻ جو مرحلو شروع ٿي سگهي ٿو. هڪ پاسي تاريخ جو ناڪاري رخ آهي ته ٻئي پاسي تاريخ جو هاڪاري رخ آهي، سنڌ کي سوچي سمجهي اڳتي وڌڻو آهي ته هو ارتقا ۽ ترقيءَ جو رستو وٺڻو آهي يا محدوديت ۽ جمود جو شڪار ٿيڻو آهي. سنڌ ۽ سنڌي قوم هن وقت هڪ اهڙي دوراهي تي اچي بيٺي آهي، جنهن هڪ پاسي ان لاءِ جمود ۽ فنا آهي ۽ ٻئي پاسي ان جي زندگي ۽ تاريخ جو تسلسل آهي. هڪ پاسي تاريخ جو ناڪاري پهلو سنڌ ۽ سنڌي قوم کي پوئتي ڪرڻ لاءِ وات ڦاڙيو بيٺو آهي، ته ٻئي پاسي ان جي تاريخ جو هاڪاري پهلو تاريخي تسلسل کي اڳتي وڌائڻ لاءِ قدم سان قدم ملائڻ لاءِ تيار بيٺو آهي، مطلب ته هڪ پاسي سامراجي

سازش آهي ۽ ٻئي پاسي انقلاب ۽ آزادي آهي. سامراجي سازش سنڌي قوم جي وجود جي خاتمي لاءِ ان کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ واري، اوڙاهو ڏانهن ڌڪي رهي آهي ۽ انقلاب ۽ آزادي سنڌي قوم جي وجود جي بقا لاءِ ان کي "جذب پذيري" جي ارتقا جي تاريخي شعور جي روشن ڪرڻ واري واٽ ڏيکاري رهي آهي ۽ اسان جيڪڏهن تاريخي سان سلهاڙيل آهيون ته پوءِ اسان کي سنڌ ۽ سنڌي قوم جي تاريخي عمل جي بحاليءَ لاءِ تاريخي تسلسل واري واٽ وٺڻي آهي، جيا ڪارڻ ته تاريخ جو وهڪرو اڳتي وڌندڙ هوندو آهي، جيڪو ڪنهن جو به انتظار نه ڪندو آهي.

سنڌ جي قومي مسئلي جو تنقيدي جائزو

سنڌ اندر قومي تضاد جي ماهيت :-

جدليات جي علم ۾ ڪنهن به تضاد کي پوري ريت سمجهڻ لاءِ لازمي آهي ته ان جي ماهيت کي سمجهڻ گهرجي. ڇو جو ڪنهن به تضاد جي ظاهري شڪل سمجهڻ سان نه ان کي پوري جو پورو سمجهي سگهجي ٿو ۽ نه ئي ان کي حل ڪري سگهجي ٿو. جيستائين ان کي پاڙئون اکيڙي نه ٿو اڇلائجي ان وقت تائين اهو تضاد مڪمل طرح حل نٿو ٿي سگهي. ڪنهن به تضاد جي پاڙ اکوڙڻ لاءِ ان کي پيڙهه تائين سمجهڻ ضروري آهي. ڪنهن به مسئلي کي ان جي اصليت ۾ ڏسڻ ئي ان جي ماهيت جي ڄاڻ جو نالو آهي. سنڌ جو قومي تضاد ماهيت ۾ جن ٽن بنيادن تي بيٺل آهي سي آهن - (1) سنڌ جو قومي تضاد نه صرف بنيادي پر اولين بنيادي تضاد آهي. (2) سنڌ جو قومي تضاد ظالم ۽ جابر قوم سان دشمن تضاد واري نانءَ ۾ آهي (3) سنڌ جو قومي تضاد پنهنجي نوعيت ۾ داخلي نوآبادي خارجي طرح سامراج دشمن آهي. سنڌ جي قومي تضاد جي ماهيت جي انهن ٽنهي پيڙهائن جون کي سمجهڻ لاءِ ضروري آهي ته، هر هڪ بنيادي جزئيات سان بحث ڪيو وڃي، ۽ ان کي موجوده حالتن مان ثابت ڪيو وڃي.

(1) بنيادي تضادن جي مطالعي ۾ اسان کي سنڌ جي تضاد کي ٻن حصن ۾ ورهائي سمجهڻو پوندو. هڪ بنيادي تضاد، ٻيو اولين بنيادي تضاد. اسين پهرين بنيادي تضاد واري حصي جو مطالعو ڪريون ٿا.

(1) **بنيادي تضاد** :- سنڌ جي قومي تضاد تي بنيادي تضاد جي حيثيت سان بحث ڪرڻ کان اڳ ضروري آهي ته خود بنيادي تضاد جي مفهوم کي مارڪسي علم جي روشني ۾ ڄاڃجي ته، بنيادي تضاد جي خصوصيت ۽ مفهوم ڇا آهي. مارڪسي علم ۾ ڪنهن به تضاد جي بنيادي هجڻ لاءِ ضروري آهي ته، اهو ننڍو نه ۾ سگهارو ٿيندو رهيو ۽ ننڍڙو هجي، يعني ارتقا ۾ هو گذرندڙ گهڙي سان گڏ وڌيڪ ڦهلي پکڙجي ۽ چٽو ٿئي. سنڌ اندر جڏهن اسان قومي تضاد جي گهرائيءَ جو مطالعو ڪريون ٿا ته اها ڳالهه چٽيءَ ريت اسان جي آڏو واضح ٿئي ٿي ته، پاڪستان جي ٺهڻ کان وٺي اڄ تائين 40 سالن جي عرصي ۾ قومي تضاد ڏاڪي به ڏاڪي وڌيو آ. وڌيڪ گهرو ٿيو آ، ۽ ڦهليو آهي. اهو سچ هو ته 1967ع ۾ ڇوٿين مارچ واري هنگامي ۾ قومي سوال صرف شاگردن کي ئي متاثر ڪيو هو. قوم جا ٻيا حصا اڃا سڌيءَ ريت ان سان متاثر نه ٿيا، جيتوڻيڪ شدت سان شاگرد متاثر ٿيو هو. 1967ع کان 1971ع تائين قومي سوال صرف شاگردن تائين محدود رهيو. ان عرصي ۾ قومي سوال تي جيتري به سياست ٿي. اها [illegible] شاگردن تائين محدود رهي. 1973ع ۾ ٻوليءَ واري هنگامن تائين قومي سوال [illegible] اها ڳالهه سچائي آهي ته، ٻوليءَ واري هنگا- [illegible] يعني قومي سوال جو پڙاڏو عام سنڌي جي ڪن تائين [illegible] تجارتي [illegible] يعني عام ماڻهو قومي تضاد کان متعارف [illegible] شدت سان شاگرد متاثر ٿيو هو، اهو ئي سبب هو جو 1973ع [illegible] تائين محدود نه رهيو، پر اهو عوامي سطح تائين پهچي ويو. [illegible] دانشور، قومي تضاد کان شدت سان متاثر ٿيا، ڪاڻ ته 1960ع [illegible] آهي. ان دور تائين ٻوڙ جي سنڌي ادب ۾ قومي مسئلو نمايان حيثيت

برابر ڀڃ رهيو آهي. 1967ع کانپوءِ واري دور ۾ قومي مسئلي دانشورن سان گڏوگڏ شاگردن کي به ساڳيءَ شدت متاثر ڪيو. ياد رهي ته ڪو به تضاد پنهنجي شروعاتي مرحلي ۾ شاگردن ۽ دانشورن کي ئي متاثر ڪندو آهي. ڇو ته قوم جا اهي ٻئي حصا وڌيڪ باشعور ۽ حساس هوندا آهن. مسئلي کي جلد سمجهڻ جي صلاحيت رکندڙ هوندا آهن. اوهين دنيا جو ڪو به انقلاب ڪابه سياسي جدوجهد ڪڍو. توهان کي ان سچائي جي ساک ڏيندي ته انهي مسئلي شروعات ۾ شاگردن ۽ دانشورن تان ئي آڳتي وڌيو هوندو ۽ پوءِ عوام تائين لٿو هوندو. اهي ئي ڪارڻ هيو جو قومي مسئلو 1960ع کان 1967ع تائين شاگردن ۽ دانشورن ۾ محدود رهيو. 1967ع کانپوءِ واري دور ۾ قومي مسئلو سنڌي طرح عوامي حلقن ۾ لٿو ۽ قوم جي عوامي حصن کي متاثر ڪرڻ شروع ڪيو. جا مرڪزي مرحوم ذوالفقار علي ڀٽي جي ڦاسيءَ قومي تضاد کي وڌيڪ سگهارو ڪيو. عام ماڻهن جي انهن نفرت، غم ۽ ڪاوڙ پچرين ته ڪڍڻ لاءِ جيڏي اندر ئي اندر ۾ پچندو رهيو ۽ پوءِ 1983ع ۾ تحريڪ ڪانئي عملي ويڙهه جي شڪل ۾ پنجابي فوج سان ٽڪراءُ ۾ ظاهر ٿيو. پنجابي فوج سان سنڌي ماڻهن جي ان ٽڪراءُ پرندڙ باهه تي تيل جو ڪم ڏنو. سنڌي ماڻهن جون نفرتون پڇي راس ٿي ويون. باقي رهيل ڪسر پنجاب جي بي حسي ۽ خاموشيءَ واري ڪردار پوري ڪري ڇڏي. سنڌي ماڻهن جي نفرت جو نشانو صرف پنجابي فوج نه رهي، پر اها نفرت قومي منافرت ۾ تبديل ٿي وئي. نتيجي طور ان ويڙهه قومي تضاد کي عوامي قوتن ۾ وڌيڪ سگهارو ۽ شديد ڪيو. 1983ع واري اها عوامي ويڙهه ظاهر ۾ ته فوج جي خلاف هئي پر ماهيت (جوهر) ۾ پنجابي استحصال خلاف قومي تضاد جو اظهار هئي، ان جو ثبوت هي آهي ته ان جنگ دوران سنڌ اندر آباد ٿيل پنجابين لڏ پلاڻ شروع ڪري ڏني ۽ ڪيترو حصو پنجاب ڀڄي ويو. اها لڏ پلاڻ سنڌي ڪڍڻ صرف اڏ منلي ۽ تعلقي ۾ ئي نه پر پوريءَ سنڌ ۾ ٿي نه صرف هنگامي وارن علائقن مان پنجابي ڀڳا پر انهن علائقن مان به ڀڳا جتي اڃان هنگامه شروع نه ٿيا هئا. هاڻي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته 1983ع واري ويڙهه صرف فوج جي خلاف عوامي اڀار هو ۽ ظالم پنجابي قوم خلاف جنگ نه هئي ته پوءِ سنڌ ۾ رهندڙ پنجابي ڇو ڀڳا؟ جڏهن سنڌ ۾ رهندڙ پنجابين جي مفادن کي خطرو نه هو ۽ ويڙهه صرف فوجي آمريت جي خلاف هئي، ته پوءِ هتان جي پنجابين ان فوجي آمريت سان وڙهڻ بجاءِ سنڌ جي رهاڪن خلاف آمر فوجي ٽولي جي دلالي ڇو ڪئي؟؟ ڇو ته 1983ع واري جنگ پڪ ئي پڪ پنجابي مفادن جي خلاف هئي. پنجابي استحصال جي خلاف قومي منافرت ۽ قومي تضاد جو اظهار هئي. اهوئي ڪارڻ هو جو هتي رهندڙ پنجابين ان ويڙهه دوران سنڌ ڇڏي ۽ اکين ۾ پنهنجي لاءِ نفرت ڏٺي، ڪاوڙ ڏٺي. پنهنجي وجود کي خطري ۾ محسوس ڪيو ۽ ان خطري کان بچڻ لاءِ هو وقتي طور ان جاءِ تان نڪري ويو جتي ڪنهن خطرو هو. جيڪڏهن هتي رهندڙ پنجابين کي ڪو به خطرو نظر نه اچي ها ته ڇا هنن جو دماغ خراب ٿيو هو جو اجايو سجايو بنا ڪنهن سبب جي پنهنجا جهڳا ۽ ڪاروبار ڇڏي ڀڄي ها. ڪجهه دوست ان کي قومي جنگ سمجهڻ بجاءِ ان کي صرف فوجي آمريت سان ٽڪر سمجهن ٿا. پر انهن جي اهڙي سمجهڻ سان حقيقت بدلجي نٿي سگهي. هونئن به شين جون ظاهري شڪليون ته ڪو ته بدلجندڙ ڏسڻ ۾ ايندڙ آهن. صرف ظاهر کي ڏسي اصليت جاچي نٿي سگهجي. تضاد کي سمجهڻ لاءِ شين جي ماهيت کي سمجهڻ ضروري آهي ڇو ته اهو جدليات جو قانون آهي ته ظاهري ڏيک دوکو ڏيندڙ ٿيندا آهن ته سڄي ڌرتي اٿي؛ پيو آهي ته سج زمين جي چوگرد ڦري پر اصل ۾ ائين نه آهي. سج زمين جي چوگرد نٿو ڦري پر زمين پنهنجي محور تي ڦرندي آهي. اهائي مسئلي جي ماهيت آهي. ائين ئي ڪنهن مسئلي جي ماهيت جي سچائي انهن ڳالهين مان 1983ع جي هنگامن کانپوءِ قومي مسئلو جيڪو هن کان اڳ عوامي حلقن ۾ صرف تعارفي مرحلي ۾ هو.

اُهي ٽڪراءَ ان کان پوءِ شديد ٿي ويو ۽ عام ماڻهو قومي مسئلي کان شدت سان متاثر ٿيو. جنهن جو اظهار عام عوامي
جڳهن (Public places) تي کليل لفظن ۾ ٿيڻ لڳو. اهو هوٽل هجي، اوطاق يا سفر دوران ريل هجي يا بس هجي ته ماڻهن
کي به وجهو (وهان کي) عام ماڻهن جي لهجي ۽ رويي ۾ ڌارين لاءِ نفرت ۽ ڌڪار صاف ۽ چٽي محسوس ٿيندي. 1983ع
وارن سالن ۾ عام ماڻهو جمهوريت ڌارين خلاف کلي نفرت جو اظهار ڪيو آهي، اهڙو مثال ۽ اهڙي شدت اسان کي اڳ جي
سالن ۾ نٿي ملي. ڇاڪاڻ ته صرف اٺين سن نه ٿي پر 83ع کان پوءِ قومي مسئلي اڳتي وڌي قوم جي سمورن حصن کي متاثر ڪيو.
1985ع ۾ ٻيهر وارين مسئلي کان جنهن شدت سان وڏيرو متاثر ٿيو آهي، اهو متاثر ايترو شديد هو جو اسيمبلي هال
جنهن جو اکاڙو بڻجي ويو ۽ لفظن جي اها جنگ ڪو فوجي حڪومت سان نه پر پنجاب حڪومت سان هئي. ان جنگ ۾ نه ڪو
آزاد گروپ هو، نه سرڪاري گروپ، سمورا گروپ اڳتي ويا. صرف هڪ گروپ ڀاڄي وڃي رهيا. سنڌ اسيمبلي ۽ پنجاب
اسيمبلي، سنڌ حڪومت ۽ پنجاب حڪومت ۽ لفظن جي اها جنگ ايتري تکي ٿي ويئي جو جيڪڏهن ٻئي آزاد حڪومتون
هجن ها ته لفظن بجاءِ گولين جي ڏي وٺ ٿئي ها. اڄ قومي تضاد وڏيري کي ايترو متاثر ڪيو آهي جو وڏيرو سنڌي
طرح قومي سياست ۾ ڪاهي پيو آهي. اڄ هو قومي حقن ۽ قومي مسئلن جا نعرا هڻي رهيو آهي. ان تضاد سنڌي سرمائيدار
کي به بخشيو آهي. سنڌ جا سرمائيدار ميمڻ خاندان اڄ ڪراچي اندر اهي پنڌ پيئي رهيا آهن ته پنجابي ڪاروبار
تي ڇانيل ويو آهي ۽ هنن جي ڪاروبار جا دروازا بند ٿي رهيا آهن. اڄ ميمڻ سرمائيدار ان آزار مان ايترو تنگ
ٿيو آهي جو قومي جنگ جو حامي بڻجي رهيو آهي ۽ ان جنگ جي اوسر ڪرڻ لاءِ امداد ڏيڻ لاءِ تيار ٿيو آهي. ٻئي
طرح 1962ع کان 1972ع تائين اها سمجهي ويندي هئي ته قومي مسئلو صرف دانشورن ۽ شاگردن جو مسئلو هو. اهڙي
ريت اڄ جي اها سمجهه آهي ته قومي تضاد پوري قوم جو مسئلو آهي. ان مسئلي پوري قوم کي متاثر ڪيو آهي. جنهن ۾
شاگرد، دانشور، هاري، مزدور، وڏيرو، سرمائيدار سڀ شامل آهن. صورتن ۾ قومي تضاد ان وقت قومي
مسئلو بڻجي سگهي ٿو جڏهن قوم جي سمورن حصن کي متاثر ڪري. جيڪڏهن ڪو به مسئلو سماج جي سڀني حصن کي
متاثر ڪري ته اهو تضاد وقت جو بنيادي تضاد بڻجي ويندو آهي جنهن کي حل ڪرڻ لازمي ۽ ضروري ٿي پوندو آهي.

(٢) قومي تضاد اولين بنيادي تضاد:- جدليات جي علم مطابق سماج ۾ هر ڪنهن وقت
هڪ کان وڌيڪ بنيادي تضاد هوندا آهن. انهن تضادن جي حالتن مان ترتيب وار جوڙجڪ ڪرڻي پوندي آهي ته ڪهڙو تضاد
اولين ۽ ڪهڙو تضاد ٻئي نمبر تي آهي. ڪهڙو تضاد ٽئين نمبر تي آهي وغيره وغيره. هن ساڳئي ترتيب سان انهن
تضادن کي حل ڪرڻو پوندو آهي. حالتن ۾ اولين بنيادي تضاد اهو هوندو آهي جيڪو ٻين سمورن تضادن جي پيٽ
۾ وڌيڪ اپريل هوندو آهي. جنهن جي لاءِ ٻين تضادن جي پيٽ ۾ مواد وڌيڪ ڪنهن ٿيل هوندو آهي ته ساري
حالتن جي وار ان تضاد کي پهريئن حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. پهريئن تضاد جي حل ٿي وڃڻ کانپوءِ ٻيو بنيادي تضاد
حل ٿيندو آهي. اهڙي طرح باقي سمورا تضاد ترتيب وار حل ٿيندا ويندا آهن. هوندي به اولين بنيادي تضاد جي
اها خصوصيت هوندي آهي ته اهو ٻين سمورن تضادن تي اثر ڇڏيندو آهي ۽ ٻين تضادن جي حل لاءِ رستو کوليندو
آهي. جيستائين حالتن ۾ اولين تضاد حل نه ٿو ٿئي تيستائين ٻئي تضاد جي حل لاءِ رستو نه ٿو نڪري، ۽ ٻئي
بنيادي تضاد جي حل ۾ اولين تضاد رڪاوٽ بڻيو رهي ٿو. انهن تضادن کي سائنسي انداز ۾ حل ڪرڻ
جي واٽ اها آهي ته سياست جا بنياد اولين تضاد تي رکيا وڃن. پهريئن ان کي حل ڪيو وڃي. جيڪڏهن
اولين تضاد کي ڇڏي ثانوي تضاد کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي ته، اهڙي حالت ۾ اولين
بنيادي تضاد سياست کي مجبور ڪندو ته اها پنهنجي رخ کي تبديل ڪري. جيڪڏهن سياست پنهنجي رخ کي.

تبديل نه ڪيو ته پوءِ اهڙين حالتن کان ڪنهن به فنا ٿي ويندي ۽ واڌ ڪري سگهڻ جي نه ٿي سگهندي - مثال طور اڄ
سنڌ ۾ جيڪا به سياست آهي، اها مجبور آهي ته پنهنجي نشو نما لاءِ قومي تضاد جو سهارو وٺي. اڄ جي
حالتن ۾ قومي تضاد ايترو حاوي آهي جو ڪا به سياسي جماعت قومي مسئلي کان ڪٽجي پنهنجي سياست نٿي ڪري
سگهي. اهڙي طرح سنڌ ۾ ڪم ڪندڙ ڪا به سياسي جماعت، پوءِ اها چاهي ساڄي ڌر جي هجي يا کاٻي ڌر جي، پارٽي وٽ جمهوري پروگرام
رکندڙ هجي يا طبقاتي، اسلامي نظام جي قائم ڪرڻ يا عوامي نظام جي، اها مجبور آهي ته قومي مسئلي کي کڻي. جماعت اسلامي
جيڪا ملڪ جي سڀ کان وڏي رجعت پسند جماعت آهي جنهن جو پروگرام ئي رجعت پرست قوتن کي تحفظ ڏيڻ آهي پر عملي
سياست ۾ اها عوامي حمايت وٺڻ لاءِ مجبور آهي ته اسلامي نعرن سان گڏ قومي نعرا ڏئي. جماعت اسلامي پاران هڪ ڀيرو
چاڪنگ ٿي هئي ته اسلام سان گڏ ڪالاباغ ڊيم جو نعرو لکيو ويو هو. اهڙي ريت سنڌ جي اسلامي جماعت جيئن ته علماءِ
سنڌ کليل لفظن ۾ قومي آزادي جو مطالبو نٿي ڪري. پيپلز پارٽي جيڪا پاڪستان جي سڀ کان وڏي پارٽي آهي، جيڪا اقتدار
لاءِ پنجاب جي محتاج آهي. اها به قومي مسئلي تي ايڏو مجبور آهي جو ان جي ليڊر پنجاب جي ڌرتي تي بيهي ڪالاباغ ڊيم
نامنظور جو نعرو هڻڻ تي مجبور رهي ٿي. ايم. آر. ڊي جيڪو ملڪ جو سڀ کان وڏو اتحاد آهي. اهو به مجبور آهي ته ننڍن
صوبن کي وڌيڪ حق ڏيڻ لاءِ اهڙو پروگرام ڏئي جنهن ۾ مرڪز وٽ چار کاتا ۽ ننڍن صوبن جي قومن وٽ وڌيڪ اختيار هجن.
سنڌ ۾ کاٻي ڌر سڏائيندڙ وفاق پرست پارٽيون پنهنجي پروگرام ۾ بين القواميت پسند هجڻ جي باوجود عوامي حمايت حاصل ڪرڻ لاءِ
مجبور آهن ته عوام آڏو قومي تضاد جي شدت سان وڪالت ڪري عوامي همدرديون حاصل ڪن. سابق عوامي تحريڪ جي قيادت
جڏهن اسٽيج تي عوام آڏو اچي ٿي ته قومي مسئلي تي ايتري شدت سان ڳالهائي ٿي جو لڳي ٿو ته انهن وٽ قومي مسئلي تي
ڪنهن سمجهوتي ناهي. سواءِ ان لاءِ ته سواءِ ماڻ واپ ٿي ويندي پر انهن جا نعرا نه بدليا. انهن پاران نعرن سان
اڄ به واپ پاڪستاني نعرن بجاءِ ڪالاباغ ڊيم نامنظور جا نعرا هڻڻ ڪين. سنڌ ۾ فوجي جنتا جي خلاف جهڙا نعرا ڏيڻ
ڏسو آهي. جو ته اهي لاڳاپا سنڌ جي سياست جو اهڙو تضاد آهن. انهن کان لنوائي نٿو سگهجي. خير ڪميونسٽ يا
دوست ٿي وڃن. پر انهن جو شعور انهن جو سوچ نه پوءِ به هو ڌرتي جي حالتن جي تابع آهن ۽ تابع رهڻ پيا. ساڳئي ريت ۾
جڏهن ڪو به تضاد ٺڪو ۽ پختو ٿيندو آهي، ته ان جو سماجي شعور جي شڪل اختيار ڪندو آهي. ادب، سياست،
ثقافت سماجي شعور جا سڀئي پهلو ان تضاد جو ڀرپور اظهار ڪن ٿا. سنڌ جي قومي تضاد جنهن شدت سان
ادب ۽ سياست کي متاثر ڪيو آهي - ان جا ڏاڍا ڪيئي مثال ملي ويندا آهن. اسان ڏٺو ته سياست ڪهڙي به هجي،
اسلامي هجي، طبقاتي هجي، جمهوري هجي سياست جي انهن سڀني رجحانن ۾ هڪ مشترڪ قدر موجود آهي -
جنهن کي سياست جو هر نظرياتي اسڪول تسليم ڪري ٿو ۽ اهو مشترڪ قدر آهي قومي تضاد. جيستائين ادب جو تعلق
آهي ته ان تي اسان اڳ بحث ڪري آيا آهيون. سنڌ ۾ ادب قومي تضاد تي ايترو لکيو آهي جو ڪٿي لاءِ ڪو نئون موضوع نه
بچيو آهي. ان کان پوءِ 1960ع واري ڏهاڪي ۾ قومي تضاد جيئن شدت اختيار ڪئي سڀ کان وڌيڪ متاثر ڪيو آهي اهو آهي
صحافت جو شعبو. 70ع واري ڏهاڪي ۾ اخبارن ۽ رسالن ۾ قومي تضاد تي بيشمار مواد ۽ مضمون آيا آهن. اڄ قومي
تضاد وقت جو سڀ کان وڏو آهي. 1972ع کان 80ع واري ڏهاڪي تائين قومي تضاد جيڪا شعوري ارتقا ڪئي آهي
انهي آهي ته ان دور ۾ قومي تضاد علامتي انداز ۾ ڪهاڻين ۽ افسانن جي روپ ۾ پيش ڪيو ويندو هو. پر اڄ 80ع واري
ڏهاڪي ۾ قومي تضاد هڪ جيئري جاڳندي حقيقت جي روپ ۾ سواءِ ڪنهن علامتي انداز جي ٺوس سياسي بيانن جي
شڪل ۾ ملڪي اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپجي رهيو آهي. يعني قومي تضاد اڄ 40 سالن ۾ اهو شعوري سفر طئه ڪيو آهي
جنهن کان پوءِ هر پارٽي هڪ نئين تضاد جي شڪل ۾ سماج تي منڪشف ڪري سگهي ڪو به تضاد اهو وقت تي بنيادي ۽ اوليت

حيثيت وٺندو آهي. جڏهن انهن جي حل لاءِ ڪافي مواد ڪٺو ٿي وڃي ۽ مقداري تبديليون وڌي ان نڪتي تائين پهچي وڃن جتي هڪ آخري ۽ ڇڙاڳي تبديلي جي ضرورت باقي وڃي رهي. ۽ ثانوي بنيادي تضاد اهو هوندو آهي، جنهن لاءِ مقداري مواد جيڪي تعداد ۾ ڪٺو ٿيل نه هجي ۽ تبديلين جو اهو سلسلو ان آخري نڪتي تي نه پهتو هجي جتي ڇڙاڳي تبديلي ممڪن بڻجي. اڄ سنڌ جي فڪري جنگ ۾ ٻه تضاد بنيادي حيثيت وٺي بيٺا آهن. هڪ قومي ۽ ٻيو طبقاتي تضاد. هاڻي مرڪز بحث هي وڃي رهيو آهي ته ٻنهي مان اولين بنيادي تضاد ڪهڙو آهي ۽ ڪهڙو تضاد دسيتان پهرين حل ٿيڻ گهرجي. ٻنهي سوچن جا نمائندا اصل ۾ الڳ الڳ موقف رکن ٿا. هڪ ڌر قومي تضاد جي حل کي اوليت ڏئي ٿي ۽ ٻي ڌر طبقاتي تضاد جي حل کي اوليت ڏئي ٿي. هاڻي اچو ته حالتن ۾ ان جو جائزو وٺون ته ڪهڙو تضاد اولين آهي ۽ سياتان پهرين ان کي حل ٿيڻ گهرجي ته تضاد جو حل حالتون ڪنديون آهن. صرف ڪنهن به شعور يا پارٽي پروگرام تضاد جو حل نٿو ڪري سگهندو آهي. جيئن ته اسان اڳ چئي آيا آهيون ته تضاد کي اولين ۽ ثانوي حيثيت ڏيڻ لاءِ ڏسڻو اهو پوندو آهي ته ڪهڙي تضاد لاءِ مواد وڌيڪ ڪٺو ٿيل آهي. جنهن تضاد لاءِ مواد وڌيڪ ڪٺو ٿيل هجي اهو ئي حالتن ۾ اولين تضاد هوندو آهي. ۽ ان کي پهرين حل ڪرڻ جي ضرورت پوندي آهي. جيستائين قومي تضاد جو تعلق آهي ته ان تي اسان اڳواٽ بحث ڪري آيا آهيون ۽ ڏسي آيا آهيون ته حالتن ۾ قومي تضاد [illegible] لاءِ ڪيترو مواد ڪٺو ٿي چڪو آهي ۽ اهو مواد ان نڪتي تائين پهچي چڪو آهي. جتي حالتن ۾ قومي تضاد کليل ٽڪراءُ پيدا ڪري يعني هٿياربند ڇڙواڙون پيدا ڪري ۽ 1983ع واري عوامي جنگ ۾ ان جو عملي مظاهرو ٿي چڪو آهي جڏهن ته طبقاتي تضاد جي اها نوعيت آهي ته اهو اڃا به هٿياربند جهڙپ يا کليل ٽڪراءُ جي شڪل ۾ ظاهر نه ٿيو آهي. هونئن به موجوده حالتن ۾ طبقاتي تضاد لاءِ ايترو مواد ڪٺو ٿيل آهي ۽ نه ئي تضاد ايترو سگهارو آهي جو ڦورو طبقي خلاف عملي جنگ جوڙي سگهي. طبقاتي تضاد شدت سان اڃا ادب ۾ داخل ٿيو آهي. جڏهن ته قومي تضاد ادب وارو مرحلو اڪاري اڳتي وڌي چڪو آهي. ٻين لفظن ۾ طبقاتي تضاد اڃا دانشور گروپ تائين پهتو آهي ۽ عوامي حلقن کي متاثر ڪرڻ ته ڇڏيو پر صحيح معنيٰ ۾ وڏي پيماني تي متعارف به نه ٿيو آهي ۽ اڃا تعارف جي ابتدائي مرحلي ۾ آهي. اهڙي حالت ۾ طبقاتي تضاد کي اولين بنيادي تضاد ڪوٺڻ حالتن تي ٺٺ ڪرڻ برابر آهي.

موجوده ملڪي حالتن ۾ طبقاتي تضاد جي حيثيت بيني آهي اها مقامي ڦورو طبقي سان واضح ٽڪراءُ بجاءِ سامراج سان ٽڪراءُ واري آهي ۽ سامراج سان ٽڪراءُ تائين لاءِ اهو تضاد متاثرين طبقي کي پاڻ سان کڻي ٿو ۽ سامراج کي شڪست ڏيڻ تائين ئي اهو تضاد پنهنجو رخ قومي بورجوا ڏانهن ڦيرائڻ جي اهل ٿئي ٿو. يعني اڄ جي حالتن ۾ طبقاتي تضاد لاءِ ايترو مواد ڪٺو ٿيل ڪونه آهي جو سڌي طرح طبقاتي جنگ جي شڪل ۾ ظاهر ٿئي پر اڄ جي حالتن ۾ هن تضاد کي پنهنجي حل لاءِ عالمي سامراج جي خلاف قومي بورجوا جي تضادن کي استعمال ڪرڻ جي ضرورت پوي ٿي، جيئن انهن ٽڪرائن ۾ قومي بورجوا کي ڪمزور ڪري ان تي حاوي ٿي سگهجي ۽ لڳ ڀڳ هڪ اڌ ڪاسٽرو يا ڪميونسٽ يا سوشلسٽ. ڌرڙا طبقاتي جنگ جي اڪثر طريقه ڪار کي تسليم ڪن ٿا. اهڙن ملڪن ۾ جتي طبقاتي تضاد سامراج دشمن شڪل وٺي بيهي ٿو اتي ان تضاد کي قومي ۽ طبقاتي جنگ وسيلي حل ڪيو آهي. جنهن کي اڄ جي جديد تشريح (Term nology) ۾ قومي جمهوري انقلاب جو نالو ڏنل آهي. قومي جمهوري جنگ قومي تضاد کي مرڪز ان ڪري بنياد بڻائي ٿي جو موجوده حالتن ۾ عالمي سطح تي قومي تضاد ـ سامراج کي شڪست ڏيڻ ۾ هڪ مؤثر ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ انقلاب جي اها لاٽ اڄ جي حالتن جي سائنس بڻجي چڪي آهي. هونئن به پنهنجي ماهيت ۾ قومي تضاد شروع کان سامراج دشمن رهيو آهي، ڇو ته قومن کي غلام بڻائيندڙ ڄڻ ته اهي جي محاسني قوت هوندڙ خود سامراج ئي رهيو آهي. اهڙن ٽڪرائن کي بورجوا جي حق ۾ استعمال ٿيڻ بجاءِ عوام جي حق ۾ استعمال

ڪرڻ واري وات ٿي قومي جمهوري انقلاب واري وٽ آڪهي. انهي ٽڪر ٻنهي طريقن سان عوام جي حق ۾ استعمال ڪري
سگهجن ٿا. هڪ ته ترقي پسند قوتن جي رهنمائي ۾ سامراج خلاف هٿيار بند جنگ ڪرڻ سان، ٻيو انقلابي جمهوري
قوتن وسيلي سامراج خلاف فوجي انقلاب برپا ڪرڻ سان. جتي انقلابي جمهوري قوتن مان مراد فوج اندر انهي جمهوري ۽
انقلابي عنصر آهن، جيڪي سامراج دشمن انقلاب ۾ پنهنجو مؤثر رول ادا ڪن ٿا. جن ملڪن ۾ انقلاب پهرين طريقي
يعني هٿيار بند جدوجهد وسيلي آيو آهي. انهن ۾ انگولا، موزمبيق، ويٽنام جهڙا ملڪ اچي وڃن ٿا ۽ جن ملڪن
۾ انقلاب ٻئي طريقي يعني فوج وسيلي آيو آهي. انهن ۾ مصر، عراق، ايٿوپيا ۽ افغانستان اچي وڃن ٿا. انقلاب
جي انهن ٻنهي شڪلين کي سمجهڻ لاءِ انهن ملڪن جي داخلي تضادن کي سمجهڻ نهايت ضروري آهي. ڇو ته
انقلاب جي ٻنهي شڪلين ۾ ڪنهن به هڪ شڪل جو تعين ملڪ جون داخلي حالتون ئي ڪري سگهن ٿيون. عام مشاهدي ۽
تاريخ جي مطالعي مان جيڪا ڄاڻ ملي ٿي ان جي روشني ۾ هٿيار بند جنگ وسيلي انقلاب انهن ملڪن ۾ برپا ٿيو
آهي جيڪي سڌي غلامي يا بينڪي سرشتي جو شڪار رهيا آهن. انهن ملڪن ۾ قومي تضاد سڌي طرح عوام تي
اثر انداز ٿي غلامي اپار پيدا ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي رهي لڳي. جڏهن ته فوجي ڪپ وسيلي انقلاب انهن ملڪن ۾ آيو آهي
جيڪي اڻ سڌي غلامي، نيم بينڪي يا جديد بينڪي سرشتي جو شڪار رهيا آهن. جو نه اتي تضادن جي نوعيت تبديل
ٿي وڃي ٿي. بينڪي يا جبري الحاق ۾ قابض ملڪن ۾ انقلاب فوجي ڪپ وسيلي ان ڪري نٿو اچي سگهي، ڇو ته
انهن ملڪن ۾ فوج يا ته حاڪم قوم جي پنهنجي مالڪن جي هوندي آهي، يا مڪمل حاڪم قوم جي ڪنٽرول ۾ هوندي آهي
بينڪيت يا جبري الحاق ۾ قابض قوم جي پنهنجي علحده فوج نه هوندي آهي. يا نيم بينڪي
ملڪن وٽ پنهنجي علحده فوج هوندي آهي. ان ڪري نيم غلام ملڪن کي پنهنجي فوج هجڻ ڪري اها انقلاب ۾ رول ادا
ڪري سگهندي آهي. مڪمل غلام ملڪن ۾ فوج نه هجڻ ڪري عوام ئي انقلاب ۾ رول ادا ڪندو آهي پر اهو ضروري نه آهي ته فوج
انقلاب ۾ پنهنجو رول ادا ڪري. فوج جي انقلابي ڪردار جو دارومدار ان تي هوندو آهي ته ان ۾ انقلابي جمهوري عنصر ڪيترو موجود
آهي. انقلابي جمهوري عنصر جي غير موجودگي ۾ ساڳي فوج سامراج نواز ڪردار ادا ڪندي آهي ۽ ملڪ ۾ سامراجي مفادن
جي نگراني جو ڪم ڪندي آهي، جيئن پاڪستان ۾ پنجابي فوج جو ڪردار آهي ۽ اهڙا ٽين دنيا جي وڏي حصي ۾ فوج اهو روايتي
ڪردار ادا ڪري رهي آهي. ان ۾ اهڙا ٿورو انقلابي جمهوري عنصر پيدا ٿيو آهي، جنهن کي ترقي پسند انقلاب
لاءِ استعمال ڪري سگهجي. پاڪستان ۾ تضادن جي ٻٽي نوعيت آهي. هڪ طرف پاڪستان مجموعي طرح سامراج جي
جديد بينڪي سرشتي جو شڪار آهي. ٻئي طرف داخلي طرح پاڪستان ۾ شامل مظلوم قومون پنجاب جي جارحيت، ظلم
۽ جبر جو شڪار آهن ۽ پنجاب جي مڪمل غلامي ۾ جڪڙيل آهن. جنهن جي سرپرستي عالمي سامراج ڪري رهيو آهي.
ان ڪري مظلوم قومن جا پنجابي حاڪميت سان تضاد سامراج سان تضاد جي. انقلاب جي هڪ امڪاني شڪل جوڙين ٿا.
ٻئي طرف جديد بينڪي سرشتي سبب پاڪستان جا سامراج سان تضاد انقلاب جي ٻي امڪاني شڪل جوڙين ٿا. هاڻي ڏسڻو
ته حالتن ۾ ٻنهي امڪانن مان ڪهڙو امڪان حقيقت بڻجي سگهي ٿو ۽ ڪهڙي امڪان جون حالتون نفي ڪن ٿيون.
انهن ٻنهي امڪانن جي صداقت يا حقيقت تي بحث ڪرڻ کان اڳ خود جدليات ۾ امڪان کي ڏسون ته امڪان ڇا آهي.
جدليات جي علم ۾ ڪنهن به شيءِ جي ٿيڻ لاءِ پهريائين امڪان پيدا ٿيندا آهن ۽ پوءِ سازگار ماحول ملڻ ڪري اهي
امڪان وڌي ويجهي حقيقت يا صداقت بڻجي ويندا آهن. جدليات ۾ امڪان ٽن قسمن جا هوندا آهن. ڪجهه اهڙا
امڪان هوندا آهن جيڪي حالتن ۾ ناممڪن هوندا آهن. ۽ اهي ڪڏهن به حقيقت بڻجي نه سگهندا آهن. جيئن
جديد ۽ قديم ٽائيم موٽي يعني 1986ع ۾ 12 جولاءِ 1983ع جي تاريخ موٽي نٿي سگهي. اهو ناممڪن آهي.

جيڪا ڪڏهن به حقيقت بڻجي نٿي سگهي. ٻيا امڪان مجرد هوندا آهن. يعني اهي ماديءَ حالتن ۾ اڪيلا هوندا آهن ۽ سازگار ماديءَ ماحول نه ملڻ ڪري وڏي وٿي حقيقت نه بڻجي سگهندا آهن. اهي حالتون نه ناممڪن ته نه هوندا آهن پر انهن جي ٿيڻ جا موقعا (chance) تمام گهٽ موجود هوندا آهن جو ته حاضر ۽ موجود حالتون انهن جي ٺهڻ لاءِ سازگار نه هونديون آهن. البت سازگار ماحول ملڻ تي حقيقت بڻجي سگهن ٿا. مطلب ته ناممڪن امڪان سماج جي فطرت ۾ حقيقي طور موجود نه هوندا آهن پر امڪان مجرد ۽ امڪان صادق سماج جي فطرت ۾ موجود هوندا آهن. پر فرق اهو هوندو آهي ته مجرد امڪانن کي حالتون موجود نه هونديون آهن. انڪري اهي اُسري ۽ اُڀري وڏي نه سگهندا آهن. پر ٽيان امڪان اهڙا هوندا آهن جيڪي امڪان صادق هوندا آهن. اهي امڪان وقت ۽ ماحول ۾ لزوم بڻجي ويندا آهن ۽ لازمي طرح حقيقت ۾ بدلجي ويندا آهن. حاضر ۽ موجود حالتون انهن امڪانن جي ٺهڻ ڪنديون آهن. مٿين اصولن مٿي ڏنل بحث جي روشنيءَ ۾ ڏسون ٿا ته پاڪستان ۾ بحث ڪيل امڪانن جي پوزيشن ڪهڙي آهي. جيستائين پاڪستان ۾ مجموعي طرح انقلاب اچڻ جو امڪان آهي ته اهو امڪان ناممڪن ته نه آهي پر مجرد امڪان ضرور آهي. جيڪو اڃان هڪ خواهش جي شڪل ۾ هوا ۾ ٽنگيو آهي ۽ حالتن ۾ وڏي سگهارو نٿي سگهيو آهي. ڇاڪاڻ ته پاڪستاني فوج سامراج نواز هئي. اڄ به پاڪستاني فوج سامراج نواز آهي. اڃان تائين پاڪستاني فوج ۾ ڪو اهڙو انقلابي جمهوري عنصر پيدا نه ٿيو آهي جنهن مان ان امڪان جي صداقت بڻجڻ جي اميد رکي سگهجي ۽ نه ئي وري هڪ ڏگهي عرصي تائين فوج ۾ اهڙي ڪنهن جمهوري عنصر جي اڀرڻ جا آثار نظر اچن ٿا. ٻئي طرف مظلوم قومن جي جنگ وسيلي انقلاب برپا ڪرڻ جا امڪان وڌيڪ روشن آهن ۽ هر گذرندڙ گهڙي سان پاڪستان ۾ قومي تضاد وڌيڪ سگهارو ٿيندو ٿو ۽ ٺهڻ ٿا حالتون قومي تضاد جي حل لاءِ وڌيڪ سازگار ٿينديون ٿيون وڃن. ان سچائيءَ کان انڪار ڪري نٿو سگهجي ته 1960ع جي پيٽ ۾ 1970ع ۾ قومي تضاد وڌيڪ گهرو هو ۽ 1970ع جي پيٽ ۾ 1980ع جي ڏهاڪي ۾ تضاد ۾ وڌيڪ شدت آئي آهي. اهو ان جو ثبوت آهي ته قومي تضاد حالتن ۾ مسلسل وڌي رهيو آهي ۽ ٺهڻ ڪري رهيو آهي. انڪري ٻئا طور تي اهو چئي سگهجي ٿو ته پاڪستان ۾ مظلوم قومن جي آزاديءَ جو امڪان، امڪان صادق آهي. جيڪو حالتن جي ٺهڻ ۾ ضرور بڻجي چڪو آهي ۽ پاڪستان ۾ گڏيل جدوجهد جو امڪان، امڪان مجرد آهي. جيڪو حالتن کان ڪٽيل ۽ ٻيل آهي.

سنڌ، خصوصاً پاڪستان ۾ ڪجهه اهڙا مهربان دوست آهن جيڪي مظلوم قومن جي قومي آزاديءَ ۽ قومي جنگ جي امڪان جا انڪاري آهن. امڪان مجرد ۽ امڪان صادق جو بحث ته رهيو پري، پر هو پاڪستان اندر مظلوم قومن جي آزاديءَ کي محض امڪان مجرد لاءِ به تيار نه آهن. انهن جي نظر ۾ قومي تضاد ڪڏهن به بنيادي تضاد ٿي نٿو سگهي، پر قومي تضاد پنهنجي ماهيت ۾ غير بنيادي تضاد آهي. بنيادي تضاد صرف طبقاتي تضاد آهي ۽ انڪري قومي تضاد طبقاتي تضاد جي تابع هجڻ گهرجي. طبقاتي تضاد حل ٿيڻ سان قومي مسئلو خود به خود حل ٿي ويندو، انکي علحده ڪرڻ جي ضرورت نه آهي. قومي تضاد کي علحده ڪرڻ جي ڳالهه پورجوا ڪندو آهي. مسئلو صرف سوشلزم آهي. سوشلزم قومي مسئلي سميت سڀني مسئلن کي حل ڪري ڇڏيندو. ڪي دوست انکي وري هن طرح پيش ڪندا آهن ته قومي جدوجهد سڀ ۽ پيش طبقاتي جدوجهد جو حصو آهي ۽ ڪي سڀاڻي ڳالهه کي هنن لفظن ۾ دهرائيندا آهن ته قومي مسئلو جز آهي ۽ طبقاتي مسئلو ڪل آهي. جز جي بجاءِ ڪل لاءِ جدوجهد ڪرڻ گهرجي ۽ اهڙي قسم جا ٻيا طرحين طرحين اعتراض ڪندا آهن. جن جو نه سِرُ هوندو آهي نه پير. انهن دوستن جو سمورو تجزيو سوري ولوڙ جو نچوڙ اهو هوندو آهي ته قومي آزاديءَ جي

انقلاب کي ڪيئن روڪجي سگھجي ان لاءِ شايد مسئلو انقلاب نه آهي جو انقلاب جي امڪاني حالتن تي غور فڪر ڪري
پوءِ ان لاءِ ... انقلاب جو ڪان ... وقت مسئلو اهو آهي ته مظلوم قومن جي آزاديءَ جي مخالفت ڪيئن ڪجي
انڪري هو پنهنجو وقت سيڙائي، قومي آزاديءَ ۽ مظلوم قومن خلاف بيا غير ضروري اعتراض گھڙيندا آهن. اسين هيٺ
ترتيبوار انهن اعتراضن جو جواب ڏينداسين، جيڪي پاڪستان ۾ نام نهاد ترقي پسندن جي طرفان پيش ٿين ٿا.

① پهريون اعتراض:- قومي تضاد غير بنيادي تضاد آهي. طبقاتي تضاد جي تابع آهي، يا سوشلزم ڪل مسئلن جو حل آهي:-

جدليات جي علم ۾ غير بنيادي تضاد اهو هوندو آهي جنهن کي علحده حل ڪرڻ جي ضرورت نه پوندي آهي. پر اهو بنيادي تضاد جي تابع هوندو آهي ۽ بنيادي تضاد جي حل ٿيڻ سان سمورا تابع تضاد يا غير بنيادي تضاد حل ٿي ويندا آهن. پر ڳالهه جدليات ۾ اهو به چيل آهي ته بنيادي غير بنيادي تضادن، دشمن ۽ غير دشمن تضادن، داخلي ۽ خارجي تضادن جي وچ ۾ ڪا اهڙي سخت حد قائم نه آهي. درحقيقت اهي هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهن، هڪ ٻئي ۾ بدلجي ويندا آهن ۽ سنئون سڌو اکيچار رول ادا ڪندا آهن. اهو ئي سبب آهي جو هر تضاد کي الڳ الڳ ڏسڻ کپي. انهن حالتن کي آڏو رکڻ کپي جن ۾ هو پاڻ کي ظاهر ڪن ٿا ۽ انهن جي ڪردار کي آڏو رکڻ کپي جيڪو هو ادا ڪن ٿا. (مارڪسي فلسفو افاناسي ليڊ صفحه ١٥٩) مٿين جدليات تي بيان جي روشنيءَ ۾ اها ڳالهه واضح آهي ته بنيادي ۽ غير بنيادي تضاد جي وچ ۾ ڪا سخت حد ڪانهي پر ڪن حالتن ۾ بنيادي تضاد غير بنيادي تضاد بڻجي ويندو آهي ۽ غير بنيادي تضاد بنيادي تضاد بڻجي ويندو آهي. انڪري هر تضاد کي الڳ الڳ ڏسڻ کپي. هڪ ئي اک سان نه ڏسڻ کپي ته جيڪڏهن قومي تضاد غير بنيادي آهي ته اهو هميشه غير بنيادي رهندو ۽ ڪڏهن به بنيادي بڻجي نه سگھندو ۽ نه وري ائين چوڻ کپي ته جيڪڏهن قومي تضاد بنيادي تضاد آهي ته هميشه بنيادي رهندو ۽ ڪڏهن به غير بنيادي بڻجي نه سگھندو. پر تضاد جي نوعيت کي سمجھڻ لاءِ اهو ضروري آهي ته انهن حالتن کي سمجھجي جنهن ۾ هو پاڻ کي ظاهر ڪري ٿو. پوءِ ئي چئي سگھجي ٿو ته اهو تضاد ڪهڙين حالتن ۾ بنيادي تضاد آهي ۽ ڪهڙين ۾ غير بنيادي آهي. صرف ڪتابي علم کي ڪنهن به تضاد کي سدا لاءِ غير بنيادي چوڻ قطعاً **مارڪسزم** نه آهي. ها اهو سچ آهي ته سوشلسٽ نظام تحت قومي تضاد غير بنيادي تضاد ٿي سگھي ٿو. پر ڪامريڊو، پاڪستان ۾ سوشلسٽ نظام موجود نه آهي. پاڪستان ۾ طبقاتي نظام آهي ۽ پاڪستان سامراجي نظام تحت هلندڙ هڪ ملڪ آهي ۽ سامراج تحت قومي تضاد غير بنيادي نه پر بنيادي تضاد هوندو آهي ... ڇو ته سامراج تحت قومي تضاد جو رول بدليل هوندو آهي. اهو ساڳيو رول نه هوندو آهي جيڪو هو سوشلزم تحت ادا ڪري ٿو. مهرباني ڪري هتان جي قومي تضاد کي روس جي حالتن ۾ نه ڏسو پر پاڪستان جي حالتن ۾ ڏسو ڇو ته اهو پاڻ کي روس جي حالتن ۾ نه پر پاڪستان جي حالتن ۾ ظاهر ٿو ڪري. روس ۾ جيستائين زارشاهي ... طبقاتي سماج هو تيستائين طبقاتي تضاد بنيادي تضاد هو، جيئن ته روس ۾ طبقاتي تضاد قومي تضاد جي اڳواڻي ڪري رهيو هو، ۽ جيستائين قومي ظلم جبر هو، تيستائين بالشويڪ پارٽي قومي تضاد کي حالتن جو بنيادي تضاد سمجھيو هو. ان جي علحده حل لاءِ پروگرام ڏنو هو. ڇو ته بنيادي تضاد جي خصوصيت اها آهي.

ته هو خود بخود حل نه ٿيندو آهي. پر ان کي علحده حل ڪرڻ جي ضرورت پوندي آهي. انڪري بالشويڪ پارٽي زارشاهي واري روس ۾ قومي تضاد جي علحده حل لاءِ پنهنجي پروگرام جي آرٽيڪل نمبر ٩ (لينن) ۾ ڪماروسي ... قائل محڪوم قومن لاءِ مڪمل علحدگيءَ جي حق جو پروگرام ڏنو هو. جنهن جو مطلب انهن قومن کي روسي رياست کان الڳ ٿي پنهنجي الڳ ۽ آزاد رياست قائم ڪرڻ

جي اجازت هجي. پر روس ۾ سوشلسٽ انقلاب اچڻ کانپوءِ، قومي تضاد پنهنجي ماهيت تبديل ڪري، غير بنيادي تضاد ۾ بدلجي ويو. ۽ سوشلسٽ روس ۾ قومي تضاد جي حل لاءِ علحده جنگ جي ضرورت نه رهي. پر اهو تضاد گڏيل ترقي وسيلي حل ٿيڻ ممڪن ٿي ويو. ۽ انهي حل لاءِ ملڪي سرحدن کان الڳ ٿيڻ جي ضرورت باقي نه رهي. بالشويڪ پارٽي ته زارشاهي واري روس ۾ قومن جي علحدگي واري حق کي مڃيو ۽ قومي سوال جي علحده حل ٿيڻ جو پروگرام ڏنو ۽ ان لاءِ جدوجهد ڪئي. پر پاڪستان جو ڪوڙو ڪميونسٽ، سامراجي دلال ۽ ظالم جابر پاڪستان قومن جي علحدگي واري حق کي مڃڻ لاءِ تيار نه آهي ۽ اهو اڄ جي غير سوشلسٽ پاڪستان ۾ به قومي تضاد کي غير بنيادي تضاد تصور ٿو ڪري. انهي حل لاءِ اڄ جي حالتن وارو نه پر سوشلزم کان پوءِ واريون حالتن جو پروگرام ٿو رکي. هو حالتن کان اڳتي وڌيل آهي. انهن ۾ ۽ اسان ۾ فرق هي آهي ته هو قومي تضاد کي انهن حالتن ۾ نٿا ڏسن جن ۾ هو پاڻ کي ظاهر ڪري ٿو ۽ اسان قومي تضاد کي انهن حالتن ۾ ڏسون ٿا جنهن ۾ هو پاڻ کي ظاهر ڪري ٿو. اسان وٽ قومي تضاد جي حل لاءِ اهو پروگرام آهي جيڪو بالشويڪ وٽ زارشاهي واري روس لاءِ هو ۽ پاڪستاني سوشلسٽ وٽ اهو پروگرام آهي جيڪو بالشويڪ وٽ سوشلسٽ روس لاءِ هو. معاف ڪجو ڪامريڊ وانگر مارڪسزم ۾ پولپوٽ (خيال پرست) صرف اهي نه هوندا آهن جيڪي پراڻي کي چنبڙيو پون پر پولپوٽ اهي به هوندا آهن جيڪي حالتن کان اڳ واڻ هليا وڃن. هڪ مارڪسٽ لينسٽ لاءِ ضروري ٿيندو آهي ته اهو زمان ۽ مڪان جي اندر رهي نه حالتن کان سؤ سال پوئتي رهي نه حالتن کان سؤ سال اڳتي نڪري وڃي.

ٽيون اعتراض :- ڪامريڊ دوستن جو قومي آزادي تي ٻيو اعتراض اهو هوندو آهي ته هو مارڪسٽ اصولن بين القواميت پسند آهي انهن ڪري انهي قومي سرحدن جي جهڳڙي ۾ پاڻ نه الجهائڻ کپي پر هنن کي پوري سماج لاءِ پوري انسانيت لاءِ هڪ بين القواميت پسند جي حيثيت سان وسيع انقلاب لاءِ لڙڻ کپي. بين القواميت پسندي جو نعرو ڪائنٽ کان ناجي پر ترميم پرستن جو پراڻو هٿيار آ. اڄ جي حالتن ۾ ڪڙو بين القواميت جي لباس ۾ مارڪسزم سان سچائي جو ثبوت نه آهي. بين القواميت جو نعرو ته ٽراٽسڪي به ڏيندو هو. پوءِ ڇا اهو نعرو ٽراٽسڪائيٽ جو مارڪسزم سان سچائي جو ثبوت هو. نه قطعاً نه. ڪامريڊ لينن ان وقت کان اڳ ان نعري جي استعمال کي مارڪسزم ۾ ترميم پسندي جي مذموم ڪوشش سڏيو آهي. جو ته هر مارڪسٽ تضاد کي انهن حالتن ۾ ڏسندو آهي. جنهن ۾ هو پاڻ کي ظاهر ڪندو آهي. ۽ تضاد جي ان ڪردار کي ڏسندو آهي جيڪو اهو ادا ڪري ٿو. ڏسڻو پوندو آهي ته ان تضاد جو ڪردار ڪيتري حد تائين تاريخي ضرورت جي تابع آهي. اڄ جي دور جي تاريخي ضرورت هٿ ٺوڪي بين القواميت نه آهي. پر اڄ جي دور جي تاريخي ضرورت قومي ظلم جبر ۽ سامراجي استحصال کان دنيا جي مظلوم قومن جي آزادي آهي. اصلي حقيقي پورهيت بين القواميت آهي. جيڪا ڪائوٽسڪي ۽ ٽراٽسڪائيٽ ٽولي واري بورزوا بين القواميت جيڪو ابتڙ آهي. جيڪا ته مظلوم ۽ محڪوم قومن جي قومي آزادي انهن قومن جي پيدا واري قوتن جي ارتقا جي تاريخي ضرورت آهي ته جيئن اهي پنهنجي پيداواري وسيلن جي ڪري سوشلزم ۾ داخل ٿيڻ جي لائق بڻجي سگهن. اهوئي اڄ جي تضاد جو تاريخي ڪردار آهي. بين القواميت تاريخ جي ان دور جي ضرورت آهي، جڏهن دنيا جون سمورون قومون سماج جي سوشلسٽ تعمير مڪمل ڪري عالمي ڪميونزم جي راهه تي گامزن هجن انهي وقت قومن جي عالمي ميلاپ ۽ بين القوامي سانچي ۾ ڍلجي وڃڻ جي هر مارڪسٽ کي حمايت ضرور ڪرڻ کپي. پر اڄ جي حالتن ۾ جڏهن دنيا جي آبادي سماج جي پراڻن قدرن ۾ ڦاٿل رهي آهي. جيستائين سوشلزم ته ڇڏيو پر قومن جي اقتصادي ترقي به مڪمل نٿي آهي. انهي وقت هٿ ٺوڪي بين القواميت جي ڳالهه ڪرڻ مارڪسزم نه پر ٽراٽسڪائي ازم آهي.

چاڪاڻ ته اهڙي بين القواميت پورهيت بين القواميت خلاف بورزوا بين القواميت آهي- جنهن کي عالمي سامراج
پنهنجي سامراجي مفادن لاءِ استعمال ڪري رهيو آهي- جڏهن ته پورهيت بين القواميت آزاد ۽ خود مختيار قومن
جي پورهيت طبقي جي بين القواميت آهي- جيئن ڪامريڊ لينن چيو آهي ته "جيئن انسانيت مظلوم ۽ محڪوم
طبقن جي آمريت جي عبوري دور مان گذرڻ کانسواءِ طبقن جو خاتمو ڪري سگهي ٿي. بلڪل تيئن انسانيت
سمورين مظلوم ۽ محڪوم قومن جي آزاد علحدگيءَ جي عبوري دور مان گذرڻ کانسواءِ قومن جي ڪير ڪنهه ٽيڙ واري
(حقيقي پورهيت بين القواميت) حقيقي منزل کي رسي سگهي ٿي"؟

ٽيون اعتراض:- ڪجهه مصريان نام نهاد بين القواميت پسند اهو دليل به ڏيندا آهن ته مارڪسزم
ملڪ ٽوڙڻ جي خلاف آهي. ان ڪري پاڪستان کي ٽوڙڻ بجاءِ ان ۾ انقلاب لاءِ گڏيل جدوجهد ڪرڻ گهرجي:-
اصل ۾ مسئلو هي آهي ته ملڪ نه ڪنهن جي چوڻ سان ٽٽندا آهن ۽ نه جڙندا آهن. اهو چوڻ ته قوم پرست ملڪ ٽوڙڻ
جي ڳالهه ٿا ڪن. ان ڪري ملڪ ٽٽي پوندو. پر جيڪڏهن سوڌها ڳالهه چوڻ بند ڪري ڇڏين ته ملڪ نه ٽٽندو. صرف خام
خيالي آهي. ملڪ ماڻهن جي مرضيءَ سان نه ٽٽندا آهن. پر انهن کي داخلي حالتون ٽوڙيندڙ بڻائينديون آهن. جڏهن ملڪ جي هڪ
حصي ۾ انقلاب لاءِ داخلي حالتون تيار ٿي اچن ٿيون ۽ جنهن جي ڪري ڪيفيتي تبديلي اچي ٿي وڃي ۽ ملڪ جي
ٻئي حصي ۾ داخلي حالتون اڃا پوريون تيار نه هجن ته پوءِ ٽئين حصي جي انقلابي اڀار جو ساٿ ڏيئي سگهن ته اسان
چاهيون يا نه چاهيون ملڪ ٽٽي ويندو. جو ته ملڪ جي ان حصي ۾ جتي داخلي حالتون انقلابي تبديليءَ لاءِ تيار هجن
اسان انهن کي حل ڪرڻ کان پٺ تي هجڻ کان روڪي نٿا سگهون. اهي لازمي حل تائين پهچنديون. انهن جي مرضي پر ٽيڙ
سان جيڪڏهن ملڪ جو ٽٽڻ ضروري ٿي پوي ته اسان تاريخ جي ان عمل کي روڪي نٿا سگهون. حالتن جي اثر
تبديلين ته … ملڪن کي به ٽوڙي وڌو آهي جن کي تاريخ جي ارتقا پاڻ جوڙيو هو. جڏهن جو تاريخي روايتون
هڪ هيون جي … ڪلچر، ٻولي، سياسي اقتصادي مفادن تائين هڪجهڙائپ هئي. جن جو مثال ڪوريا، جرمني
ويٽنام، يمن آهي. پاڪستان ته پوءِ به اهڙو ملڪ آهي جيڪو نه تاريخي ارتقا مان جڙيو آهي ۽ نه تاريخي تسلسل
جي پيداوار آهي ۽ نه جنهن جي ڪلچر، ٻولي ۽ سياسي اقتصادي مفادن ۾ هڪجهڙائپ آهي. انڪري جيڪڏهن
تاريخ ٽوڙڻ چاهي ٿي ته اها ڳالهه نه مارڪسزم جي خلاف آهي ۽ نه ارتقائي عمل جي خلاف آهي. اهو دراصل
مارڪسزم کي نه سمجهڻ جي غلطي آهي. اسان جا ڪامريڊ دوست بين القواميت کي عقيدي طور تي مڃن ٿا. انهن کي
بين القواميت جي اصل مفهوم کي سمجهڻ ۾ منجهيل پيا آهن. ڪامريڊ لينن ان مسئلي کي سلجهائڻ لاءِ ڪافي
ڪليل لفظن ۾ بحث ڪيو آهي. "سوشلزم جو مقصد ننڍين ننڍين رياستن ۾ ورهايل نسل انساني جي
تقسيم ۽ قومن جي سمورين الڳ ٿلڳ حيثيتن کي ختم ڪرڻ ئي ناهي، قومن کي هڪ ٻئي جي ويجهو
آڻڻ ئي ناهي پر انهن کي ملائي هڪ ڪرڻ پڻ آهي. ان مقصد کي پورو ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته هڪ طرف اسان ڪئين ئي
قومي خود اختياري وارن ٻاٻرين خيالن جي رجعت پرست نوعيت عام ماڻهن کي ٻڌائڻ ۽ ٻئي طرف فقط عمومي
طرح سان مبهم انداز ۾ نه، اجايو لپاڙين ۾ نه، سوشلزم جي قائم ٿيڻ تائين روڪي رکڻ جي ڳالهه ڪري نه، پر ڪليل
لفظن ۾ سياسي پروگرام جوڙي مظلوم قومن جي آزادي جو مطالبو ڪجي. هڪ اهڙو پروگرام جيڪو ظالم جابر قوم
جي سوشلسٽن جي رياڪاري ۽ بزدلي کي به خاص طور تي ظاهر ڪري. جهڙي طرح بني نوع انسان مظلوم ۽ محڪوم
طبقن جي عبوري دور مان گذري ئي طبقن جو خاتمو ڪري سگهي ٿو. اهڙي طرح بني نوع انسان قومن جي ناگزير ٺهڻ
جي لازمي منزل تائين مظلوم محڪوم قومن جي مڪمل آزادي يعني انهن جي علحدگيءَ جي عبوري دور مان

ڪُڍي ۾ پڙهي سگهجي ٿو) ”لينن قومي حق خود ارادیت اور قومی مسئلے کا تنقیدی جائزہ صفحہ ۱۲۲،۱۲۳“

چوٿون اعتراض:- پاڪستاني سوشلسٽ ڏڙن جو چوٿون اعتراض هي آهي ته پاڪستان ۾ قومي مسئلو سامراج جو پيدا ڪيل آهي. ان ڪري هتي قومي تضادن کي هٿي ڏيڻ سامراج جي خدمت ڪرڻ جي برابر آهي. جيڪڏهن ايم-آر-ڊي جدوجهد ۾ پاڪستان جي فاشي فوج سنڌي ماڻهن تي گولين ۾ حملا ڪيا ان تشدد جي نتيجي ۾ سنڌي عوام تشدد جو جواب ڏيڻ لاءِ قومي تضاد تشدد بدلجي ويو ته تشي تيارن کي انهن سامراج جي سازش تي نظرانداز هي ڪلي عام چوندا ته وقت ته سامراج گولين هلائي جاڳيا واڙي قومي تضاد وڌائي ٿو چاهي ۽ دليل اهو ڏيندا. ايا 1983ع ۾ ايم-آر-ڊي هنگامن جو نتيجو ڪجهه ڪونه نڪتو ته سامراج 1985ع ۾ سنڌ جو پاڻي بند ڪرائي. تڏهن سنڌ ۾ قومي تضاد کي وري ڀڙڪائي ڇڏيو ڪالاباغ ڊيم جي نظريه پنجاب سنڌ جو پاڻي بند ڪري سامراجي سازش هئي. بند ڪيو هوندو جيئن سنڌ ۾ قومي تضاد وڌي گهٽ نه ٿئي. اسان پنهنجي سوشلسٽ دوستن کان صرف اهو ٿا پڇون ته ڇا سرمائيدار مزدورن جو استحصال ان ڪري ڪندو آهي ته جيئن طبقاتي تضاد وڌيڪ شديد ٿئي؟ ڇا سرمائيدار ان جي شعوري ڪوشش ڪندو آهي ته طبقاتي مسئلو وڌي، ايئن ۽ مزدور سرمائيدار جي وجود کي ختم ڪرڻ لاءِ طبقاتي جنگ ڪري؟ ڇا سرمائيدار طبقاتي جنگ پاڻ چاهيندو آهي؟ جنهن جو حقيقي جواب آهي نه هرگز نه! بلڪ سرمائيدارانه سماج جي فطرت ۾ موجود هوندو آهي. جو ته هو مزدور جي زائد محنت جي استحصال کانسواءِ پنهنجي طبقاتي وجود برقرار رکي ئي نٿو سگهي. استحصال ڪرڻ سرمائيدار جي تاريخي مجبوري آهي. ان استحصال جي نتيجي ۾ طبقاتي جنگ جو پيدا ٿيڻ تاريخي ضرورت آهي. تاريخ جو دستور اصولن مطابق جنهن بنيادي آهي جنهن ۾ طبقاتي جنگ اٿڻ وڃي. ساڳئي ريت سامراج قومن جي ڦرلٽ ڪندو آهي جو ته سامراج سواءِ قومن جي ڦرلٽ جي پنهنجو وجود برقرار نٿو رکي سگهي. اها سامراج جي تاريخي ضرورت آهي ۽ ان ڦرلٽ جي نتيجي ۾ قومي تضاد اڀرڻ وڌڻ ۽ شديد ٿيڻ حالتن جو لزوم آهي. سامراج عوام تي گوليون ان ڪري هلائيندو آهي جو سامراج سواءِ گولي هلائڻ جي ٻيو ڪجهه ڪري نٿو سگهي. هر مسئلي کي دٻائڻ لاءِ سامراج وٽ صرف طاقت ٿيندي آهي. تشدد هوندو آهي، جنهن جو هو استعمال ڪندو آهي. جيڪڏهن پاڪستاني سوشلسٽن جا دليل صحيح مڃجن ته پوءِ چئو پوندو ته فرانس الجزائر ۾ گوليون ان ڪري هلايون ڇا ڪاڻ ته فرانس اتي قومي مسئلو پيدا ڪرڻ ٿي چاهيو. آمريڪا ويٽنام تي گوليون ۽ بم ان ڪري هلايا جو آمريڪا ويٽنام ۾ قومي تضاد اڀارڻ ٿي چاهيو. جڏهن ته اصل ۾ آهي سامراج وٽ هر مسئلي جو حل تشدد آهي. سامراجي تشدد مسئلن کي حل ڪرڻ بجاءِ شديد ڪندو آهي. اڄ جيڪڏهن سامراج نه هجي ته تشدد نه هجي، استحصال نه هجي ۽ قومي مسئلو به نه پيدا ٿئي. ڪامريڊ دوستو! شين جي ماهيت کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو صرف ظاهري نظر سان ڏسڻ سان ڪو به انسان هميشه ڌوڪو ڏيندڙ هوندو آهي. ٻي ڳالهه ته جي قومي مسئلي کي هٿي ڏيڻ سامراج جي خدمت ڪرڻ برابر آهي ته ان لاءِ اسان جي نڪتي سان ته جنهن به مسئلي جي سچو تما [illegible] حالتون پاڻ ڪنديون آهن [illegible] جي تابع نه آهن، اسان قومي تضاد کي حل ڪرڻ ٿا چاهيون ۽ پرڪ سماجي تاريخ ۾ [illegible] مسئلي کي حل سامراجي قوتون ته پرا انقلابي قوتون ڪمزور آهن ان ڪري قومي مسئلو حل ڪرڻ سامراج جي خدمت [illegible] انقلاب جي خدمت ڪرڻ آهي. هونئن به داخلي طرح پاڪستان ۾ قومي مسئلو [illegible] سامراج جي ڪئمپ جو ساٿاري رهيو آهي. داخلي طرح پاڪستان ۾ قومي تضاد جي [illegible] تائين سامراج دشمن رهي آهي ۽ قومي مسئلي جو

اهو تضاد آهي ته سامراج ۽ انقلابي ڪئمپ جي وچ ۾ نمايان تضاد آهي. ساڳي طرح جي سياست ڪندڙ سامراجي ڪئمپ جون سموريون سياسي جماعتون آهن ته پاڪستان جي يڪجهتي ۽ نظريه پاڪستان جون حامي آهن. اهي اهو ته قومن جي آزادي، قومي مسئلي جو سائنسي حل جون سخت مخالف آهن ۽ پوءِ جيڪي ساڳي طرح جا اهي سياستدان ظالم قوم سان واسطو رکندڙ هجن يا مظلوم قوم سان. اهو پيرا ڀٽو رهي غلام مصطفيٰ جتوئي هجي يا بي نظير- پر ساڳي مٿاهين طبقي سان واسطو رکندڙ پيا سياستدان جن قومي مسئلي تي سياست ڪئي آهي. اهي سامراجي ڪئمپ ۾ نه رهي سگها آهن ۽ قومي مسئلي جي سياست انهن کي انقلابي قوتن جو فطري اتحادي بڻائي ڇڏيو آهي، جنهن جو مثال "سنڌ قومي اتحاد" بلوچ قوم پرست ليڊر ۽ سرحد جا قومپرست ليڊر ولي خان مرحوم خان عبدالغفار خان آهي جن جي پوري سياست سامراج دشمن ۽ نظريه پاڪستان خلاف رهي آهي. اوهان ممتاز علي ڀٽي جو مثال وٺو جيستائين نظريه پاڪستان جو حامي رهيو تيستائين سامراجي ڪئمپ ۾ رهي سگهيو، پر جيئن ئي مظلوم قومن جي حقن جي سياست شروع ڪئي اتي ئي هو سامراجي ڪئمپ جي سياست مان نڪري ڪاڏي ٻي طرح جي سياست ۾ هليو آيو. اڄ ممتاز ڀٽي جا سياسي اتحادي اهي ئي سامراج دشمن ڪئمپ جا سياستدان آهن پر پاڪستان جي سامراج دشمن ڪئمپ جا سياسي ليڊر بلوچ ۽ پختون آهن

اهڙي ريت ڪا به سياسي جماعت يا سياستدان ان وقت تائين سامراجي ڪئمپ ۾ رهي سگهي ٿو جيستائين اهو نظريه پاڪستان جو حامي ۽ مظلوم قومن جي آزاديءَ جو مخالف هجي، پر جيئن ئي هو پاڪستان مخالف سياست شروع ڪري، هن کي لازمي طور پنهنجو سياسي رخ به تبديل ڪرڻو پوندو. پنهنجا عالمي اتحادي به تبديل ڪرڻا پوندا ڇو ته سامراج پوري دنيا ۾ ڪٿي به قومي تحريڪن سان ساٿ نه ڪيو آهي. پر قومي تحريڪون هميشه سامراج سان دشمنيءَ واري تضاد ۾ رهيون آهن. ان جا زنده مثال:- ويٽنام، لائوس، انگولا، موزمبيق، تنزانيه گني بساءُ، الجزائر، زمبيا، ڪانگو، زمبابوي پيا دنيا جا ڪيترائي آزاد ملڪ آهن. اڄ جي نميبيا ان جو تازو مثال آهي، جنهن جي آزاديءَ جو سڀ کان وڏو دشمن سامراج ۽ سڀ کان وڏو دوست عالمي سوشلسٽ بلاڪ آهي. خود بنگلاديش جو مثال ان جو جيئرو جاڳندو ثبوت آهي. بنگلاديش جي قومي آزاديءَ جي جنگ ۾ بنگالي عوام جي ڀرپور امداد انقلابي قوتن ڪئي هئي، ۽ سامراج پنهنجو روايتي گندو ڪردار ادا ڪندي چين جي فوجي امداد وسيلي بنگلاديش جي قومي انقلاب کي ڪچلڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي هئي. اهڙن کليل حقيقتن کانپوءِ به قومي مسئلي کي سامراج دوست مسئلو ڪري ڇڏڻ جي ڪوشش يقيناً پڪ سامراج جي خدمت ڪرڻ جي برابر آهي. سنڌ جي ڪجهه سوشلسٽ ڌرين جو اهو به اعتراض آهي ته کلي طرح عليحدگيءَ جي ڳالهه دشمن کي وقت کان اڳ هوشيار ڪرڻ جي برابر آهي، ڇو ته دشمن تمام گهڻو طاقتور آهي. هن وٽ فوج، پوليس ۽ بيوروڪريسي جهڙا اهم ادارا آهن. اهڙي حالت ۾ کلي طرح دشمن آڏو آزاديءَ جو پروگرام پيش ڪرڻ هٿ وٺي قوم کي مارائڻ جي برابر ٿيندو. ان ڪري سڌي طرح عليحدگيءَ جي ڳالهه ڪرڻ بجاءِ مبهم ۽ گول الفاظ ۾ اها ڳالهه ڪرڻ کپي. ڪامريڊ دوستو!- پارٽين جا پروگرام ڪڏهن به مستقل نه هوندا آهن. حالتن جي تبديليءَ سان گڏ پارٽين جا منشور ۽ مطالبا به تبديل ٿيندا رهندا آهن. پارٽي پروگرامن جو تعين پارٽين جون قيادتون نه ڪنديون آهن پر وقت ۽ حالتون ڪنديون آهن. اهو سچ آهي ته اڄ کان 18 سال اڳ ١٩٧٠ع ۾ کلي طرح آزاديءَ جي ڳالهه ڪرڻ پاڻ مارائڻ جي برابر هو. ڇو ته ان وقت حالتون ان حد تائين تيار نه هيون جو کليل عام سنڌ جي آزاديءَ جا نعرا لڳي سگهن پر اڄ ٨٨ع واري ڏهاڪي ۾ حالتون اهي نه رهيون آهن

جيڪي هاڻ ۾ هيئون. اڄ صوبائي خود مختياري ۽ صوبن جي سياسي حاڪميت جا نعرا وقت جا ڪوڙا سڪا بڻجي چڪا آهن. صوبائي ڪري هاڻ واري ڏهاڪي ۾ هاڻ وارا پراڻا ۽ مدي خارج دليل نه ڏيو پر اهو پروگرام ڏيو جيڪو اڄ جي سچائي هجي جو نه ڪله جي سچائي اڄ هلي نٿي سگهي. روس جي سوشل ڊيموڪريٽڪ پارٽي جو پروگرام اڄ اهو ناهي. جيڪو پهرين ڪانگريس جو پارٽي پروگرام هيو. پهرين ڪانگريس ۾ پارٽي پروگرام جو پهريون متو. روس ۾ جمهوري انقلاب قائم ڪرڻ ۽ جمهوري حق بحال ڪرڻ هو. پر ١٩٠٥ع جي جمهوري انقلاب کان پوءِ بالشويڪ پارٽي جيڪو پروگرام ڏنو هو. ان جو مقصد روس اندر، سوشلسٽ انقلاب هو ۽ اڄ ڪميونسٽ پارٽي آف سوويت يونين، روس ۾ سوشلزم کان پوءِ ڪميونزم تي اچي چڪي ته وقت ۽ حالتون بدلجي چڪيون آهن. ان ڪري (C.P.S.U) جي اڄ جي ڪانگريس ۾ پارٽي جو پروگرام به بدلجي چڪو آهي.

هتي مختصراً اسان پاڪستاني سوشلسٽن جي چند اهم اعتراضن تي بحث ڪيو آهي. جنهن مان صاف ظاهر آهي ته پاڪستاني سوشلسٽ اهي اعتراض محض قومي آزادي کي رد ڪرڻ جي نيت سان ڏيندا آهن، جن جو ڪو به مارڪسي، ليني بنياد نه آهي، بلڪ اهي پاڪستاني سوشلسٽ هتي هميشه مارڪسزم ليننزم کي بجاءِ پيش ڪندا آهن ۽ اهو تاثر ڏيندا آهن ته سنڌ جي آزادي جي ڳالهه مارڪسزم ليننزم جي روح جي خلاف آهي، جڏهن ته حقيقت اها آهي ته مارڪسزم ليننزم سموري دنيا جي مظلوم قومن جي آزادي جي جدوجهد جو علمبردار نظريو آهي ۽ سنڌ جي آزادي جي جدوجهد عين مارڪسزم ليننزم جي روح مطابق آهي.

مارڪسزم لينن ازم ۾ واڌارو — فڪر ماؤ ازم — يا مارڪسزم لينن ازم مخالف نظريو

چين جي ڪميونسٽ تحريڪ ۽ بين الاقوامي ڪميونسٽ تحريڪ ۾ ماؤ زي تنگ جي ڪردار جو تجزيو ڪرڻ سان سندس سياسي زندگيءَ کي ٻن دورن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. پهريون دور ۱۹۲۱ع ۾ چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ شامل ٿيڻ کان ۱۹۵۶ع تائين ۽ ٻيو دور ۱۹۵۷ع کان سندس وفات (۱۹۷۶ع) تائين.

پهريون دور چيني ڪميونسٽ تحريڪ جي اوسر، جپان خلاف قومي جدوجهد ۽ طبقاتي سماج جي بدلي غير طبقاتي سماج جي قيام لاءِ ڪامياب انقلابي جدوجهد جو دور رهيو. هن دور ۾ ماؤ-زي تنگ جي سوچ، عمل ۽ ان جي نتيجن مان اها ڳالهه واضح ٿئي ٿي ته هن دور ۾ مثبت رجحان، ماؤ جي سوچ ۽ عمل جي منفي رجحانات تي حاوي رهيا آهن. مارڪسزم لينن ازم جي رهنما اصولن کي صحيح چين جي مخصوص مادي حالتن ۾ انهن جو عملي اطلاق ڪرڻ، ڪميونسٽ پارٽيءَ جي تنظيمي اصولن يعني پارٽيءَ اندر جمهوريت، گڏيل قيادت ۽ جمهوري مرڪزيت وغيره کي قبول ڪرڻ ۽ گهڻي حد تائين انهن تي عمل ڪرڻ جهڙا مثبت رجحان، هن دور ۾ سندس شخصيت تي حاوي رهيا آهن، جنهن ڪري ماؤ نه فقط چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ جي مک رهنما جي حيثيت ماڻي بلڪ چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ ذريعي ۱۹۴۹ع ۾ چين ۾ سوشلسٽ انقلاب آڻڻ ۾ پڻ ڪامياب ٿيو.

۱۹۴۵ع ۾ ڪوريا جي انقلاب کانپوءِ چين، ايشيا جو ٻيو ملڪ هو، جنهن سوشلسٽ انقلاب آندو ۽ ان انقلاب هڪ طرف ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا جي انقلابين جا حوصلا بلند ڪيا ته ٻئي طرف سوشلسٽ ڪئمپ ۾ چين جهڙي انتهائي اهم ملڪ جو واڌارو ٿيو، جنهن ڪري بين الاقوامي ڪميونسٽ تحريڪ کي تمام گهڻي همٿ ملي ۽ ماؤ کي چيني انقلاب جي اڳواڻ جي حيثيت سان نه رڳو چين ۾ عزت ۽ مقبوليت ملي بلڪ سڄي دنيا ۾ خصوصاً سوشلسٽ ڪئمپ ۾ سندس ڏاڍو مرتبو بلند ٿيو.

چيني آباديءَ جي اڪثريتي هاري طبقي جو سياسي شعور بلند ڪري، ان کي انقلاب جي مکيه قوت بڻائي، ڪميونسٽ پارٽيءَ جي قيادت هيٺ چين ۾ ڪاميابيءَ سان انقلاب آڻڻ ماؤ جو سڀ کان اهم ترين ڪارنامو آهي. هارين جي سياسي تربيت ڪرڻ لاءِ ماؤ پنهنجين لکڻين ذريعي مارڪسي تعليم جي عام فهم چيني ٻوليءَ ۾ تشريح ڪئي جيتوڻيڪ انهن تشريحن ۾ ڪيترائي نظرياتي غلطيون ڪيون (جن کي ۱۹۵۱ع ۾ چونڊ لکڻين جا مجموعا مرتب ڪرڻ وقت درست ڪيو ويو) انهن جي باوجود به انهن لکڻين مجموعي طور چين ۾ سوشلزم کي مقبول ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. ان کان علاوه ماؤ چين جي معروضي ۽ موضوعي صورتحال جو صحيح تجزيو ڪندي جپان دشمن متحده محاذ متعلق ڪميو-نسٽ انٽرنيشنل جي پاليسيءَ تي تخليقي انداز ۾ عمل ڪيو جنهن ڪري چيني عوام ۾ پارٽيءَ جي مقبو-ليت ۾ تمام گهڻو واڌارو ٿيو ۽ پارٽيءَ جي افرادي قوت پڻ وڌي. جپان دشمن جدوجهد دوران ماؤ پاران ٻين ۾ گوريلا جنگ جي اصولن ۽ حڪمت عمليءَ متعلق مضمون لکي چيني پارٽيءَ جي صحيح رخ ۾ رهنمائي ڪئي ۽ انقلاب کي فتح سان همڪنار ڪيو.

ٻيو دور چين ۾ سوشلسٽ تعمير جو دور رهيو. هن دور ۾ ماؤ جي فڪر ۽ عمل جا منفي لاڙا، جيڪي منجهس سندس پيٽي بورجوازي طبقي طرفان موروثي طور ۽ چين جي مخصوص معروضي ۽ موضوعي حالتن سبب پيدا ٿيا هئا ۽ جيڪي شروعاتي دور ۾ دٻيل رهيا هئا ۽ فقط چند موقعن تي اهي ظاهر ٿيا هئا سي ماؤ جي مثبت رجحانن تي حاوي رهيا آهن. سوشلسٽ معيشت جي تعمير جي

علم کان اڻ واقفيت، شخصيت پرستي کي اڀارڻ، عالمي ڪميونسٽ تحريڪ جي قيادت هٿ ڪرڻ، چيني قوم پرستيءَ جي رجحان کي اڀارڻ، سوشلسٽ ڪئمپ جي اتحاد جي نظرياتي ۽ عملي مخالفت ڪرڻ، موضوعيت پرستي ۽ مهم جوئيءَ لاڙا، هن دور ۾ سندس فڪر ۽ عمل تي حاوي رهيا آهن. جن جي نتيجي ۾ چيني ڪميونسٽ تحريڪ ۽ عالمي ڪميونسٽ تحريڪ کي انتهائي شديد نقصان رسيو. چيني پارٽي ۽ عالمي ڪميونسٽ تحريڪ وڏي پيماني تي گروهبنديءَ جو شڪار ٿي ويئي. ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا ۾ جتي چيني انقلاب جو گهڻو مثبت اثر پيو هو، اتي ڪميونسٽ پارٽين ۾ ڦوٽ پئجي ڪري انقلابي عمل کي سخت ڇيهو رسيو. سڄي دنيا ۾ ڪميونسٽ ۽ سامراج دشمن قوتون ذهني انتشار ۽ مايوسيءَ جو شڪار ٿيون. سامراجي قوتون، جيڪي عالمي ڪميونسٽ تحريڪ جي اتحاد ۽ وڌندڙ قوت ڪري بدخل رهيون ٿي، تن جا حوصلا وري هڪ ڀيرو بلند ٿي ويا. هن ڦوٽ مان فائدو وٺندي چين کي سوشلسٽ ڪئمپ کان ڪٽي ڌار ڪري پنهنجي مفادن مطابق ۽ سوشلسٽ ڪئمپ خلاف استعمال ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. چين ۾ سوشلسٽ تعمير جي عمل کي نقصان پهچائيندي، نظرياتي، سياسي ۽ اقتصادي طرح اهڙن شديد بحرانن جو شڪار ٿي ويو جو اڄ تائين انهن مان جان ڇڏائي نه سگهيو آهي.

ماؤ جي هن دور جي غلط ڪارين سندس آخرين ڄمار تي پاڻ ڦيري ڇڏيو ۽ عالمي ڪميونسٽ تحريڪ کي عملي طرح پوري دور ۾ پيچاڙي ڏانهن ڌڪيو ۽ وڏو نقصان رسايو، هن دور ۾ جنهن کي "فڪر ماؤزيتنگ" مطابق "ماؤزيتنگ ۽ فڪر ماؤزيتنگ جو دور" سڏيو ويو، تنهن ۾ عالمي ڪميونسٽ تحريڪ کي انتهائي شديد ڌڪ رسيو.

عظيم آڪٽوبر انقلاب کان پوءِ بين الاقوامي ڪميونسٽ تحريڪ ٻن زبردست ٽڪراءَن جو شڪار ٿي آهي، جنهن جي نتيجي ۾ ان باقاعده ٻن حصن ۾ ورهائجي وئي هئي. پهريون زبردست ٽڪراءُ آڪٽوبر انقلاب کان جلد ئي پوءِ ١٩٢٠ع جي ڏهاڪي ۾ روسي ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ اسٽالن ۽ ٽراٽسڪي جي ٽڪراءَ سبب پيدا ٿيو جنهن نظرياتي طرح "مارڪسزم ليننزم ۽ ٽراٽسڪي ازم جي وچ ۾ تضاد" جي شڪل اختيار ڪئي ۽ ڪيترين ڪميونسٽ پارٽين ٽراٽسڪائيٽ ۽ اسٽالنسٽ ڌڙن ۾ ورهائجي ويون. ٻي عالمي جنگ ۾ اسٽالن جي قيادت ۾ روس جي شاندار سوڀ ۽ روس جي قيادت ۾ سوشلسٽ ڪئمپ جي اڀرڻ کان پوءِ ٽراٽسڪي ازم جو عملاً زوال اچي ويو ۽ چند ملڪن ۾ ڪي ننڍڙيون ننڍڙيون ٽراٽسڪائيٽ پارٽيون باقي وڃي بچيون آهن، جن جو اثر به تمام محدود آهي.

بين الاقوامي ڪميونسٽ تحريڪ ۾ ٻيو وڏو ٽڪراءُ ١٩٥٠ع ۽ ١٩٦٠ع جي ڏهاڪن ۾ روس-چين ٽڪراءَ ۽ چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ اندر ماؤزيتنگ ۽ ليوشاؤچي جي ٽڪراءَ سبب پيدا ٿيو، جنهن نظرياتي طرح "مارڪسزم ليننزم ۽ ماؤازم جي وچ ۾ تضاد" جي شڪل اختيار ڪئي.

فڪر ماؤزيتنگ يا ماؤازم کي نظرياتي شڪل ۾ پهريون ڀيرو ١٩٤٥ع ۾ چيني پارٽيءَ جي ستين ڪانگريس آڏو "چيني مارڪسزم" طور پيش ڪيو ويو ۽ ان کي مارڪسزم ليننزم سان گڏ پارٽيءَ جي رهنمائي ڪندڙ نظريي طور آئين ۾ شامل ڪيو ويو. ان جي وضاحت ان ريت ڪئي وئي ته ماؤ چين جي مخصوص حالتن ۾ مارڪسزم ليننزم جو عملي اطلاق ڪري مارڪسزم کي "يورپي شڪل" مان "ايشيائي شڪل" ۾ تبديل ڪيو آهي. چيني پارٽيءَ جي اڳواڻ ليوشاؤچي، جنهن ١٩٤٥ع جي پارٽي

ڪانگريس ۾ مائوءَ ساٿ سان ”فڪر مائوزيتنگ“ کي نظرياتي شڪل ۾ پيش ڪيو هو. ١٩٤٦ع ۾ آمريڪي صحافيءَ ”اينا لوئيز اسٽرانگ“ کي انٽرويو ڏيندي چيو ته ”مائوءَ نه صرف مارڪسزم جو چيني حالتن ۾ عملي اطلاق ڪيو آهي، بلڪ ان کي نئين ترقي ڏني آهي. مائوءَ مارڪسزم جي چيني يا ايشيائي شڪل تخليق ڪئي آهي.

چيني انقلاب جي فتح کانپوءِ جلد ئي ليو شائوچي سميت چيني پارٽيءَ جي اڪثر اڳواڻن ۽ ڪارڪنن کي پنهنجي غلطيءَ جو احساس ٿيو ته هنن فڪر مائوزيتنگ جي پيٽي بورجوازي نوعيت کي سمجهي ورتو، جنهن جو عملي اظهار شخصيت پرستي ۽ گروه بنديءَ جي اپار ذريعي ظاهر ٿيڻ لڳو هو. ان ڪري چيني پارٽيءَ پهرين موقعي ملڻ سان ئي پنهنجي اڳين نظرياتي غلطيءَ جو تدارڪ ڪندي ١٩٥٦ع ۾ اٺين پارٽي ڪانگريس ۾ فڪر مائوزيتنگ جو فقرو آئين مان خارج ڪري ڇڏيو ۽ ”مارڪسزم ۽ ليننزم جي فڪر مائوزيتنگ“ جي بدران ”مارڪسزم ليننزم“ کي پارٽيءَ جو رهنما نظريو تسليم ڪيو. مائوءَ ظاهري طرح ته ان فيصلي کي قبول ڪيو پر دلي طرح اندر ئي اندر سخت ناخوش هو. هن جلد ئي اٺين پارٽي ڪانگريس جي طئه ڪيل اصولن ۽ فيصلن جي ڀڃڪڙي ڪرڻ شروع ڪئي ۽ پارٽيءَ تي پنهنجا فيصلا، پاليسيون ۽ هٿ ٺوڪيا نظريا مڙهڻ لڳو. جنهن ۾ سندس پيٽي بورجوازي طبقاتي ڪردار اڀري آيو جو سندس مثبت مارڪسي ليننيءَ ڪردار ۽ عمل تي تمام گهڻو حاوي ٿيندو ويو. ١٩٦٥ع جي ڏهاڪي ۾ مائوءَ ”عظيم ثقافتي انقلاب“ جي نالي ۾ پارٽيءَ جي اندر ۽ ٻاهر موجود اختلافي سوچ رکندڙ ماڻهن کي ڪچلڻ ۽ خاموش ڪرائڻ جن سندس نقطه نظر سان ٿورو به اختلاف ٿي رکيو ۽ پارٽي ۽ رياست تي شخصي آمريت مڙهي ڇڏي.

مائوءَ پارٽيءَ جي ١٩٥٦ع جي دستاويزن کي رد ڪري پارٽيءَ جي سموري پاليسي کي ٽوڙي فڪر مائوزيتنگ جي بنياد تي پارٽيءَ جي نئين سر جوڙجڪ ڪئي. جنهن ۾ ١٩٥٦ع کانپوءِ مائو طرفان پيش ڪيل پاليسين ۽ نظرين جهڙوڪ ايٽمي جنگ جي نظريي، ٻه عالمي سامراجن يعني آمريڪي سامراج ۽ روسي سوشل سامراج جي نظريي، عالمي ترميم پسنديءَ جي نظريي، روس ۽ اوڀر يورپ ۾ سرمائيداري نه بحاليءَ جي نظريي، عظيم چال ذريعي اڳتي وڌڻ جي نظريي، عوامي ڪميون جي نظريي ۽ ثقافتي انقلاب جي نظريي وغيره کي مرڪزي اهميت ڏني ويئي. ان کانپوءِ سڄي دنيا جي ڪميونسٽن کي فڪر مائوزيتنگ جي جهنڊي هيٺ گڏ ٿيڻ جو سڏ ڏنو ويو، جنهن جي نتيجي ۾ عالمي سطح تي فڪر مائوزيتنگ هڪ نئين ۽ واضح شڪل ۾ عالمي ڪميونسٽ تحريڪ اندر پيٽي بورجوازي کاٻي ڌر جي رجحان طور ۽ مارڪسزم ليننزم مخالف نظريو ٿي اڀريو.

١٩٦٥ع جي ڏهاڪي ۾ نام نهاد ثقافتي انقلاب جي آڙ ۾ جڏهن مائوءَ ۽ سندس حامي ٽولي چيني ڪميونسٽ پارٽي ۽ رياستي مشنريءَ تي مڪمل قبضو ڪري ورتو ته چيني پارٽيءَ دعويٰ ڪرڻ شروع ڪئي ته فڪر مائوزيتنگ، مارڪسزم ليننزم ۾ زبردست واڌارو آهي، هي دور مائوءَ جو دور آهي ۽ فڪر مائوزيتنگ موجوده دور جي مارڪسزم ليننزم آهي.

سنڌ جي مائو پرست تنظيم عوامي تحريڪ (جيڪا هاڻي ANP ۾ ضم ٿي ويئي آهي) جو اڳواڻ محترم رسول بخش پليجو ان دعويٰ جي وضاحت ڪندي لکي ٿو ته ”جيڪڏهن ڪو به انقلابي ايمانداريءَ ۽ ديانتداريءَ سان هن مسئلي تي ويچار ڪندو ته معلوم ٿيندو ته مائوزيتنگ جا انقلابي نظريا بلڪل اهڙيءَ ريت اڄوڪي دور جي مارڪسزم ليننزم آهي، جهڙيءَ ريت لينن جا انقلابي نظريا پنهنجي وقت ۾

مارڪسزم هئي. ٻين لفظن ۾ ماؤزي تنگ جي انقلابي نظريي ۽ عمل کي هڪٻئي لازمي اهم ۽ اڻ ٽٽ حصي طور مارڪسي لينني انقلابي نظريي ۽ عمل ۾ شامل ڪرڻ کانسواءِ اهو ڪي ريءَ ۾ مارڪسي لينني نظريي ۽ ان کي بنيادي طور مڪمل هرگز نٿو ڪري سگهجي* (فڪر ماؤزي تنگ: ر ب پ).

لينن جي انقلابي نظريي کي پنهنجي وقت جي مارڪسزم تسليم ڪرڻ ۽ سندس انقلابي نظريي ۽ عمل کي هڪٻئي لازمي، اهم ۽ اڻ ٽٽ حصي طور مارڪسي انقلابي نظريي ۽ عمل ۾ شامل ڪرڻ جو ڪارڻ اهو آهي ته لينن، مارڪسي انقلابي نظريي ۽ عمل کي پنهنجي دور ۾ تمام گهڻو اڳتي وڌايو ۽ مارڪسي تعليم جي روشنيءَ ۾ جيڪي به نوان نظريا ۽ پاليسيون جوڙيون سي سڀ مارڪسي انقلابي نظريي ۽ عمل سان مطابقت رکندڙ هيون. ڪابه اهڙي پاليسي يا نظريو نه ڏنو جيڪو مارڪسي اصولن کان انحراف تي ٻڌل هجي يا مارڪسي انقلابي نظريي ۽ عمل جي متضاد هجي.

سگهي ٿو ته ماؤ جي "انقلابي نظريي" کي اڄوڪي دور جي مارڪسزم لينزم سمجهڻ ۽ سندس "انقلابي" نظريي ۽ عمل کي هڪٻئي لازمي، اهم ۽ اڻ ٽٽ حصي طور مارڪسي انقلابي نظريي ۽ عمل ۾ شامل ڪرڻ لاءِ پوري انقلابي ايمانداريءَ سان ان تي غور ڪرڻ سان اهو جائزو وٺڻو پوندو ته ماؤ جي نظريي ۽ عمل، مارڪسي لينني انقلابي نظريي ۽ عمل کي اڳتي وڌايو آهي يا ان کي نقصان پهچايو آهي ۽ ماؤ جون جوڙيل پاليسيون ۽ نظريا مارڪسي لينني انقلابي نظريي ۽ عمل سان مطابقت رکن ٿا يا ان سان تضاد ۾ آهن.

ماؤ جي سمورين پاليسين، نظرين ۽ سندس عمل جو مارڪسي لينني تعليم جي روشنيءَ ۾ جائزو وٺڻ سان اها حقيقت چٽيءَ ريت ظاهر ٿئي ٿي ته فڪر ماؤزي تنگ، مارڪسزم لينزم ۾ واڌارو نه بلڪ مارڪسزم لينزم ۾ ترميم آهي. ڇو ته هن دور جي ڪجهه پاليسين، نظرين ۽ عمل کانسواءِ ٻيون سموريون پاليسيون نظريا ۽ سندس عمل مارڪسزم لينزم جي متضاد آهن. ماؤ جو نام نهاد انقلابي نظريو ۽ عمل مارڪسزم لينزم سان تضاد ۾ آهي، اهو سمجهڻ لاءِ سندس جوڙيل اهڙن پاليسين نظرين ۽ عمل جو جائزو وٺڻو پوندو جن مارڪسي لينني انقلابي نظريي ۽ عمل کي اڳتي وڌائڻ بدران ان کي شديد نقصان پهچايو آهي ۽ مارڪسي لينني اصولن سان ڪابه مطابقت ڪونه ٿا رکن. ماؤ جي اهڙن مارڪسزم لينزم مخالف نظرين ۽ پاليسين جو جائزو هيٺ پيش ڪجي ٿو.

** پليجي صاحب جي موجوده موقعي پرست لائين خاص ڪري هن ڳالهه جي عڪاسي ڪري ٿي. هڪ ته اهو ماؤ ازم جي فڪري کوٽاڻي جو قدرتي گهرندڙ موقعي پرست هڪ عالمي ڪردار آهي ۽ ٻيو ته سنڌ جي موجوده انقلابي جدوجهد پنهنجي تاريخي شعور جي مافيه ۽ ماهيت ۾ اندروني طور انقلاب ۽ آزاديءَ جي مخالف قوتن ۽ بيروني طور عالمي پورهيت تحريڪ جي مخالف قوتن جي مزاحمت ۾ بيٺل آهي. پليجي صاحب واري ماؤ پرست لائين سنڌي عوام جي انقلابي جدوجهد جو گهرجون پوريون ڪندڙ ڪونه رهي آهي، پر پوءِ به ماؤ پرستيءَ جي گهر انقلابي ۽ نظرياتي جدوجهد ڪرڻ هوندي آهي، اهو ئي سبب آهي جو پليجو سنڌ جي ماڪي ۾ انقلابي ۽ نظرياتي جدوجهد جو علمبردار بڻجي حقيقي ترقي پسند ۽ قوم پرستن خلاف جدوجهد ڪندو رهيو پر هاڻي هو جيئن ته مڪمل طور اقتدار ۽ اليڪشن جي بورزوا سياست ڪرڻ چاهي ٿو ته، ان ڪري پليجي ماؤ ازم کي به پاسيرو رکي لبرل بورزوا موقعي پرست سياسي لائين اختيار ڪئي آهي.

* (هي مضمون سابق عوامي تحريڪ جو نظرياتي دستاويز آهي، جيڪو ڪري ان جي ليک جو ناهي لکيل آهي پر اهو مضمون ظاهر ڪرڻ وقت تحريڪ طرفان منظور ڪيو ويو ته اهو پليجي جو لکيل آهي.)

ايشيائي شڪل جو نظريو:-

فڪر مائو زي تنگ کي سڀني پارٽي ڪارڪنن ۾ منظور ڪرائڻ لاءِ اهو دليل پيش ڪيو ويو ته مائو چين جي مخصوص صورتحال ۾ مارڪسزم جو اطلاق ڪيو آهي ۽ فڪر مائو زي تنگ مارڪسزم جي چيني شڪل آهي، جنهن کي پوءِ مارڪسزم جي ايشيائي شڪل قرار ڏنو ويو. فڪر مائو زي تنگ کي مارڪسزم ۾ زبردست واڌارو ثابت ڪرڻ لاءِ اهو دليل ڏيڻ بنيادي طرح ڪمزور ۽ غير مارڪسي آهي. مارڪسزم، بين الاقوامي پرولتاري نظريو آهي، جنهن جا ٻه پهلو آهن هڪ آفاقي ۽ ٻيو خصوصي. مارڪسزم جا عملي آفاقي اصول آهن جيڪي سموري دنيا تي لاڳو ٿين ٿا. جيڪا پارٽي مخصوص صورت حال جي آڙ ۾ انهن تان هٿ ڪڍي ٿي اها دراصل مارڪسزم کان ئي انحراف ڪري ٿي. ٻيا خصوصي اصول هوندا آهن جيڪي فقط ڪن خاص حالتن، تاريخي دور، خطي، ملڪ وغيره ۾ ته لاڳو ٿي سگهندا پر اهي جتي ڪٿي هر وقت ۾ لاڳو نه ٿيندا آهن. مارڪسزم هڪڙو سائنسي نظريو آهي، جنهن جو تخليقي انداز ۾ اطلاق ڪرڻ سان ئي ڪاميابي ملي سگهي ٿي، يعني هر تاريخي دور ۾ هر خطي، هر ملڪ ۾ ان جي مخصوص صورت حال ۾ مارڪسزم جي آفاقي ۽ خصوصي اصولن جو تخليقي اطلاق ڪرڻ سان ئي ڪا مارڪسي پارٽي انقلاب آڻڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهي ٿي. اهو مارڪسزم جو عام اصول آهي. روس، ڪيوبا، ويٽنام، انگولا ۽ ٻين ملڪن ۾ ڪامياب انقلاب آيا ئي تڏهن آهن جڏهن انهن جي پارٽين ۽ رهنمائن پنهنجي ملڪن جي مخصوص صورت حال ۾ مارڪسزم جو تخليقي اطلاق ڪيو آهي، پوءِ جيڪڏهن مائو ۽ چيني پارٽي چين جي مخصوص صورت حال ۾ مارڪسزم جو اطلاق ڪيو ته ڇا هو ان ڪو غير معمولي عظيم الشان ڪارنامو هو؟ ان دليل جي بنياد تي پوءِ ته ڪو مائو ازم واڌارو ڇو؟ هوچي منھ ازم، ... ازم، آگسٽينو نيتو ازم، ڪمال سنگ ازم وغيره وغيره ڇو نه؟ مارڪسي نظريو ڪو بند ۽ جامد نظريو نه آهي پر سمورن انسانن جي تجربن کي پنهنجي اندر سموئيندو رهي ٿو ۽ اهو مسلسل انقلابي عمل، تجربن ۽ نين سائنسي کوجنائن سان گڏوگڏ ترقي ڪندو وڃي ٿو، وڌيڪ گهرو ۽ جامع ٿيندو رهي ٿو. لينن ازم کي مارڪسزم ۾ زبردست واڌارو فقط ان ڪري قرار نه ڏنو ويو ته لينن روس جي مخصوص صورتحال ۾ مارڪسزم جو تخليقي اطلاق ڪيو پر لينن هڪ نئين تاريخي دور ۾ يعني سامراجي دور ۾ مارڪسزم جي مرڪزي ۽ سائنسي تشريح ڪئي، مارڪسزم جي تخليقي اطلاق سان آفاقي ۽ خصوصي اصول پيش ڪيا ۽ مارڪسي فڪر ۽ عمل ۾ زبردست واڌارو ڪيو. لينن هڪ طرف مارڪسزم جو ڪاٻي ۽ ساڄي ڌر جي ترميم پسندن جي حملن کان زبردست بچاءُ ڪيو جن پنهنجون هٿ ٺوڪيون تشريحون ڪري مارڪسزم جي اصل روح کي ئي ختم ڪرڻ ٿي چاهيو ته ٻئي طرف سامراجي دور ۾ درپيش سمورن سوالن تي يعني سامراجيت، طبقاتي جدوجهد، قومي جدوجهد، بين الاقوامي مزدور تحريڪ، قومي آزاديءَ جي تحريڪن، زرعي سوال، امن ۽ جنگ جي سوال وغيره متعلق نوان مارڪسي اصول، نظريا ۽ پاليسيون پيش ڪيون جيڪي مارڪسزم جي آفاقي اصولن سان مڪمل مطابقت رکندڙ هيون جڏهن ته مائو مارڪسزم

مخصوص صورت حال ۾ مارڪسزم جي اطلاق کي بنياد بڻائي هڪ نئون ڪيو نظريو "مائو ازم" گهڙي ان کي مارڪسزم جي چيني شڪل قرار ڏيڻ جو تصور گهڙيو ان جو جيڪو جائيندو ثبوت آهي، ان تصور سان اهو ٿو لڳي ته لينن، مارڪسزم جي روسي يا ڪنهن ٻئي يورپي شڪل تخليق ڪئي هجي. اصولن جي اهميت کي گهٽائي، لينن ازم جي روح ۽ جوهر کي نه سمجهي سگهڻ جي ڪمزوري جي نشاندهي ڪري ٿو. دراصل مائو ان سوال تي ئي سمجهه کان پري رهيو.

قائم رهيو ته لينزم کي مارڪسزم ۾ واڌارو جو قرار ڏنو ويو. مائو کي انهو سڌو سارو جواب اهو سمجهه ۾ آيو ته لينن روسي پارٽي ۾ انقلاب جي اڳواڻي ڪئي هئي. ان ڪري لينزم وجود ۾ آيو ۽ اهو مارڪسزم ۾ واڌارو قرار ڏنو ويو. ان ئي بنياد تي مائو سمجهيو ته مان به چيني پارٽي جي اڳواڻي ڪري مائوازم ايجاد ڪري ان کي مارڪسزم لينزم ۾ واڌارو قرار ڏياري سدا امر ٿي سگهان ٿو. ان ئي موضوع، پيٽي بورجوا، غير مارڪسي تصور تحت مائو، ستين پارٽي ڪانگريس ۾ ۱۹۴۵ع (ان ئي ڪانگريس ۾ مائو جي اڳواڻ حيثيت مستحڪم ٿي هئي) ليو شائوچي ذريعي فڪر مائو زيتنگ جو تصور پيش ڪرايو.

۱۹۴۹ع ۾ چيني انقلاب جي فتح ٿيڻ بعد چيني اڳواڻن، چيني انقلاب کي ٽين دنيا جي ملڪن لاءِ بهترين نمونو قرار ڏيئي مارڪسزم جي ايشيائي شڪل واري نظريي جي پروپيگنڊا تيز ڪري ڇڏي. پر ان نام نهاد ايشيائي نظريي جو اصلي مارڪسي ليننی مخالف جوهر ان وقت سيني جي اڳ ۾ ظاهر ٿي ويو جڏهن جون ۱۹۵۰ع ۾ مائو بيان ڏنو ته "ايشيا جا مسئلا ايشيا جي عوام کي پاڻ حل ڪرڻا گهرجن" (چين کي خارجه پاليسي جي سمت ص ۲۷۰)

ٻي عالمي جنگ جي نتيجي ۾ روس جي اڳواڻي هيٺ سوشلسٽ بلاڪ جنم ورتو هو ۽ دنيا سامراجي بلاڪ ۽ سوشلسٽ بلاڪ جي وچ ۾ تقسيم ٿي وئي هئي جن جي وچ ۾ سرد جنگ شروع ٿي چڪي هئي ۽ روس جي اڳواڻي ۾ سوشلسٽ بلاڪ سموري دنيا جي مزدور تحريڪن ۽ ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا جي قومي آزادي جي تحريڪن سان ڀرپور عملي سهڪار پيش ڪيو.

تڏهن مائو جي ان نظريي ته "ايشيا جا مسئلا ايشيا جي عوام کي پاڻ حل ڪرڻا گهرجن کي عملي جامو پهرائڻ جو فقط هڪ ئي نتيجو نڪري پئي سگهيو ته ايشيا جا عوام پنهنجو پاڻ کي پنهنجي سپ کي ڪٽي الڳ ٿلڳ ڪن ۽ وڏي وڏ رکي چين جي مدد تي ڀاڙين يعني سوشلسٽ بلاڪ کان پاڻ ايشيا ۾ فقط چين ئي هاڻي سوشلسٽ ملڪ هيو جيڪو سڌو ان ڪانهن نڪا هو مدد ڪري پئي سگهيو. [illegible] عملي [illegible] نتيجو نڪري ها جو ايشيا جون مزدور ۽ قومي تحريڪون بيوس [illegible] ۽ ڪمزور ٿي پون ها ۽ سامراجي ڪئمپ کي [illegible] تحريڪن کي ختم ڪرڻ ۾ آساني ٿي پوي ها جنهن جي آخري نتيجي ۾ خود سوشلسٽ بلاڪ [illegible] ڪمزور ٿي وڃي ها جو ايشيا جون مزدور تحريڪون ۽ قومي آزادي جي تحريڪون [illegible] سوشلسٽ بلاڪ جون سڀ کان مضبوط [illegible] ساٿي [illegible] سامراجي بلاڪ کي ڪمزور ڪري [illegible] سوشلزم [illegible] هموار پيو ڪري.

دراصل مائو اهڙن نعرن ۽ نام نهاد ايشيائي نظرين جي ذريعي ڇهرين ڏاکي طور پنهنجي ۽ چين جي اڳواڻ حيثيت تسليم ڪرائڻ پئي چاهي. اهڙن نعرن ۽ نظرين مائو ۽ ڪامري ٻين چيني اڳواڻن جي چين کي عظيم طاقت بڻائڻ جي ڦيرستانه لاڙن ۽ آمري طور عالمي ڪميونسٽ تحريڪ جي اڳواڻي حاصل ڪرڻ جي خواهشن ڀهرين پيٽي بورزوا لاڙن جي نشاندهي ٿي ڪئي. اهي پيٽي بورزوا رجحان مٿن ايترو حاوي ٿي ويا جو هنن چين ۽ ايشيا سميت سڄي دنيا جي معروضي صورتحال کي نظرانداز ڪري ڇڏيو ۽ سڄي دنيا کي پنهنجي خواهشن تحت بدلائڻ جي موضوعيت پرست سوچ جو شڪار ٿي ويا. هو سچ جيان روشن حقيقت کي سمجهڻ کان قاصر رهيا ته جيڪڏهن هندستان نام نهاد ايشيائي نظرين کي قبول ڪندي سوشلسٽ بلاڪ ايشيا جي مزدور تحريڪن کي چين جي مدد جي آسري ڇڏي ڏئي ها ته خود چين به ان وقت ان پوزيشن ۾ نه هو جو انهن تحريڪن جي خاطرخواه رهنمائي ۽ مدد ڪري سگهي ها چو ته چين پاڻ ئي اڃان مڪمل طور پنهنجن پيرن تي بيٺل ڪونه هو ۽ چين ۾ سوشلسٽ تعمير جو عمل پڻ سوشلسٽ بلاڪ لاءِ خصوصاً روس جي ڀرپور عملي مدد جي ذريعي ئي جاري وساري هو.

چيني اڳواڻن کي اهو هوش هنن جلدي اچي ويو جڏهن ساڳئي سال آمريڪي سامراج ايشيا جي ٽئين ملڪ ۽ چين جي سرحدي ملڪ ڪوريا جي انقلاب کي ڪچلڻ لاءِ پنهنجون فوجون ڪوريا ۾ لاٿيون جيڪي ڪوريائي ڪميو- نسٽن ۽ عوام کي ڪچليندي چيني سرحد جي ويجهو پهچي ويون هيون جن جي يلغار کي روڪڻ ۽ ڪوريائي انقلاب کي مڪمل تباهيءَ کان بچائڻ لاءِ چين کي روس ۽ سوشلسٽ بلاڪ جي مدد سان پنهنجون فوجون ڪوريا موڪلڻيون پيون. ڪوريا جي جنگ ۾ چين کي عملي تجربو ٿي ويو ته سواءِ روس ۽ سوشلسٽ بلاڪ جي ڀرپور امداد جي هن جنگ ۾ فتح حاصل ڪرڻ ناممڪن هو. ڪوريا جي جنگ کانپوءِ چين ان نام نهاد ايشيائي نظرين جي پروپيگنڊا بند ڪري ڇڏي ۽ ليو شاؤ چي سميت اڪثر چيني اڳواڻن ان ٺوس معروضي حقيقت کي تسليم ڪري ورتو ته روس ئي اهو ملڪ آهي جيڪو سوشلسٽ بلاڪ جي اڳواڻي ڪرڻ جي پوزيشن ۾ آهي ۽ چين کي انجو مضبوط اتحادي ملڪ رهڻ گهرجي. ان کانپوءِ انهن اڳواڻن ان پاليسي کي جاري رکيو ۽ آخرڪار ١٩٥٦ع ۾ هنن ان تباهه ڪن نعري جو بنياد فراهم ڪندڙ فڪر چيني مائو ازم کي پارٽيءَ جي رهنما نظرئي طور قبول ڪرڻ کان انڪار ڪري انکي پارٽي آئين مان خارج ڪري ڇڏيو. پر مائو ان سموري عمل کي انتهائي بيوسيءَ سبب قبول پئي ڪيو جو ايشيائي نظرين کي صحيح ثابت ڪرڻ ۽ فڪر مائوزي تنگ کي رهنما نظريو مڃائڻ لاءِ وٽس ڪو به مضبوط ۽ مارڪسي منطقي دليل ڪونه هو. پر جيئن نه مائو ٿي عالمي ڪميونسٽ تحريڪ جي اڳواڻي حاصل ڪرڻ جي

جوانائيت پرست لاڙو ۽ چين کي عظيم طاقت بڻائڻ جو قوم پرستي وارو لاڙو حاوي پئجي ويا هئا تنهن ڪري هوان سو نقال کي جيئن جو تيئن قبول نه ڪري سگهيو ۽ ١٩٥٨ع واري ايشيائي نظريي جي پرچار پنهنجن عقيدتمندن جي ذريعي شروع ڪرائي روس ۽ بين الاقوامي سوشلسٽ ملڪن ڏانهن مخاصمانه پاليسيءَ جو آهستي آهستي آغاز ڪرايو جنهن جي نتيجي ۾ روس-چين اختلاف وڌي ويا ۽ بين الاقوامي ڪميونسٽ تحريڪ ۾ ڦوٽ پئجي وئي. ۽ اهڙي مارڪسزم جي ايشيائي نظريي جو منطقي انجام بين الاقوامي ڪميونسٽ تحريڪ جي ڦوٽ ۽ گروهه بنديءَ جي شڪل ۾ نڪتو.

مارڪسزم جو ايشيائي نظريو، مارڪسزم ليننزم جي بنيادي فلسفي سان نئين تضاد ۽ ٽڪراءَ ۾ آهي. مارڪسي فلسفي جو بنيادي روح طبقاتي جدوجهد آهي جيڪا ئي عالمگير تضادن ۾ ڦوٽ جي ورچ جو تعين ڪندي آهي. مائو جنهن وقت "ايشيا جا مسئلا ايشيا جي عوام کي حل ڪرڻ گهرجن" جو نعرو بلند ڪيو تنهن وقت مکيه عالمگير تضادن ۽ مکيه عالمي ورچ جو تعين نه ڪيو هو يعني طبقاتي جدوجهد جي بنياد تي عالمي ورچ ۾ مکيه مخالف بلاڪن، سوشلسٽ بلاڪ ۽ سامراجي بلاڪ جي وچ ۾ نه ڪيو هو ۽ مکيه عالمگير تضاد يعني سوشلسٽ نظام ۽ سامراجي نظام جي وچ جي تضاد جو تعين به نه ڪيو هو پر مائو نا مخفاد ايشيائي نظريي جي پرچار ڪري عملاً انهن مارڪسي عالمي نڪته نظر کي رد ڪيو ۽ طبقاتي جدوجهد بدران جاگرافيائي بيهڪ جي بنياد تي ڦوٽ جي ورچ ڪرڻ جي اصول کي قبول ڪيو. هي هڪ اهڙو اصول آهي جنهن جو پرچار بورجوا مفڪر گهڻي ئي ڪندا پئي آيا ۽ اڄ تائين ڪندا رهن ٿا. ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا ۾ مارڪسي فڪر ۽ تحريڪ جي وڌندڙ اثر کي روڪڻ لاءِ بورزوا دانشورن انهن جي عوام ۾ انهيءَ طرح پروپيگنڊا شروع ڪري ڇڏي هئي ته سندن غربت ۽ غلاميءَ جو ڪارڻ يورپ ۽ يورپي نظريا آهن. بورجوازي چالاڪيءَ سان ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا جا عوام جيڪي نه رڳو سامراجي يورپي ملڪن جي غلامي ۽ ظلم جي چڪيءَ ۾ پيسجندا رهيا آهن ۽ انهن ۾ سامراجي يورپي ملڪن خلاف نفرت جو جذبو موجود آهي - تنهن ڪري بورزوا دانشورن مارڪسزم کي پرولتاري نظريي بدران يورپي نظريي طور پيش ڪيو ته جيئن عوام ان ڏانهن مشڪوڪ ٿي وڃي ۽ سوشلسٽ يورپ ۽ سامراجي يورپ جي وچ ۾ تفريق ڪرڻ جي بدران سڄي يورپ کي هڪ جيان پنهنجي دشمن قوت سمجهندا رهن. بورجوازي خوب سمجهيو پئي ته جيستائين مظلوم قومون ۽ عوام ان غلط ڦهلاءُ جو شڪار رهندا، تيستائين اهي سوشلسٽ يورپ سان مضبوط اتحاد نه جوڙيندا ۽ سوشلزم کان گهٽ متاثر ٿيندا.

ماؤ جي ايشيائي نظرين جي پرچار درحقيقت ان بورزوا تصور کي ئي هٿي ڏني، ان طرح ماؤ ايشيا ۾ اڳواڻي حاصل ڪرڻ جي جنون ۾ مارڪسي اصولن کي پٺي ڏيئي بورزوا فلسفي جي گود ۾ وڃي پناهه ورتي.

بورزوا فلسفي ۾ پناهه وٺڻ جو سبب ان حقيقت ۾ سمايل آهي ته ماؤ جو فلسفيانه بنياد بلڪل ڪمزور هو ۽ مارڪسي فلسفي تي ڪنهن عبور حاصل ڪونه هو حقيقت ڪري ماؤ جي سوچ جو بنياد عملي پهلوءَ تي ٻڌل هوندو هو. ماؤ کي عمل ۽ نظرين جي لاءِ مارڪسي جدلي ڳانڍاپي جو صحيح ادراڪ نه هيو ۽ ماؤ نظريي کي عمل جي رهنمائي ڪندڙ قوت طور استعمال ڪرڻ بدران نظريي کي مڪمل طور عمل جي تابع بڻائي ڇڏيو هو. اهو ئي سبب هو جو ماؤ پهريائين عملي منصوبا جوڙي پوءِ مارڪسي اصطلاحن جي من ماني تشريحن ۽ مارڪس ۽ اينگلس ۽ لينن جي لکڻين جون پنهنجي مطلب سان ٺهڪندڙ معنائون ڪڍي پنهنجن منصوبن، خيالن ۽ عملن کي عين مارڪسي لينني ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هو. ماؤ جي پيش ڪيل نظرين ۽ پاليسين جو گهرو جائزو وٺڻ سان اها حقيقت چٽي ريت ظاهر ٿي پوي ٿي. ماؤ پهريائين پارٽي قيادت تي گرفت حاصل ڪرڻ جو منصوبو جوڙيو ۽ 1945ع جي پارٽي ڪانگريس ۾ ان کي وڏي مستقل ۽ پائيدار بڻائڻ لاءِ هن پنهنجي ڪاميابي کي "فڪر ماؤزي تنگ" جو نظرياتي ويس ڏئي ڪري ۽ ان فڪر کي عين مارڪسي لينني ثابت ڪرڻ لاءِ هن ان کي چيني مارڪسزم چين جي مخصوص حالتن ۾ مارڪسزم کي عملي جامو پهرائيندڙ نظريو ۽ مارڪسزم جي ايشيائي شڪل قرار ڏنو ته جيئن ماؤزي تنگ کي مارڪسزم لينينزم سان متصادم نظريو نه سمجهيو وڃي بلڪ انکي مارڪسي لينني فڪر ۾ واڌارو سمجهيو وڃي. ان طرح ماؤ پنهنجي قد وقامت کي پارٽيءَ ۽ عوام جي نظرن ۾ وڌائڻ ۾ ته ڪامياب ٿي ويو پر ڪنهن سبب کان وڌيڪ نقصان اهو رسيو جو هو مارڪسي فڪر جي راهه تان هٽي پيٽي بورجوا فڪر جي راهه تي ڊوڙڻ لڳو ۽ اها پيٽي بورجوا فڪري واٽ ئي ماؤ ۽ فڪر ماؤ جي زوال جو ڪارڻ بڻي. ان کان علاوه به ماؤ جيڪي نظريا پيش ڪيا مثلاً عظيم ڇال ڏيڻ جي ڳالهه، ٽن دنيائن جو نظريو ۽ عظيم ثقافتي انقلاب جو نظريو يا وڏي روس ۾ سرمائيداراڻه بحالي روسي سوشل سامراج ازم، روسي ترميم پرستي وغيره جا نظريا، سڀ جا سڀ درحقيقت ماؤ جي جوڙيل منصوبن کي مارڪسي ويس ڍڪڻ جي ڪوشش هئي جنهن ڪري ته اهڙن سڀني جو بنيادي جوهر پيٽي بورجوا آهي. نظريي کي عمل جي مڪمل تابع ڪرڻ جو اهو منطقي نتيجو هو جو هو مارڪسي نظريي خاص ڪري پرولتاري نظريي کي حقيقتن ۽ لاءِ اندازي عمل جي رهنما قوت طور اختيار نه ڪرڻ سبب ماؤ جو موروثي پيٽي بورزوا ڪردار روز بروز وڌيڪ اڀامڪر

تي تڪو ڇڏين ڪانه ماؤ جهان ڇڏائڻ بدران پيٽي بورجوا ڪردار کي اصطلاحن جي غلط تشريحن ذريعي حقيقي پرولتاري ڪردار ثابت ڪرڻ جي ڏس ۾ تياريون مگن رهيو. ماؤ جي ايشيا ۾ ڪوانهي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ۽ ٽڪيٽي لاءِ عالمي ڪميونسٽ تحريڪ جي آگواڻي ماڻڻ جي جدوجهد يا چين کي عظيم طاقت بڻائڻ جي جدوجهد دراصل ماؤ جي ان اپريل پيٽي بورجوا ڪردار جو ئي اظهار هيو.

مارڪسي فلسفي ۽ ماؤ سٽ فلسفي جي وچ ۾ مکيه تضاد به اهو ئي آهي ته مارڪسي فلسفو پرولتاريه جو انقلابي فلسفو آهي ۽ ماؤ سٽ فلسفو پيٽي بورجوا جو فلسفو آهي جيڪو مارڪسزم کان ڪابي پاسي جو انحراف آهي. ڇا پيٽي بورجوا فلسفي کي پرولتاري فلسفي ۾ واڌارو قرار ڏئي سگهجي؟ لازما ان جو جواب آهي "هرگز نه" ته پوءِ يقينا ان سوال ته ڇا ڏڪر - ماؤ زي تنگ مارڪسزم ليننزم ۾ واڌارو آهي جو جواب آهي "هرگز نه".

مجموعي طور ماؤازم هڪ "ڪابي ڌر" جي پيٽي بورجوا موقعي پرست رجحان طور اڀريو پر ماؤ ڪيترا اهڙا خيال به پيش ڪيا جيڪي ساڄي ڌر جي موقعي پرستيءَ جي دائري ۾ اچن ٿا. جن جي اصل جوهر کي لڪائڻ لاءِ ماؤ ۽ سندس مريد انتها پسند ڪابي ڌر جي انقلابي لفاظي ۽ اصطلاحن جو سهارو وٺندا رهيا آهن. ايشيائي شڪل جو نقل پوءِ به انهن جي جوهر ۾ ساڄي ڌر جي موقعي پرستيءَ وارو هيو جن عملا بورزوا دانشورن جي فڪر کي هٿي ڏني.

دنيا ۾ ڪيترين ماؤ پرست تحريڪن جو مجموعي ڪردار ئي ساڄي ڌر جي موقعي پرستيءَ وارو آهي پاڪستان ۾ ماؤ پرست تحريڪ جو ڪردار شروعات کان ئي ساڄي ڌر جي موقعي پرستيءَ وارو رهيو آهي. ماؤ پرست تحريڪ جو ابو مولانا ڀاشاڻي ۽ ٻيا همراهه روس جي حامي ڌرين کي ساڄي ڌر جا جديد ترميم پسند ۽ روسي سوشل سامراج جا ايجنٽ قرار ڏيئي "مها انقلابي" بڻجي هٿندي هٿندي وڃي سامراجين جي خدمتگار ايوبي آمريت سان ٺاهه ڪيائون ۽ عملا آمريڪي سامراج ۽ سندس دلال يعني ظالم ڀٽي جي هٿ ڪسپ ۽ ڀالادستيءَ جا هٿ مضبوط ڪيائون. اڄ به عمومي طرح سموري پاڪستان ۽ خصوصي طرح سنڌ جي ماؤ پرست تحريڪ جو ڪردار بلڪل ساڳيو آهي يعني ظاهري طرح ته پاڻ کي ڪابي ڌر جا عظيم انقلابي ثابت ڪرڻ لاءِ مها انقلابي ۽ مها ڏاها سڏيو عوام کي ٺڳڻ ۽ بيوقوف بڻائڻ جا جتن وٺندا ڪن ٿا ۽ سندن خيال، پاليسيون ۽ عمل اهڙا آهن جيڪي سڌيءَ ۽ اڻ سڌيءَ ريت سامراجين ۽ سندن دلالن جي هٿن کي مضبوط ڪري ڏيئي رهيا آهن ۽ هاڻي ته ماڳهين اقتدار ۽ استحصالي قوتن ۾ پاڻ لاءِ ڀائيوارپ لاءِ تڪڙا پون - وڪون ڪئي رهيا آهن.

ايٽمي جنگ جو نظريو

١٩٥٧ع ۾ ڪميونسٽ پارٽين جي ماسڪو ڪانفرنس ۾ مائو ايٽمي جنگ جو نظريو پيش ڪيو. مائو هن نظريي جي ذريعي اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته جيڪڏهن ايٽمي جنگ لڳي ته ان ۾ سامراجي ڪئمپ کي لازمي طور تي شڪست ايندي ۽ وڌ ۾ وڌ اڌ دنيا تباهه ٿيندي ۽ باقي بچيل دنيا ۾ سوشلسٽ نظام قائم ٿي ويندو. ٩ نومبر ١٩٥٧ع تي روس جي سپريم سوويت کي مخاطب ڪندي مائو چيو ته "ظلم جي هزارن ورهين (روسي) جو خاتمو ۽ آڪٽوبر انقلاب جو جشن ملهائڻ لاءِ ماسڪو ۾ 64 ڪميونسٽ پارٽين جي وفدن جو گڏجڻ هڪ نئين دور جو آغاز آهي. هاڻي سوشلزم جون قوتون، سامراجي قوتن تي حاوي آهن.... هاڻي دنيا ۾ هوا جو رخ تبديل ٿي چڪو آهي. سوشلسٽ ۽ سامراجي ڪئمپن جي جدوجهد ۾ هاڻي اولهه جي هوا اوڀر جي هوا تي غالب نه آهي بلڪ اوڀر جي هوا اولهه جي هوا تي غالب آهي."

(Mao: People's Emperior By Dick wilson, P:326)

چين جي سرڪاري ترجمان اخبار "پيپلز ڊيلي" مطابق ١٨ نومبر تي ماسڪو ڪانفرنس ۾ تقرير ڪندي مائو چيو ته "هن وقت اسانکي هر وقت اهو ڌيان ۾ (رکڻ گهرجي) ته جنگي جنوني هر جڳهه کي ايٽم بم ۽ هائيڊروجن بم سان (تباهه) ڪري سگهن ٿا. هنن جي جواب ۾ اسانکي به ائين ڪرڻو پوندو (جنهنڪري) زبردست خلفشار پوندو ۽ انساني زندگيون تباهه ٿي وينديون.... پر جنگ لڳڻ جي صورت ۾ ڪيترا ماڻهو مرندا؟ دنيا جي ڪل آدمشماري ٢ ارب ستر ڪروڙ آهي. منجهان ٽيون حصو يا ان کان ڪجهه وڌيڪ يعني اڌ ختم ٿي سگهي ٿو.... مان ان مسئلي تي هڪ غير ملڪي مدبر (نهرو) سان ذڪر ڪيو هو. هن سمجهيو پئي ته جيڪڏهن ايٽمي جنگ لڳي ته سموري انسان ذات ختم ٿي سگهي ٿي. مون چيو ته وڌ ۾ وڌ اڌ انسان ذات ختم ٿي ويندي ۽ باقي اڌ بچندي جڏهن ته سامراج جيڪي زمين دوز ٿي ويندي ۽ سڄي دنيا سوشلسٽ بڻجي ويندي. ڪجهه سالن اندر دنيا جي آدمشماري وري سگهي ٢ ارب ستر ڪروڙ تي ويندي بلڪ ان کان به وڌيڪ ويندي". مائو جي هن تقرير مان سندس شخصيت جي مهم جويانه لاڙن، ايٽمي جنگ جي تباهه ڪاري بابت کان لاعلمي، خيالي، غير سائنسي ۽ غير جدلي سوچ جو پتو پوي ٿو. ايٽمي هٿيارن جي دوڙ شروع ٿيڻ کانپوءِ اهو ڪنهن تائين ڪو به يقين سان چئي نٿو سگهي ته ايٽمي جنگ لڳڻ جي صورت ۾ ڪنهن هڪ ڌر جي فتح ٿيندي ۽

۾ جيڪڏهن ائين ٿئي ته به ته اهو يقين سان چئي نٿو سگهجي ته اها فاتح ڌر ڪهڙي هوندي.
اڄ تائين ايٽمي هٿيارن جي ماهرن جون ان مسئلي تي جيڪي تحقيقي رپورٽون شايع
ٿيون آهن تن مان سڀني ڪنهن امڪان هجڻ کي رد ڪيو آهي ته ايٽمي جنگ جي نتيجي ۾
ٻئي ڌريون تباهه ٿي وينديون. ريگن ۽ گورباچوف جي (روس- آمريڪا سربراهه ملاقات ۾
ٻنهي اهو واضح اعلان به ڪيو آهي ته ايٽمي جنگ ۾ ڪا به ڌر فاتح نٿي ٿي سگهندي
بلڪ تابڪاري اثرن سبب سڄي دنيا تباهه ٿي ويندي. پر چين جي "انقلابي ڌر اهي"
(جن جو نام نهاد انقلابي نظريو ۽ عمل اڄ دعوا ڪئي پئي وڃي ته سند سان نظريو
موجوده دور جي مارڪسزم ليننزم آهي) مڪمل يقين سان دعوا پئي ڪئي ته —
جيڪڏهن ايٽمي جنگ لڳي ته فتح لازمي طور سوشلسٽ ڪئمپ جي ٿيندي ۽ ان جي نتيجي
۾ عالمي سوشلسٽ نظام اڏجي ويندو.

مارڪسزم ليننزم جهڙي سائنسي انقلابي نظريي ۾ هن قسم جي "وادارڙي"
جي ته جيتري گنجائش به پيدا نٿي ٿي سگهي ڇو ته مارڪسزم ليننزم ۾ اهڙن "وادارن"
سان خود مارڪسزم ليننزم کي انقلابي سائنسي نظريي جي حيثيت تان هٽ
ڪرڻو پوندو.

ماؤ پرست مارڪسي ليننسي نظريي جو هڪڙو 'وادارو' اهو به آهي ته ماؤ
"سامراج ڪاغذي شينهن آهي" جو نعرو ڏيئي سامراج جي ايٽمي بليڪ ميلنگ
خلاف جدوجهد جو نظريو ڏنو آهي.

ماؤ سامراج کي ڪاغذي شينهن سان تشبيهه 1946ع ۾ آمريڪي صحافي "اينا لوئي
سٽرانگ" سان گفتگو ڪندي ڏني هئي. اينا لوئي اسٽرانگ لکي ٿي ته "پهرين پيرو
ڪاغذي شينهن جو اصطلاح استعمال ڪندي ماؤ چيو ته سمورا رجعت پسند حڪمران
ڪاغذي شينهن آهن ..... روس ۾ فيبروري انقلاب کان اڳ زار نظام ڪهڙو طاقتور
۽ زبردست نظر ايندو هو پر فيبروري جو هڪ ئي ڌڪ کيس لوڙهي ويو. هٽلر کي تاريخ
جي طوفان اڏائي ڇڏيو ۽ اهو ئي حشر جاپاني سامراجين جو ٿيو. اهي سڀ
ڪاغذي شينهن هئا. سمورن سامراجين ۽ رجعت پسندن جو اهو ئي حشر ٿيڻو آهي."
(Mao Zedong: Biography - Assessment - Reminiscences, P.172-73)

هاڻي اسانکي سنڌ جو هڪ مهاڙ اهو ٿو پڇائي ته آخر ماؤ سوا ۽ ڪاغذي شينهن
جي تشبيهه استعمال ڪري جي ڪهڙي نئين ڳالهه ڪئي آهي جنهن کي وڏو وادارو
قرار ڏجي؟ سامراجيت جي زوال جي ڳالهه ماؤ ته رڳو سطحي لفظن ۾ مڪالمي
بابت واري انداز ۾ ڪئي آهي. جڏهن لينن "سامراج، سرمائيداري جي آخري منزل"
ڪتاب لکي سامراجيت جي اوسر ۽ زوال متعلق ٺوس سائنسي مارڪسي موقف
اڳواٽ ئي پيش ڪري ڇڏيو هو. انهي ڪري ماؤ جي ان مڪالمي جو ان وقت جي
معروضي صورتحال جي روشني ۾ ماؤ جنهن پس منظر ۾ اها ڳالهه چئي ٿي ان جو

جائزو وٺڻ سان مائو جي سياسي ذهنيت جو آسانيءَ سان پتو پئجي سگهي ٿو. ان ۾ گفتگو جو حوالو ڏيندي اينالوئي اسٽرانگ لکي ٿي ته: هڪ موقعي تي مائو چيو ته اهو (آمريڪا) تاريخ جو طاقتور ترين سامراج آهي ۽ تاريخ جو ڪمزور ترين (سامراج) پڻ. هن جي عمارت اوچي آهي پر بنياد لڏندڙ اٿس. ٻئي موقعي تي هن چيو ته آمريڪي سامراج تي تنها وڏي رهيو آهي. هن جا اڪثر دوست ختم ٿي چڪا آهن يا بيمار آهن. پينسلين به انهن جو علاج نٿي ڪري سگهي. اهو هاڻي پتو آهي جو اهڙا سارا رجعت پرست بيمار ٿيا آهن جن کي موتمار بيماري آهي.... آمريڪي رجعت پسندن تي تمام وڏو بوجهه آهي. هن کي سڄي دنيا جي رجعت پرستن کي سنڀالڻو آهي ۽ جيڪڏهن هو ائين نه ڪري سگهيو ته سندن ڪراهي پٽ پوندو. اهو اهڙو ڳرو آهي جيڪو فقط هڪ ٽنگ تي بيٺل آهي ٻين رجعت پرستن جيان آمريڪي رجعت پرست به ڪاغذي شينهن ثابت ٿيندا. (ساڳيو ڪتاب 172-176).

مائو انهن خيالن جو اظهار (1946ع) ۾ ڪيو هو. تڏهن معروضي صورتحال اها هئي ته يورپ ٻي عالمي جنگ سبب تباهه ٿي چڪو هيو. آمريڪا جنگي قرضن ذريعي ٻي انتها لاڀ ڪمائي ۽ ايٽمي طاقت حاصل ڪري طاقتور ترين ملڪ بڻجي چڪو هو. مائو جي نظر فقط ان هڪ طرفي صورتحال تي هئي جنهن جو به مائو گهرو جائزو نه وٺي سگهيو. آمريڪي سامراج جي قوت جو انهي اصلي طاقت کان گهٽ اندازو لڳايو. مائو سمجهيو پئي ته آمريڪي سامراج پنهنجي تباهه حال يورپي اتحادين ۽ ٻين سمورن رجعت پرستن کي بچائڻ ۽ بحال رکڻ جي وڏي سگهه نٿو رکي. جڏهن عملاً ٿيو انهي ابتڙ يعني آمريڪا مارشل پلان رستي اولهه يورپ جي بحاليءَ جو تيزيءَ سان ڪم سرانجام ڏيئي پنهنجا مضبوط اتحادي تيار ڪري ورتا. معروضي صورتحال جو ٻيو پاسو اهو هيو ته سوويت يونين سميت ساڄو سوشلسٽ بلاڪ پڻ جنگ جي تباهين کان متاثر ٿي چڪو هو پڻ بحاليءَ جي دور مان گذري رهيو هيو ته سوشلسٽ بلاڪ جي اقتصادي لوڙي فوجي قوت سامراجي بلاڪ جي ڀيٽ ۾ ڪمزور هئي. جو ته ٻي عالمي جنگ ۾ جتي آمريڪا دنيا جو امير ترين ملڪ بڻجي ويو اتي ان جي ابتڙ سوويت يونين ۽ ٻيا اوڀر يورپ جا سوشلسٽ ملڪ سخت اقتصادي تباهيءَ جو شڪار هئا ۽ فوجي لحاظ کان به آمريڪا کي ايٽمي برتري حاصل هئي. مائو موضوعيت پرستيءَ جو شڪار هئڻ سبب انهن سڀ معروضي حقيقتن کي نظر انداز ڪري ڇڏيو ۽ انهن معروضي حقيقتن جي اهميت کي گهٽ ڪري پيش ڪيو. انهي بنيادي سبب اهو هيو جو مائو جو تاريخي نقطه نظر ڪڏهن به جدلياتي ماديت وارو نه رهيو آهي انهي ابتڙ سندس نقطه نظر موضوعي خيال پرستيءَ وارو رهيو آهي. مائو لفظي طرح ته سرائي جوندو ۽ ڪندو رهيو ته مادو اول آهي شعور ثانوي پر سندس عمل ان جي ابتڙ سوچ جي عڪاسي ڪري ٿو. مائو ان جدلياتي اصول کي جيئن ريت نه سمجهي سگهيو هيو ته شعور مادي مان ڦٽي نڪتو آهي معروضي ۽ فطري قانونن کي سمجهي ۽ ان مطابق

عمل ڪري ماديءَ کي بدلائڻ جي سگهه رکندو. مائو ان اصول کي اهڙيءَ ريت ورلڻ ته شعور
مادي مان ڦٽي نڪتو ۽ محروم نه آهي. فطري قانونن کي اوراڪي ڪري به ماديءَ کي بدلائي
سگهندو. ان طرح مائو عمل = ماديءَ کي شعور جي تابع بڻائي شعور کي اولين ۽ ماديءَ کي
ثانوي حيثيت ڏئي ٿو ڇڏي. مائو جا پيش ڪيل اڪثر نظريا ۽ پاليسيون مثلاً -
ايشيائي شڪل جو نظريو، انهي جنگ جو نظريو، عظيم چال ذريعي اڳتي وڌڻ جو
نظريو. روسي سوشل سامراج جي ترميم پسندي جو نظريو، ثقافتي انقلاب وغيره
سندس غير مارڪسي، غير جدلي موضوعي خيال پرستي تي ٻڌل تاريخ جي غير مادي تصور
جو نتيجو آهن. مائوازم ۽ مارڪسزم جي وچ ۾ اهو بنيادي تضاد آهي ته مارڪسزم تاريخ
جي مادي تصور پيش ڪري ٿو،
جڏهن ته مائوازم تاريخ جو موضوعي خيال پرستيءَ وارو
تصور پيش ڪري ٿو. آمريڪي سامراج ڪاغذي شينهن آهي ۽ ان جو زوال اچڻو آهي
واري ڳالهه ڪرڻ وقت به مائو جي پيش نظر تاريخ جو مادي تصور ڪونه هو بلڪ ان
جي برعڪس پس منظر ۾ سندس موضوعي خيالي پرستيءَ وارو تصور ڪارفرما هيو. جنهن
جو ثبوت مالروءِ ان سان گفتگو مان ئي ملي ٿو. گفتگو دوران سامراج جي
ڪاغذي شينهن هجڻ واري ڳالهه ڪرڻ کان فوراً بعد مائو چوي ٿو "اهي سامراجي فقط
ان ڪري طاقتور آهن، جو عوام وٽ شعور نه آهي. عوام ۾ شعور ئي بنيادي سوال آهي.
بنيادي اهميت ايٽم بم جي نه آهي پر انسان جي آهي جيڪو ان کي سنڀاليندڙ آهي. ان
کي تعليم ڏيڻ جي ضرورت آهي... اصل طاقت ڪميونسٽ پارٽيءَ وٽ آهي جيڪا اهي
عوام کي شعور ڏئي سگهي ٿي." (ص 163) اهو شعور کي ماديءَ کان، موضوع کي معروض
کان وڌيڪ اهميت ڏيڻ ۽ تاريخ جي ماديت پسند نظر کي رد ڪرڻ جو واضح اظهار آهي.
تاريخ جو مادي پسند نظريو اهو آهي ته سامراج جي طاقت
جو راز سندس معروضي سماجي اقتصادي ترقي واري ڏاڪي يعني انتهائي ترقي يافته
سرمائيداريءَ ۾ سمايل آهي ۽ سندس لازمي زوال جو سبب به ترقي يافته سرمائيدارانه
سماج ۾ سمايل آهي جيڪو ان جي اندر موجود ناقابل حل تضادن ۾ ان سماج جي زوال
جا ڪارڻ ٻڌايا. تاريخ جي سامراجيت کان وڌيڪ ترقي يافته ڏاڪي يعني سوشلسٽ
سماج کي جنم ڏيندا، هن صديءَ ۾ سوشلسٽ سماج جو ظهور سماجي ترقيءَ جي ان
معروضي قانون سبب ٿيو آهي. پر مائو ان مادي تصور جي بدران موضوعي خيال
پرستيءَ وارو تصور پيش ڪري ٿو جنهن ۾ بنيادي اهميت معروضي عنصر يعني سماجي
ترقيءَ جي معروض کي ڏيڻ بدران موضوعي سرگرمي يعني عوام جي شعور کي قرار ڏئي ٿو.
ان طرح مائو معروضي عنصر ۽ موضوعي سرگرميءَ جي ان جدلياتي ڳانڍاپي کي نظرانداز
ڪري وڃي ٿو ته معروضي صورتحال ئي موضوعي سرگرميءَ جو تعين ڪندي آهي. اهڙي
طرح مائو شعور کي ماديءَ کان آزاد ۽ متانهين حيثيت ڏئي ڇڏي ٿو. ان ئي موضوعي

خيال پرستيءَ واري نموني تحت ماؤ ڪميونسٽ پارٽين جي اهميت ۽ افاديت متعلق به غلط ۽ غير مارڪسي نمونو پيش ڪري ٿو. ماؤ جي چوڻ مطابق عوام کي شعور ڪميونسٽ پارٽيون ڏين ٿيون يعني عوام جي شعور جو دارومدار ڪميونسٽن جي موضوعي سرگرمي تي آهي. جڏهن ته مارڪسي نقطه نظر اهو آهي ته عوام جي شعور جو تعين مخصوص معروضي صورتحال ڪندي آهي. ڪميونسٽ پارٽيون عوام جي ان مخصوص معروضي صورتحال مان ڦٽندڙ شعور کي گهرو، وسيع ۽ منظم ڪري انقلابي سگهه ۾ تبديل ڪنديون آهن ۽ عوام جي انقلابي رهنمائيءَ جو رول ادا ڪنديون آهن. هاڻي جيڪڏهن ماؤ جي ان نموني کي قبول ڪجي ته سامراج ان ڪري طاقتور آهي جو عوام وٽ شعور نه آهي ۽ ڪميونسٽ پارٽيون عوام کي شعور ڏئي نه سگهيون آهن ته پوءِ اسين ڏسون ٿا ته سامراجيت جو مڪمل زوال - فقط ان ڪري نه ٿي سگهيو آهي جو امريڪا، اولهه يورپ ۽ جپان جون ڪميونسٽ پارٽيون عوام کي شعور ڏيڻ ۾ ناڪام ويون آهن. (هالانڪه ماؤ جي نقطه نظر کان ان ڪري جرائت ڪري ماؤ هُجتي مهاڏاهو ڪونهي) پر لفظن ۾ اهيا ن ثابت ٿيو ته سامراجيت جي مڪمل زوال نه اچڻ جو ڪارڻ مخصوص معروضي صورتحال ۾ نه پر موضوعي سرگرميءَ جي ڪمزوريءَ ۾ سمايل آهي. يعني سمورو ڏوهه انهن جي ڪميونسٽ پارٽين جو آهي. فڪر ماؤ زي تنگ کان رهنمائي وٺندي منطقي نتيجي طور اهو ئي غير مارڪسي ۽ بورجوازيءَ کي هٿي ڏيندڙ نمونو ملي سگهي ٿو.

اهڙي طرح انسان جي حوالي سان ماؤ جو نمونو به موضوعي خيال پرستي وارو آهي. مارڪسزم انسان جي موضوعي سرگرمي جي زبردست اهميت کان ڪڏهن به انڪار نه ڪيو آهي پر اها ڳالهه به انسان جي موضوعي سرگرمي کي ٺوس معروضي صورتحال کان آزاد ۽ مٿاهون قرار نٿي ڏئي. بلڪ انهن جي وچ ۾ جدلياتي ڳانڍاپي جي وضاحت ڪري ٿي. اڄوڪي دنيا ۾ ايٽمي هٿيارن جو پيدا ٿيڻ وغيره، انهن جي انسان ذات کي تباهه ڪرڻ جي صلاحيت ٺوس معروضي حقيقت آهن. تباهه ڪن ايٽمي هٿيارن جي موجودگيءَ جي مادي بنياد ايٽمي جنگ مخالف شعور کي
جنهن ڪري ايٽمي ۽ عالمي امن تحريڪ ۽ سوشلسٽ بلاڪ کي مضبوط ۽ وسيع ۽ طاقتور ڪيو آهي. ايٽمي جنگ جو امڪان ڪي منتقل ڪنارو ڪيو آهي

جڏهن ته جنگ جي 1946ع جي زماني جي معروضي حقيقت هڪ طرف سامراج جي ايٽمي برتري هئي جنهن ڪري ايٽمي جنگ جي ڳالهه جو امڪان ان جي پيٽ ۾ گهڻو طاقتور رهيو. انجو ثبوت ان جي آمريڪي منصوبن مان ئي ملي ٿو جيڪي هن روس طرفان ايٽمي ڌماڪو ڪرڻ کان اڳ تيار ڪيا هئا. روسي ايٽمي ڌماڪي کان اڳ آمريڪا سوشلسٽ بلاڪ کي زير ڪرڻ لاءِ جامع منصوبه بندي ڪري رهيو هو. پر سندس اهي ارادا ان ڪري ناڪام ٿي ويا جو روس سندن اندازن جي ابتڙ ڏيڍ سال اڳ يعني 1949ع ۾ ايٽم بم تيار ڪري ورتو. جڏهن ته آمريڪين جو اندازو هو ته روس 1951ع ۾ اهو تيار ڪري سگهندو. (پاڪستان ۾ آمريڪا جو ڪردار، صفحو: 120-121)
اهي سڀ حقيقتون ان ڳالهه جي ئي شاهدي ڏين ٿيون ته ماؤ هڪ طرف يعني سامراجي ايٽمي

برتري جي منفي شڪل جو ڳڻتي انداز لڳايو جڏهن ته روس انهي مفروضي صورتحال جو حقيقي ادراڪ
ڪري ورتو آهي ته سامراجي ايٽمي بليڪ ميلنگ جو مادي بنياد ئي ڊاهي وڌو.
ان سڄي صورتحال مان صاف ظاهر ٿئي ٿو ته سامراجي ايٽمي بليڪ ميلنگ
خلاف جدوجهد جي ڪاميابيءَ جو سبب مائو طرفان ڪيل سامراج کاغذي شينهن آهي واري
پروپيگنڊا نه آهي بلڪ انجو بنيادي ڪارڻ اهو آهي ته روس جلد ئي سامراجي ايٽمي هڪ هٽي
ختم ڪري ڇڏي جنهن ڪري سامراجي ۽ سوشلسٽ ڪئمپ جو ايٽمي طاقت جو توازن برابر
ٿي ويو. ايٽمي جنگ نه ٿيڻ جو بنيادي ڪارڻ به اهو آهي جو روس مستقل مزاجيءَ سان فوجي
توازن کي برقرار رکندو آيو آهي. جيئن ته ان توازن کي برقرار رکڻ لاءِ روس کي تمام
گهڻا وسيلا اقتصادي ميدان ۾ استعمال ڪرڻ بجاءِ فوجي ميدان ۾ استعمال ڪرڻا پيا آهن.
۽ سندس اقتصادي ترقي تي تمام برو اثر پيو آهي. ٻي صورت ۾ روس به گهڻو لفاظي ڪندو
رهي ها ۽ چئي ها ته سامراجي ۽ سوشلسٽ ڪئمپ جي وچ ۾ طاقت جو توازن قائم نه ڪري سگهي
ها ته جيڪر مائو ته ڇا پر سڄي دنيا جا ڪميونسٽ گڏجي به سامراج کاغذي شينهن آهي
جو راڳ آلاپين ها ته به سامراجي ايٽمي بليڪ ميلنگ جي خلاف جدوجهد ۾ ڪامياب
نه ٿي سگهن ها ۽ نه ئي انقلاب دشمن سامراجي منصوبن کي ناڪام بڻائي سگهن ها. روس ان
پاليسيءَ ذريعي نه فقط سامراجي ايٽمي بليڪ ميلنگ کي روڪيو آهي بلڪ ايٽمي جنگ جي
امڪانن کي به نسبتاً گهٽايو آهي.

مائو پرست چيني ته جو هر ۾ ڪٽر روس دشمن ٿيندا آهن انڪري اهي ايٽمي بليڪ ميلنگ
خلاف سوويت يونين جي ڪيل شاندار ۽ ڪامياب جدوجهد کي تسليم ڪرڻ کان انڪاري آهن
۽ بغير ڪنهن ثبوت جواز يا بنياد جي اهو ڪارنامو مائو جي کاتي ۾ لکائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن.
سابق عوامي تحريڪ پنهنجي نظرياتي مضمون "فڪر مائوزيتنگ" ۾ مائو جي ان نام نهاد ڪارنامي
جي تشريح جنهن انداز ۾ ڪئي آهي سا ته بلڪل جهڙي ڪئي آهي. پنهنجي ذاهب جا گل
ڇڏيندي ايئن لکي ٿي ته "خروشچيف جو اعلان هو ته....... هن وقت دنيا ۾ ڪنهن کي
جدوجهد جو پن ڇڏيندو ته آمريڪي سامراج ايٽمي لڙائي شروع ڪري ڇڏيندو. جنهن جي
ڪري دنيا ۾ ڪو به نه بچندو نه انقلابي نه انقلاب. انڪري چپ ڪري ويهو ته سوته آمريڪا
۽ روس يعني دنيا جي ايٽمي طاقتن جي وچ ۾ اتحاد ٿئي. هي سازش، نهايت زنگي، قومي
۽ بين الاقوامي حالتن ۾ هونئن به مائو بيمثال انقلابي جرئت دانشمنديءَ سان انهي سوال
باضابطه روڪ کي روڪيندي سامراجي ايٽمي بليڪ ميلنگ کي چيلنج ڪيو ۽ سامراجي ايٽمي ڌمڪي
جي باوجود ڪوريا جي عوام کي زبردست فوجي مدد ڏيئي ڪوريائي انقلاب کي آمريڪي سامراجي
ڪڙائيءَ کان بچائي ورتو ۽ ايٽمي بليڪ ميلنگ کي ناڪام ڪرڻ جي جدوجهد ۾ دنيا جي انقلابي عوام
جي رهنمائيءَ جو تاريخي ڪردار ادا ڪيو"
خروشچيف واري اها پاليسي سختيءَ سان رد ڪئي وڃي ها ۽ انهن ليڊرن ۽ ذاهب
سان سختي مقابلو ڪري ان کي ناڪام نه بڻايو وڃي ها ته دنيا ويٽنام ۽ انڪا ٻين انقلابن جي

سلسلي کان شايد اڄ تائين محروم هجي ها ۽ هر هنڌ سامراجي ڌمڪين جو نشانو بڻيل هجي ها. مائو زي تنگ جي ايٽمي بليڪ ميلنگ جي خلاف جدوجهد جي نظريي نه رڳو چين کي پر سموري سوشلسٽ ۽ انقلابي دنيا کي فائدو رسايو.

سنڌ جا مائو پرست اهڙي طرح مائو جي سامراجي ايٽمي بليڪ ميلنگ خلاف جدوجهد جي نظريي کي صحيح ثابت ڪرڻ لاءِ تاريخ کي لوڙهي مروڙي پيش ڪن ٿا. عالمي تاريخي حوالن ۾ ته ۽ ان جي انتهائي تعريف لاءِ جواز گهڙن ٿا جيئن هنن ان نظريي کي عملي طرح صحيح ثابت ڪرڻ لاءِ چين طرفان ڪوريا جي فوجي مدد کي خروشچيف جي دور تائين گهليو ويو آهي. پر نه حقيقت اها آهي ته ڪوريا جي لڙائي جون ١٩٥٠ع ۾ لڳي هئي ۽ ان وقت روس جي حڪومت تي اسٽالن جي حڪومت هئي نه ڪي خروشچيف جي حڪومت. تحفي ڪا سوال ان تاريخي حقيقت کان انڪار نٿو ڪري سگهجي ته ١٩٥٠ع ۾ چين، سوشلسٽ ڪئمپ جو ميمبر هو ۽ ان جي قيادت سوويت يونين ڪري رهيو هو. ڪوريا جي لڙائي ۾ به چيني فوجن، روس سميت ٻين سوشلسٽ ملڪن جي هٿيارن سوڙهي، مدد ۽ ساٿ سان وڙهيو هو. ٻيو سڀ کان اهم ڳالهه ته روس ڪوريا جي جنگ شروع ٿيڻ کان اڳ ئي سيپٽمبر ١٩٤٩ع ۾ ايٽمي ڌماڪو ڪري چڪو هو يعني سامراجي ايٽمي بليڪ ميلنگ جو مادي بنياد ڊاهي چڪو هو. ان ڪري مائو طرفان ڪوريا ۾ فوجون موڪلڻ جي عمل کي ايٽمي بليڪ ميلنگ خلاف جدوجهد جي ڪارنامي طور پيش ڪرڻ تاريخي ڪوڙ هڻڻ آهي. حقيقتون ته معاملو ان جي بلڪل برعڪس آهي يعني خود چيني رهنما ان ۽ ڪوريا جي انقلابين جي فتح جو اهم ڪارڻ اهو هيو ته ڪيئن سوشلسٽ سوويت يونين جي ڀرپور مدد، ساٿ ۽ (ايٽمي هٿيارن هئڻ) جنهن جو جو ايٽم بم ناهي سامراجي ايٽمي بليڪ ميلنگ کي بي اثر بڻائي ڇڏيو هو. ڪوريا جي جنگ ۾ آمريڪا طرفان ايٽمي هٿيار استعمال نه ڪرڻ جو سبب به اهوئي هيو. آمريڪي [illegible] خفيه رپورٽن جي تازي اشاعت ۾ جو دستاويزي ثبوت آهي ته آمريڪا ڪوريا ۾ ايٽم بم استعمال ڪرڻ تي سنجيدگي سان غور ڪيو هو پر ان تي عمل فقط ان ڪري نه ڪيو ته جو روس جي جوابي ايٽمي حملي جو ڪيس خطرو درپيش هو. ڪوريا جي جنگ دوران نه فقط ايٽمي حملي جي تجويز زير غور آئي هئي بلڪ هڪ ٻئي حلقي اها تجويز به ڏني هئي ته جوابي ڪارروائي طور [illegible] تي حملو ڪيو وڃي پر ان تجويز جي مخالفت ڪندڙن ڪين اهو دليل ڏئي خاموش ڪرائي ڇڏيو ته ”اسان کي هميشه اهو ياد رکڻ کپي ته اسان جو وڏو دشمن ڪير آهي. وڏو دشمن سوويت يونين آهي چين ناهي“

(پاکستان میں امریکہ کا کردار: ایم ایس - وینکٹے رامانی، ص: ۱۷۷)

سنڌ جا مائو پرست روس جي انقلابي ڪردار کان انڪار ڪرڻ ۽ ڪيس بڻائي ڪرڻ ۾ آمريڪي سامراج کان به گوءِ کڻي ويا آهن. سامراجي به اهو تسليم ڪن ٿا ته سندن طرفان ايٽمي حملي جي راهه ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ روس آهي جو ته اها هڪ اهڙي حقيقت آهي جنهن کي تسليم نه ڪرڻ سج کي ٽڪي ڏسڻ جي مترادف آهي. پر سنڌ جي مائو پرست اهڙي ڪي ان کان انڪار ڪن ٿا. ڏيهه ڏيري ساڻ تاريخي ڪوڙ هڻڻ جي سنڌس [illegible] واقعي بي مثال آهي!!

مائو پرست ان قسم جا تاريخي ڪوڙ ڪنھن غلطي يا علمي بي خبري سبب ڪونہ ھڻندا آھن بلڪ اھڙا ھٿ ڪرتوت ھو سوچيل سمجھيل پاليسي تحت ڪندا آھن ۽ پلاڪوٽي بہ سالم دماغ ماڻھو ان ڳالھ تي يقين ڪري سگھندو ڇا تہ پليبي صاحب جھڙي مدبر 'تاريخ جي عالم' کي اھا خبر نہ آھي تہ ١٩٥٥ع ۾ روس جو اڳواڻ خروشيف ھو يا اسٽالن؟ يا روس اينهي ڏھاڪو ڪوريا جي جنگ کان اڳ ڪيو ھيو يا پوءِ ؟

مائو پرست ھميشہ خروشيف جي مخالفت جي آڙ ۾ سوشلسٽ روس خلاف نفرت انگيز پروپيگنڊا ڪرڻ جو حربو استعمال ڪندا رھيا آھن. ھتي بہ پليبي ساڳيو حربو استعمال ڪندي سوويت يونين کي بدنام ڪرڻ ۽ سوشلسٽ ڪئمپ جي ڪردار جي اھميت کي گھٽائي پيش ڪرڻ جي نيت سان ئي ڪوريا جي جنگ کي خروشيف جي دور سان ڳنڍي ڇڏيو آھي، سندن ان حرڪت مان مائو پرستن طرفان اسٽالن جي ڪردار متعلق اختيار ڪيل منافقانہ رويي جي بہ نشاندھي ٿئي ٿي. اسٽالن جي کليل مخالفت ڪرڻ جي جرئت نہ مائو پرستن جو مرشد مائو زي تنگ بہ نہ ڪري سگھيو ھو. حالانڪ مائو، اسٽالن جي ڪيترين پاليسين مان ناخوش ھيو ۽ ٻنهي اڳواڻن جو ھڪٻئي تي حقيقي اعتماد نہ ھو نہ وھيو، پر ١٩٥٦ع ۾ خروشيف طرفان اسٽالن تي تنقيد کان ڪجھ عرصو پوءِ مائو ۽ مائو پرستن وري اسٽالن جي زبردست مداحن جي صورت ۾ پيش ڪرڻ شروع ڪيو. مائو ۽ سندس پيروڪار ١٩٥٦ کان پوءِ اڄوتائين اسٽالن جا زبردست مداح ان ڪري بڻيل ويا جو ڪين ان طرح ماضي جي سوويت يونين کي ساراھي، حال ۽ مستقبل جي سوويت يونين جي مخالفت ڪرڻ جو سولو موقعو ملي ويو. اسٽالن جي زبردست 'مداح' ان ئي حڪمت عملي جو حصو ھيا. مائو پرست جيڪڏھن اسٽالن جا حقيقي مداح ھجن ھا تہ ھن طرح ڪوريا جي جنگ ۾ ۽ ايٽمي بليڪ ميلنگ خلاف جدوجھد ۾ سندس ادا ڪيل زبردست ڪردار کان منھن نہ موڙين ھا.

مائو پرست جو ھرھڪ موقعي پرست ٿيا آھن تنھن ڪري اھي مستقل مزاجي يا اصول مارڪسي موقف اختيار نہ ڪندا آھن بلڪ عموما مارڪسيت ۽ انقلابيت جو ويس بہ ھو حڪمت عملي طور پھريندا آھن سنڌ جي مائو پرستن جو بہ ساڳيو ئي حال آھي جيڪي ظاھرا ڏاڍا انقلابي، ڏاڍا ترقي پسند، ڏاڍا قوم پرست، ڏاڍا عوام پرست بڻيا عملا بين الاقوامي ڪميونسٽ تحريڪ، عالمي امن تحريڪ ۽ قومي آزادي جي تحريڪ خلاف ڪات کڻي بيٺا آھن. مائو جي ايٽمي بليڪ ميلنگ خلاف جدوجھد کي ساراھڻ خروشيف کي ننديڻ جو عمل بہ ساڳيو ئي آھي تہ ظاھرا سوشلسٽ ٿي عملا عالمي ڪميونسٽ تحريڪ خلاف جدوجھد ڪجي. مائو ازم جو عالمي نقطہ نظر اھو آھي تہ آمريڪا ۽ روس ٻئي سامراج آھن جيڪي ٻنهي جي فوجي ايٽمي برتري جي زور تي باقي دنيا کي بليڪ ميل ڪندا رھن ٿا. عوامي تحريڪ بہ دراصل ان ئي موقف جي ھتي پروپيگنڊا ڪري رھي آھي ھي لفظ ان انقلاب دشمن عمل جي نشاندھي ڪن ٿا خروشيف جو اعلان ھو تہ......"ھن وقت دنيا ۾ ڪٿي بہ ڪو جدوجھد جو بڻ ڇڙندو تہ آمريڪي سامراج ايٽمي لڙائي شروع ڪري ڇڏيندو. ھن ڪري دنيا ۾ ڪو بہ ڪونہ بچيندو نہ انقلابي نہ انقلاب." ان ڪري ڇپ ڪري ويھي رھو تہ روس ۽ آمريڪا يعني دنيا جي ايٽمي طاقتن جو وچھڙ لوڏ ٿئي" (فڪر مائو زي تنگ) يعني سوويت يونين بہ انقلابي جدوجھد جو دشمن آھي.

سوشل سامراج آهي جيڪو آمريڪي سامراج سان گڏجي باقي دنيا کي بليڪ ميل ڪندو رهي ٿو،
مهاڏ اهي سميت ڪنهن مائو پرست ۾ اها اخلاقي جرئت نه آهي جو اهڙي انقلاب دشمن،
مارڪسزم مخالف، سامراج پرست ۽ ظالم صاف لفظن ۾ چئي سگهن ٿو ته سنڌي عوام جو سامراج
دشمن شعور اينترو پڪو پختو ٿي چڪو آهي جو هن وقت ڪا به نام نهاد ترقي پسند ڌر ۽ سوويت يونين جا
ڪيل مخالفت نه ٿي ڪري سگهي ٿو ته ائين ڪرڻ سان سندس مها انقلابي ۽ مها ترقي پسندي جو نقلي روپ
ننگو ٿي پوندو ۽ سنڌي عوام ان کي رجعت پرستي ۽ سامراج پرست قوتن ۾ شمار ڪرڻ لڳندو. (ان جي تفصيلي ڄاڻ
پاڻ "روس سوشل سامراج نظريئي" واري حصي ۾ ڪئي ويندي).

مهاڏ اهي هتي خروشچيف جي مؤقف کي بگاڙي پيش ڪري پنهنجي من ماني انقلاب دشمن
تشريح ڪئي آهي. خروشچيف جي وقت ۾ روس ۽ چين ۾ هڪڙو اهم اختلاف جنگ ۽ امن جي سوال تي ٿيو هو.
ان اختلاف جو آغاز ١٩٥٧ع ۾ مائو طرفان ماسڪو ڪانفرنس ۾ ايٽمي جنگ ذريعي عالمي سوشلزم جي
قيام جو تصور پيش ڪرڻ سان ٿيو. ڪانفرنس ۾ شريڪ ڪميونسٽ پارٽين، سوويت ڪميونسٽ پارٽي
۽ خروشچيف سميت اڪثريت ان تصور کي غير سائنسي، غير مارڪسي ۽ انساني قدرن جي منافي نظريو
قرار ڏيندي سختي سان رد ڪري ڇڏيو ۽ امن ۽ جنگ جي سوال تي پرامن بقاءِ باهمي جي لينن
جي پيش ڪيل پاليسي تي ثابت قدمي سان عمل ڪندو رهڻ ۽ ان کي اڳتي وڌائڻ جي قرارداد منظور
ڪئي. جنهن قرارداد کي رسمي طرح مائو به قبول ڪري ان تي صحيح ڪئي پر عملي طرح هن پرامن بقاءِ
باهمي جي لينني پاليسي کي قبول نه ڪيو ۽ ان جي پنهنجي مطلب واري تشريح ڪري سوويت يونين تي الزام
لڳا شروع ڪري ڏنا ته خروشچيف جي قيادت ۾ سوويت ڪميونسٽ پارٽي ترميم پسند پارٽي ٿي وئي آهي
(سوويت يونين پرامن بقاءِ باهمي جي پاليسي ذريعي آمريڪا سان گٺ جوڙ ڪري رهيو آهي ۽ طبقاتي جدوجهد
۽ قومي آزادي جي تحريڪن کي ماتو ڪرڻ چاهي ٿو. يعني مائو پرامن بقاءِ باهمي جي تشريح ائين ڪئي
ته ان مان مراد آهي بورجوازي سان ٺاهه ڪرڻ ۽ انقلابي جدوجهد تان هٿ ڪڍڻ. جيڪڏهن مائو جي
ان تشريح کي قبول ڪجي ته پوءِ اسان کي اهو به قبول ڪرڻو پوندو ته سڀ کان وڏو ترميم پسند خود
لينن هيو ڇو ته پرامن بقاءِ باهمي جو بنياد رکڻ وارو خود لينن هيو باقي خروشچيف ته ان کان پوءِ
جي دور ۾ سوويت ڪميونسٽ پارٽي ان لينني پاليسي تي پنهنجن تاريخي گهرجن پٽاندڙ عمل ڪندي رهي آهي.
دراصل سوويت يونين ١٩١٧ع کان اڄ تائين ان پاليسي تي ثابت قدمي سان عمل پيرا آهي. ان سموري عرصي ۾
(خروشچيف جي دور سميت) سوويت يونين مزدور تحريڪن ۽ قومي آزادي جي تحريڪن کي اڳتي وڌايو آهي
يا مائو ڪيو آهي؟ پرامن بقاءِ باهمي جي پاليسي جي غلط تشريح ۽ ان متعلق اهو موقف رکي مائو ۽ سندس مريدن
سوچي سمجهي روس کي بدنام ڪرڻ ۽ پنهنجي ايٽمي جنگ جي نظريئي کي صحيح ثابت ڪرڻ لاءِ پيدا ڪيو هو. جڏهن ته
امن، سوشلزم ۽ قومي آزادي جي تحريڪن جي باهمي ڳانڍاپي جي وضاحت لينن پاڻ به ڪئي هئي ۽ ڪميونسٽ پارٽين
جي بين الاقوامي ڪانفرنس ۾ ڪئي ويئي هئي. ١٩٦٠ع جي ڪانفرنس ۾ ان جي جيڪا وضاحت ڪئي وئي آهي جنهن ۾ چيو ويو ته
رياستن جي وچ ۾ پرامن بقاءِ باهمي مان مراد طبقاتي جدوجهد تان هٿ کڻڻ نه آهي جيئن ڪاله ترميم پسند ڪندا رهندا آهن. مختلف
سماجي نظام وارين رياستن جي وچ ۾ پرامن بقاءِ باهمي سوشلزم ۽ سرمائيداري جي وچ ۾ هڪ طرح جي طبقاتي جدوجهد
آهي. پرامن بقاءِ باهمي دوران سرمائيدار ملڪن ۾ طبقاتي جدوجهد کي ۽ نوآبادياتي ۽ محڪوم ملڪن جي عوام جي قومي آزادي
جي تحريڪ کي اڳتي وڌائڻ لاءِ سازگار موقعا فراهم ٿين ٿا ۽ پنهنجي پنهنجي جاءِ تي انقلابي طبقن ۽ قومي [illegible].

جنهن جي عاميابي پرامن بقاءِ باهمي کي ڏيندي آهي مختلف سماجي نظام وارن ملڪن ۾ پرامن بقاءِ باهمي جي معنيٰ سوشلسٽ ۽ بورجوا آئيڊيالوجي جي وچ ۾ مصالحت جي نه آهي. ان جي ابتڙ ان مان مراد مزدور طبقي ۽ سمورن ڪميونسٽ پارٽين جي سوشلسٽ تصورن جي اپائڻ لاءِ جدوجهد کي تيز ڪرڻ آهي ۽ رياستن جي باهمي تنظيمن ۽ سياسي تنازعن کي جنگ جي ذريعي هرگز حل نه ڪرڻ گهرجي" (ص ۴۹-۴۷ بين الاقوامي ڪميونسٽ تحريڪ جي ۱۹۶۰ع عمل). ان مان واضح ٿو ٿئي ته مائوچائوٽي وارا پرامن بقاءِ باهمي جي تصور کي بگاڙي ان کي طبقاتي مصالحت جي مترادف قرار ڏين ٿا - ان جو نتيجو اهو نڪرندو آهي ته مائو جي نظر ۾ ٽين ايٽمي جنگ ذريعي عالمي انقلاب برپا ڪرڻ جو تصور ڪنهن به صورت سان سوا۽ جيئن ته پرامن بقاءِ باهمي جي لينني تصور مائو جي ان تصور کي رد پئي ڪيو ان ڪري مائو الٽ سڌي طرح لينني تصور کي ننڌڻ لڳو ۽ ان جي متبادل طور پرولتاري عالمي انقلاب برپا ڪرڻ لاءِ ايٽمي جنگ جهڙو غير انساني غير مارڪسي تصور پيش ڪيو ۽ مائو پنهنجي روايت پٽاندڙ اهڙي انسانيت سوز تصور کي مارڪسزم جهڙي عظيم انساني آدرش تي ٻڌل نظريي سان مطابقت رکندڙ ۽ انسانذات جي ڀلائي وارو تصور ڪري پيش ڪيو جيئن ۾ شايع ٿيل هڪ ڪتاب ۾ مائو پرستن ايٽمي جنگ کان پوءِ جو منظر هن طرح پيش ڪيو آهي" سو پاڻ عوام تباهه ٿيندو. سامراج جي کنڊرن تي تمام تيزيءَ سان هڪ اهڙي انساني تهذيب جي تخليق ڪندو جيڪا سرمائيداراڻي سماج واري تهذيب کان هزار ڀيرا ترقي يافته هوندي ۽ عوام پنهنجي حقيقي معنيٰ ۾ خوبصورت مستقبل جي تعمير ڪندو" (Long live Leninism, P 23.

۽ مائو جي پنهنجي انداز جي مطابق اهڙو خوبصورت مستقبل تڏهن ۽ تعمير ڪرڻ لاءِ دنيا جي اڌ آبادي زنده نه هوندي يعني سامراجيت سان گڏ ڪئين ڪيترين ئي ننڍين قومن جو مڪمل نالو نشان ئي ختم ٿي ويندو ۽ وڏين قومن جي آباديءَ جو وڏو حصو موت سان همڪنار ٿي ويندو. جڏهن ننڍين قومن جي بقا لاءِ ٽين عالمي جنگ ۾ پنهنجي مڪمل وجود جي خاتمي جي امڪان ڏانهن اشارو ڪيو ته مائو پرستن بي رحمائي سان مشيني انداز ۾ جواب ڏنو" اهڙي جنگ لڳڻ جي صورت ۾ ننڍين قومن کي پنهنجا مفاد انسانذات جي عام مفادن جي تابع رکڻ گهرجن يا وري جيئن ته بيون قومون باقي بچنديون جڏهن ته سامراج جو مڪمل خاتمو ٿي ويندو (A Critique of Mao-Tse-Tung's Theoretical Conceptions, P. 109)

مائو جي ان انسانيت سوز، مارڪسسٽ مخالف نظريي جي جڏهن مخالفت تمام شدت سان ٿي ويئي ۽ مائو پرست سڄي دنيا ۾ بدنام ٿيڻ لڳا ته مائو پنهنجي ڏاهپ ۽ دانائي" جو مظاهرو ڪندي ساڳيو ئي نظريو نئين انداز سان پيش ڪرڻ لڳو. مائو ۽ لنڪس مڙيئي جوڙ ڪيا ته اسان کي اجايو بدنام ڪيو پيو وڃي، اسان عالمي جنگ جا حامي نه آهيون پر اسان جو چوڻ رڳو اهو آهي ته عالمي جنگ لڳڻ لازمي آهي جو ته ان جو دارومدار سامراج تي آهي ۽ سامراج طرفان اهڙي جنگ جو آغاز ڪرڻ اٽل آهي. ان موقف کي هٿي ڏيڻ لاءِ مائو پرست لينن جو اهو قول دهرائيندا آهن ته "جنگ سامراج جي فطرت ۾ شامل آهي".

مائو پنهنجي غير مارڪسي تصور کي مارڪسي لينني نظريي سان مطابقت رکندڙ ثابت ڪرڻ لاءِ هميشه مارڪس، اينگلس، لينن جي قولن جو سهارو وٺندو رهيو ۽ انهن کي پنهنجي اصل معنيٰ، مخصوص حالتن کان ڪٽي ۽ تاريخي دور کان ڪٽي الڳ ڪري انهن جي پنهنجي خواهش ۽ مطلب پٽاندر تشريح ڪندو رهيو. هن ... مائو لينن جي قول جو ساڳيو مشر ڪيو. مائو ان مخصوص تاريخي [illegible] ڪي جا [illegible] نظرانداز ڪري ڇڏيو جنهن تاريخي دور ۾ لينن اهو چيو ته سامراج سرواڻ جنگ بدران جي [illegible] اهو دور ۾ سوشلسٽ [illegible] جو ڪو وجود ڪونه هيو ۽ سڄي دنيا تي -

سامراجيت جا جيترا مڪمل طور حاوي هجڻ جنگ ٽڪر يا نه لڳڻ جو مڪمل دارومدار سامراجي ملڪن تي هوندو هيو پر موجوده تاريخي دور ۾ جيتوڻيڪ سامراج جي فطرت نه بدلي آهي پر هاڻي طاقتور سوشلسٽ بلاڪ جي وجود ۾ اچڻ کانپوءِ سامراج جي پنهنجي پسند پٺيان ڳالهيون ۽ دنيا کي بدلائڻ جي قوت محدود ٿي وئي آهي ۽ عالمي جنگ شروع ڪرڻ يا نه ڪرڻ جو مڪمل اختيار به سامراج جي هٿ ۾ نه آهي. اڄ ٽين عالمي جنگ جو امڪان نه ضرور موجود آهي پر اهو ضروري نه آهي ته اهو امڪان لازمي طرح حقيقت ۾ بدلجي وڃي يعني جنگ اٽل نه آهي. امڪان ۽ حقيقت جي جدليات انسان کي ٻڌائي ٿي ته هر امڪان لازمي طرح حقيقت ۾ تبديل نه ٿيندو آهي پر فقط اهڙا امڪان حقيقت ۾ تبديل ٿي ويندا آهن جن لاءِ حالتون سازگار هونديون آهن. موجوده تاريخي دور ۾ جنگ ٽڪرائڻ يا نه ٽڪرائڻ جي ٻن امڪانن ۾ ڪهڙي به هڪ امڪان جي حقيقت ۾ تبديل ٿي وڃڻ جو گهڻو دارومدار ٻن قوتن تي يعني جنگ پسند سامراجي قوتن ۽ امن پسند سوشلسٽ ۽ سامراج دشمن قوتن تي. ماضي قريب جي تاريخي ارتقا اهو ثابت ڪيو آهي ته امن پسند قوتن جو اثر روز بروز تيزيءَ سان وڌندو رهيو آهي. هڪ طرف عالمي پرولتاري تحريڪ ۽ سوشلسٽ بلاڪ وسيع ۽ طاقتور ٿيو آهي ته ٻئي طرف سامراج دشمن قومي آزاديءَ جون تحريڪون اوج تي آهن جيڪي جنگ پسند سامراج کي ڪمزور ڪري رهيون آهن. ٽئين طرف عمومي طرح سڄي دنيا ۽ خصوصي طرح سامراجي ملڪن جي عوام ۾ امن تحريڪون تمام تيزيءَ سان مقبول ٿيون آهن. حالتن جي ان وهڪري ثابت ڪري ڇڏيو آهي ته عالمي جنگ اٽل نه آهي ۽ ان امڪان کي گهٽائي حقيقت ۾ تبديل ٿيڻ کان روڪي سگهجي ٿو پر مائو امڪان ۽ حقيقت جي جدلياتي مقولي جو به صحيح اطلاق نه ڪيو. 1969ع ۾ چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ جي نائين ڪانگريس جي رپورٽ ۾ مائو چيو "عالمي جنگ جي سوال تي فقط به امڪان موجود آهن يا ته جنگ ذريعي انقلاب ايندو يا وري انقلاب جنگ کي ٽاري ڇڏيندو" مائو ٻن اهم امڪانن جي موجودگيءَ کان ئي بلڪل انڪار ڪري ڇڏيو. هڪ ان امڪان کي ته عالمي جنگ ذريعي انقلاب اچڻ بدران انسانيت جي تباهي آڻيندي جنهن نه نه فقط سياسي ٿيوريءَ پر سمورين سائنسي تحقيقن پڻ ان امڪان جي موجودگيءَ کي تسليم ڪيو آهي ۽ ان امڪان جي حقيقت ۾ تبديل ٿي سگهڻ جا ٺوس دليل فراهم ڪيا آهن. هاڻي ته خود سامراجي ملڪن به ان امڪان کي تسليم ڪري ورتو آهي ۽ ٻيو، ان امڪان کي ته عالمي انقلاب کان اڳ به مخالف نظام وارين رياستن جي وچ ۾ پرامن بقاءِ باهميءَ جي بنيادن تي عالمي جنگ کي ٽاري سگهجي ٿو. هن امڪان کي به سامراجي ملڪ هاڻي اصولي طرح تسليم ڪرڻ لاءِ مجبور ٿي چڪا آهن. مائو انهن ٻنهي امڪانن جي موجودگيءَ کان انڪار ڪري عالمي جنگ جي اٽل هجڻ ۽ عالمي جنگ ذريعي انقلاب جي تصور کي صحيح ثابت ڪرڻ ٿي چاهيو. پر عالمي ڪميونسٽ تحريڪ فوراً مائو جي انقلابي لفاظيءَ جي پردي ۾ پيش ڪيل عالمي جنگ ۽ عالمي انقلاب جي تصور کي غير مارڪسي قرار ڏئي رد ڪري ڇڏيو. 1969ع ۾ ڪميونسٽ پارٽين جي ڪانفرنس پنهنجو موقف پيش ڪيو ته "هڪ نئين عالمي جنگ کي سوشلسٽ ملڪن، بين الاقوامي مزدور طبقي، قومي آزاديءَ جي تحريڪن، سمورن امن پسند ملڪن، عوامي تنظيمن ۽ عوامي هلچلن جي گڏيل ڪوشش سان روڪي سگهجي ٿو." ان ڪانفرنس سڀني قوتن کي اپيل ڪئي ته اهي امن جي دفاع لاءِ متحد ٿي جدوجهد ڪن ۽ سامراج کي پرامن بقاءِ باهميءَ جي پاليسي تسليم ڪرڻ تي مجبور ڪن. (بین الاقوامی کمیونسٹ تحریک کی راہ عمل ص نمبر ۱۵)

ان موقف جي درست هجڻ جي وڏي ثابتي اها آهي ته سامراج پرامن بقاءِ باهميءَ جي پاليسيءَ کي هاڻي اصولي طرح قبول ڪرڻ تي مجبور ٿي چڪو آهي.

مائو جو اهڙي جنگ ذريعي عالمي انقلاب برپا ڪرڻ جو تصور عالمي انقلاب جي مارڪسي تصور جي بلڪل برخلاف آهي. عالمي انقلاب جو مارڪسي تصور اهو آهي ته هي دور سرمائيداريءَ

ڪان سوشلزم جي عبوري دور آهي جنهن ۾ ارتقائي عمل ذريعي مقداري تبديلين (يعني مختلف ملڪن ۾ جتي ۾
پرولتاري ۽ قومي آزاديءَ جي انقلابن ۽ سوشلسٽ سماجن جي تعمير) مان گذري ڪيفيتي تبديليءَ يعني
عالمي ڪميونسٽ سماج جي تعمير ، دور ۾ داخل ٿي سگهبو. ۽ اهو سمورو ارتقائي عمل، سماج
ترقي جي معروضي قانونن پٽاندر جاري و ساري رهندو آهي. سماجي ترقي جي معروضي قانونن کي اورانگهي
هڪ ئي چال سان ڪيفيتي تبديلي تائين پهچڻ جي ڪوشش سراسر خودڪشيءَ مترادف آهي. دنيا جي ڪا به تحريڪ
ترقي جي، سماجي قانونن کي اورانگهي ڪامياب نٿي ٿي سگهي. اهوئي سبب آهي جو مارڪسزم بين الاقوامي
پرولتاري تحريڪ جي ڪاميابيءَ لاءِ سماجي ترقي جي قانونن کي سمجهڻ ۽ ان مطابق عمل ڪرڻ کي اولين شرط
قرار ڏنو آهي. سماجي ترقي جي قانونن کان انحراف ئي بنياد عالمي انقلاب جو هڪڙو تصور ٽراٽسڪيءَ پڻ
پيش ڪيو هو جيڪو دراصل انقلاب جي برآمد جو تصور هيو جنهن کي لينن سختيءَ سان رد ڪيو هو.
ان تصور جو جيڪو حشر ٿيو ماؤ ان مان به نه پرايو ۽ الٽو ان کان به وڌيڪ خطرناڪ تصور
پيش ڪيو جنهن تي عمل ڪرڻ جو لازمي نتيجو انسانذات جي پيارڪ تباهيءَ جي شڪل ۾ نڪري ها.
سوويت يونين جي قيادت ۾ عالمي ڪميونسٽ تحريڪ
عالمي انقلاب ۽ جنگ ۽ امن جي سوال تي حقيقي مارڪسي ليننسي لائين تي هلندي ثابت قدميءَ
سان انسان دشمن ماؤسٽ ورداريءَ جي شديد مخالفت ۽ مزاحمت ڪئي. اهم تاريخ عالمي
ڪميونسٽ تحريڪ جي اختيار ڪيل لائين جي صحيح هجڻ جي مڪمل تصديق ڪري چڪي آهي. جڏهن
ماؤ ازم ۽ سندس پوئلڳن کي تاريخ تيزيءَ سان فنا ڪري رهي آهي.

ضياءَ جو موت

پاڪستان تي يارهن سال زوريءَ راڄ ڪندڙ آمر ضياءَ جو هوائي جهاز جي حادثي ۾ موت هڪ اهڙو موت آهي جيڪو ٽين دنيا جي فوجي آمرن لوڙ ي سامراجي دلال سياستدانن لاءِ هڪ عبرت ناڪ سبق آهي. ڇاڪاڻ ته ضياءَ کي موت جي منهن ۾ اهڙين قوتن ڌڪيو آهي،

جن جي سامراجي مفادن لاءِ ضياءَ پنهنجي پوري آمريت جي دور ۾ بنا ڪنهن شڪ ۽ شبهي جي هڪ فرمانبردار فرد جيان بلڪل ديانتداريءَ سان مصروف رهيو. پر ان هوندي به نهايت ئي ذلت جي موت ماريو ويو. سوال اٿي ٿو ته اهڙي فرمانبردار فرد کي سندس ئي سرپرست قوتن اهڙيءَ بي دردي سان موت جي منهن ۾ ڇو ڌڪيو آهي؟ جڏهن ته ضياءَ جهڙي ريت سامراجي مفادن لاءِ ڪٺ پتلي رهيو هو، جهڙي طرح سامراجي مفادن جي علائقائي طور رکوالي جي ضمانت ٿي چڪو هو. اهڙو شايد ئي ٻيو ڪو ٿي سگهيو ٿي. هن ڳالهه تي جڏهن اسان پنهنجي نظر وجهون ٿا ته تڏهن اسان کي هڪ واضح ۽ چٽو جواب ملي وڃي ٿو. سامراج جي اها پراڻي حڪمت عملي رهي آهي ته هو پنهنجن وفادار ڪٺ پتلين ما ٺهن مان گهربل ڪم ڪرڻ کانپوءِ انهن کي اهڙو ئي ذليل ڪري ماراڻيندو آهي جهڙو شاهه ايران، مارڪوس، ضياءَ ۽ بين اعتماد جوڳن ماڻهن کي ذلت جي موت ماراڻيندو آهي. اهو ان ڪري جو آمريڪي سامراج جي حقيقي دوستي ڪن فردن سان نه پر پنهنجن مستقل سامراجي مفادن سان لاڳاپيل رهندي آهي. اهو ئي سبب آهي جو جڏهن به ڪو حڪمران سامراجي مفادن لاءِ ڪارگر نه رهندو آهي يا انهن مفادن جي معاملات ۾ رڪاوٽ جو ڪارڻ ٿي پوندو آهي. تڏهن ان کي ذليل ڪري ماريندي دير نه ڪندو آهي. سامراج جي طرفان ضياءَ کي افغان انقلاب ۽ ايران عراق جنگ ذريعي ملڪ جي اندر ترقي پسند، قوم پرست ۽ جمهوريت پسند قوتن جي خلاف مسلسل ڏهه سال استعمال ڪرڻ کانپوءِ هاڻي ان جي پاليسين ۾ اها سگهه ڪانه رهي هئي جو انهن جي ذريعي سامراجي مفادن کي وڌيڪ وقت لاءِ حقيقي تحفظ ملي سگهي. ڇاڪاڻ ته ڏکڻ ايشيا ۾ بدلجندڙ صورتحال هيٺ سامراجي مفادن کي تحفظ ڏيڻ لاءِ آمريڪي سامراج کي هڪ نئين مهري جي ضرورت آهي. افغانستان مان سوويت فوجن جي واپسي لوڙ ي ايران عراق جنگ جي خاتمي کانپوءِ هن خطي ۾ آمريڪي سامراج جي حڪمت عملي نئون رخ اختيار ڪرڻ واري آهي. جنهن لاءِ ضياءَ جي پراڻي گهٽل پيپلز شخصيت ۽ اسلامي پاليسي قابل اعتماد ۽ پروسي جوڳي نه رهي آهي. ضياءَ جي يارهن سالن جي اسلامي نظام وارو ڍنڍورو ماڻهن جي اکين اڳيان اگهاڙو ٿي چڪو آهي. جنهن ڪري اهڙي جارحيت باقي ڪانه رهي آهي. جنهن تحت وڌيڪ وقت لاءِ عوام کي بيوقوف بنائي سگهي. جنهن ڪري آمريڪي سامراجي مفادن جي تقاضا اها پيئي آهي ته پاڪستان جي حڪمرانن جي پراڻي شڪل کي تبديل ڪيو وڃي. هونءَ به ڏٺو ويو آهي ته جديد بينڪي ملڪن جي سياسي تبديلين جي پٺيان آمريڪا ۾ سياسي تبديلين جي ڪارفرمائي وڌيڪ رهي آهي. آمريڪا ۾ جيڪڏهن ريپبلڪن پارٽي اقتدار حاصل ڪندي آهي ته جديد بينڪي ملڪن ۾ مارشلائون لڳنديون آهن جنهن تحت هٿيارن جي دوڙ وڌي ويندي آهي ۽ ريپبلڪن پارٽيءَ جي سرپرستي ڪندڙ آمريڪي سرمائيدارن جا هٿيار وڪرو ٿيڻ لڳندا آهن. پر جيڪڏهن ڊيموڪريٽڪ پارٽي اقتدار ۾ ايندي آهي ته جديد بينڪي ملڪن ۾ انهن ملڪن جمهوري عنصرن کي اڳتي آندو ويندو آهي ۽ ڊيموڪريٽڪ پارٽي جي سرپرستي ڪندڙ آمريڪي سرمائيدارن جي مصنوعات جي مارڪيٽ وڌندي آهي. جنهن تحت مصنوعات تيار ڪندڙ اجاريدار سرمائيدارن جي سرمائي جي ذريعي محڪوم ملڪن ۽ قومن جي سامراجي فرمارٽ ويندي آهي. ۽ جيئن ته آمريڪي عوام تي ريپبلڪن پارٽيءَ کي مسلسل ڏهه سال حڪومت ڪرڻ جو وارو مليو آهي جنهن سموري عرصي دوران آمريڪي سامراج هٿيارن جي دوڙ ۽ وڏي جنگي ماحول پيدا ڪيو آهي. جنهن مان وڏي پيماني تي هٿيارن جي صنعت جي مالڪ سرمائيدارن نفعو ڪمايو آهي.

پر هاڻي کانپوءِ آمريڪي سامراج مصنوعات تيار ڪندڙ اجاريدار آمريڪي سرمائيدارن جي فرمارجي وات کولڻ لاءِ جديد بينڪي ملڪن جي

حڪومتن جون شڪليون تبديل ڪرڻ گهري ٿو. جيئن ڪ آمپي شاهي يا فوجي راڄ هجي. انهي اندر ئي منڊي جمهوريت بحال ڪرائي هٿيارن سان گڏو گڏ مصنوعات جي سرمائيدارن کي به فرمار جو موقعو ڏيڻ چاهي ٿو. چاڪاڻ ته آمريڪي سامراج جي هٿيارن ئي روز ڏينهن جي ڪري عالمي منڊيءَ ۾ آمريڪي سامراج تي جپاني سامراج حاوي ٿي رهيو آهي. جنهن ڪري آمريڪي سامراج کي گهٽيءَ ۾ وڃي ڇڏيو آهي ته اهو پنهنجي مصنوعات جي آمريڪي اجاريدار سرمائيدارن کي عالمي منڊيءَ تي قابض ٿيڻ جا موقعا مهيا ڪري ڏئي. پاڪستان جي موجوده بيهڪ ۾ جنرلن کي اقتدار کان پري رکڻ ناممڪن آهي پاڪستاني جنرل اقتدار تي ويهڻ حڪومت ڪرڻ پنهنجو حق سمجهن ٿا. اهوئي سبب آهي جو يارهن سالن جي حڪومت ڪرڻ جي باوجود اقتدار کي نه ڇڏڻ واري روش عوام ۾ بيچيني پيدا ڪري ورتي ته ڪجهه ضيا حڪومت جو ڪري ياڪو ضيا کي ئي پاڪستان تي راڄ ڪرڻ جو ڪهڙو حق ڏنو آهي. ان جي ابتڙ بين جرنلن کي به حڪومت ڪرڻ جو اهڙو ئي حق آهي. تنهن ڪري جيڪڏهن ضيا متوافقت سان اقتدار تان نٿو هٽي ته ڪيس زوري به اقتدار کان هٽايو وڃي. اهوئي سبب آهي جو جونيجو کي وزير اعظم هجڻ جي حيثيت ۾ آمريڪي ٽوڙڻي فوج جي منيا مخالف لابي طرفان اهڙي هدايت ڪئي وئي هئي ته ضيا کي چيف آف آرمي اسٽاف جي عهدي تان هٽايو وڃي ته جيئن ڪنهن بئي جنرل کي ان جي جاءِ تي بيهاري ڪراچي پر انهن ڳالهه جي ضيا کي سڌ پئجي وئي ۽ ان جونيجو کي وزير اعظم جي عهدي تان هٽائي ڇڏيو ۽ اهڙي طرح پاڻ کي بچائي ورتو. نتيجي ۾ جونيجو حڪومت جي خاتمي ۽ جنرلن ضيا جي خلاف سازش شروع ڪري ڇڏي پر ڪو اڪيلي ضيا کي هٽائڻ ناممڪن نه ڪنهن متوقع مزاحمت جو انديشو هوندي ڪري هڪ مڪمل منصوبابندي تحت ضيا جي پوري ٽوڙي ئي گهيرو ڏنو ويو آهي ته جيئن نه هجي بانس نه وڄي بانسري.
اهڙي طرح آمريڪي سامراج پاڪستاني فوج اندر تضادن کي استعمال ڪندي ضيا ۽ سندس ٽولي کي في الحال ڪٽرائي ڇڏيو آهي. جنهن ڪري هن وقت صورتحال وچ ۾ جيڪا بيٺي آهي ان مطابق پاڻ فوج ۾ هلندڙ تضادن هيٺ ضيا جو حمايتي ٽولو فوجي ڪوپ جي ذريعي حڪومت تي قبضو ڪري وٺي ياهلاڪي جي موجوده صورتحال کي جيئن جو تيئن رکندي فوج عارضي طور حڪمراني تي انڌي منڊي جمهوري شڪل کي آڻيان آئي جنهن لاءِ فوج ٽوڙي آمريڪا لاءِ سڀ کان وڏي ڪارگر قوت پي پي پي جي آهي چاڪاڻ ته فوج ڪابينه پي پي پي کي اهڙي عوامي قوت آهي جيڪا فوج، حاڪم پنجاب ۽ آمريڪي سامراج جي مفادن جو سٺي نموني تحفظ ڪري سگهي ٿي. چاڪاڻ ته بي نظير اقتدار حاصل ڪرڻ واري دوڙ ۾ اڳتي وڃي آمريڪا کي يڪ ڏياري چڪي آهي ته اها اقتدار ۾ اچڻ ڪابينه ته رکو هن خطي ۾ علائقائي سامراجي مفادن جو تحفظ ڪرڻ لاءِ تيار آهي پر انهي پروگرام کي به رد ڪرڻ لاءِ تيار آهي. ٻئي پاسي بي نظير فوجي ٽولي لاءِ به قابل قبول آهي چاڪاڻ ته فوج جي سرپرستي هيٺ رهي بي نظير هر اهو ڪم ڪرڻ لاءِ تيار آهي جيڪو پنجابي فوج ۽ پنجابي حڪمران طبقن کان ڪرائڻ گهري ٿو. ۽ جيئن ته پنجاب ۽ پنجابي حڪمران طبقي ٽوڙي پنجابي فوج لاءِ موجوده وقت ۾ سڀ کان وڏو خطرناڪ مسئلو سنڌ جي قومي جدوجهد رهي آهي، انڪري پنجابي فوج بي نظير جي ڪلهي تي بندوق رکي سنڌ جي قومي ۽ انقلابي جدوجهد کي ڪچلڻ ۽ چيپاڻڻ گهري ٿي.
ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته سامراج ۽ ان جي چارئي پنجاب وٽ سنڌ جي قومي ۽ انقلابي جدوجهد کي ڪچلڻ لاءِ ٻه رستا آهن. هڪ پي پي پي کي فوج جي سرپرستي هيٺ حڪومت ۾ آڻي ان جي ڪلهي تي بندوق رکي سنڌ جي ترقي پسند انقلابي ۽ قومپرست جدوجهد کي ڪچلي سگهجي ٿو. پر جيڪڏهن فوج ۽ سامراج کي سنڌ جي قومي جدوجهد تي هڪ وڏو ۽ ڀرپور وار ڪرڻو آهي ته پوءِ ٻيو رستو اختيار ڪيو ويندو. جنهن تحت مڪمل فوجي راڄ قائم ڪري ٻيهر هن پيري مارشل لا لاڳو ڪري اختيار ۽ اقتدار حاصل ڪرڻ لاءِ ڪاهه لڳائي ويندي چاڪاڻ ته فوج کي اقتدار ۾ اچڻ لاءِ ضيا آئيني رستو کلي ويو آهي ان ڪري اها مارشل لا لاڳو سنڌي عوام جي خلاف لڳائي ويندي. ان وقت سنڌ جي آزادي پسند، ترقي پسند ۽ انقلابي قوتن تي ڀرپور وار ڪيو ويندو. اهو ان ڪري به جو آمريڪي سامراج افغانستان ۾

(هلندڙ: باقي ٻي قسط ۾)

ايران عراق جنگ ۾ هار کائڻ کانپوءِ پنهنجن سامراجي مفادن جي مستقبل جي جنگ سنڌ ۾ وڙهڻ گهري ٿو
پر سامراج کي سنڌ جي مظلوم عوام جي قومي آزاديءَ جي تحريڪ هٿان اڳي پوءِ شڪست کائڻي پوندي .
جاڪاڻ ته سنڌ جو قومي تضاد پاڪستان جي وجود جي خاتمي جي گهڻي بنجي وڃڻ لڳو آهي . اهڙي صورتحال ۾
سنڌ ۽ سنڌي عوام جي خلاف مستقبل ۾ حڪمران طبقو نه رڳو پنهنجي جبر جي ادارن کي استعمال ڪندو
پر پڻ اينٽي سازشن جو جار وڇائي اقتدار پرست قوتن کي اقتدار جي لالچ ۾ استعمال ڪندي سنڌ جي
قومي ۽ انقلابي جدوجهد کي گهرو لڙائي ۾ تبديل ڪرڻ جي پڻ هر ممڪن ڪوشش ڪندو پر ترقي
پسند انقلابي ۽ قومپرست قوتن کي متحد ٿي، سامراج جي هن چال کي ناڪام ڪرڻو آهي ۽ سنڌ
جي عوام جي آزادي پسند ۽ انقلابي جدوجهد کي سوپارو ڪرڻو آهي .

سنڌ دوست انقلابي تنظيم

نظرياتي پروگرام ۽ پاليسي

1- پروگرام :-

(الف) سنڌ جي قومي آزادي (سياسي، اقتصادي، ثقافتي ۽ جاگرافيائي) لاءِ جدوجهد ڪرڻ.

(ب) آزاد سنڌ ۾ سائنسي سوشلزم لاءِ جدوجهد ڪرڻ.

(الف) قومي آزادي :-

(i) سياسي آزادي :- سنڌ جي سياست جو مڪمل ڪنٽرول سنڌي عوام جي هٿ ۾ رهي. سنڌ داخلي ۽ خارجي طرح پنهنجي ملڪي معاملن ۾ خودمختيار ۽ آزاد هجي.

(ii) اقتصادي آزادي :- ڌارين استحصال جو خاتمو ڪري سنڌ جا سمورا پيداواري وسيلا سنڌي ماڻهن ۽ سنڌ ملڪ جي ترقيءَ لاءِ استعمال ڪيا ويندا.

(iii) ثقافتي آزادي :- ڌارين ثقافت جي غلبي جو خاتمو ڪري سنڌ جي ثقافت جي تخليقي صلاحيتن ۽ ترقي پسند پهلوئن کي اڀرڻ جو موقعو مهيا ڪرڻ ۽ ثقافتي ترقيءَ کي تيز ڪرڻ.

(iv) جاگرافيائي آزادي :- سنڌ کي مڪمل عليحده رياست جي حيثيت سان دنيا کان تسليم ڪرائڻ.

(ب) سوشلزم :-

سنڌ دوست انقلابي تنظيم آزاد سنڌ اندر سوشلزم جي انهن بنيادي تصورن جنهن ۾ اسٽيٽ سوشلزم ۽ ميڪنزيڪلزم گلب سوشلزم ۽ مائوازم کي رد ڪندي سنڌ جي معيشت جي تعمير مارڪسي- ليننسٽ اصولن جي هيٺين بنيادن تي ڪندي (i) محنت (ii) صلاحيت (iii) اجورو (iv) رياست (v) پروليتاريه ڊڪٽيٽرشپ جن بنيادن تي اڳتي وڌندي ۽ سنڌ جي سماج کي ڪميونسٽ معاشري ۾ تشڪيل ڪيو ويندو.

٢- پاليسي :-

(الف) سنڌ دوست انقلابي تنظيم سنڌ جي انقلاب جي حقيقي قوت مزدورن، هارين ۽ هيٺين وچولي طبقي کي سمجهي ٿي.

(ب) سنڌ دوست انقلابي تنظيم سامراج دشمن تحريڪن جي خارجي توڙي داخلي محروميءَ ماتحت عملي حمايت ڪندي ۽ هر سامراج دوست تحريڪ کي رد ڪندي.

پڙھندڙ نَسُل . پ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏھاڪي ۾ عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏھاڪي ۾ وري ماڻِڪَ "لُڙھندَڙ نَسُل" نالي ڪتاب لکي پنھنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏھاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آھي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو ھوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

ھر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙھندَڙ، ڪَڙھندڙ، ڪُڙھندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪائُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙھندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگھجي ٿو، پَر اسان اِنھن سيني وِچان "پڙھندڙ" نسل جا ڳولائو آھيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ٺاھي ورھائڻ جي وسيلي پڙھندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجھَڻ ۽ ھِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَھڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙھندڙ نَسل (پَنَ) ڪا ٻہ تنظيمَ ناھي. اُنَ جو ڪو ٻہ صدر، عُھديدار يا پايو وِجھندڙ نہ آھي. جيڪڏھن ڪو ٻہ شخص اھڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُھو ڪُوڙو آھي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏھن ڪو اھڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُھو ٻِ ڪُوڙو آھي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٹَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَّ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي ڪي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٽي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڃاٽن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چوء چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)